

جيئڻ جنين ڪاڻ
ڪهاڻيون
اقبال بلوچ
SAMBARA
PUBLICATION HYDERABAD

# جيئڻ جنين ڪاڻ

(ڪهاڻيون)

## اقبال بلوچ

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب نمبر (34)

ڪتاب جو نالو: جيئڻ جنين ڪاڻ

موضوع: ڪھاڻيون

ليکڪ: اقبال بلوچ

ڇاپو: نومبر 2016ع

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: شاھزيب ميمڻ/لطيف ڳڙيو

ٽائيٽل: عرفان ميمڻ

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گھٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

ملھہ: 200 روپيا

JIAN JANEN KAAN

(short stories)

By: Iqbal Baloch

Sambara Publication Hyderabad

Cell: 03003513966_03163068979

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پٺائي ڪتاب گھر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد. قليچ ڪتاب گھر سنڌ لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گھر شڪارپور سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس ٽر ڪتاب گھر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (327) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”جيئڻ جنين ڪاڻ“** ليکڪ ۽ شاعر **اقبال بلوچ** جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

”سڃاڻ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نويس اقبال بلوچ پنهنجي وس آهر وقت بوقت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن جون زينت پڻ بڻيون آهن، هن جي لکڻ جو اسلوب منفرد ۽ نرالو به آهي هو ڪهاڻين جي روايتي تقاضائن کان هٽي ڪري پنهنجي هڪ منفرد انداز سان داخلي ۽ خارجي واقعن کي ڪهاڻين ۽ افسانن جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اقبال بلوچ جي هن ڪتاب ۾ جتي معاشري جي منفي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اتي سندس داخلي ڪيفيتن جي اُپٽار جا به عڪس جهلڪندي نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻيون پڙهندي ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ ذڪر ڪيل واقعا ۽ قصا سندس ذات سان لاڳاپيل هجن، ائين ڪٿي چئجي ته سندس ڪهاڻيون اقبال بلوچ جي آتم ڪٿا جا ڪجھ پاسا آهن جن کي هو اجا به سهٽي انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڀرپور سگھه رکي ٿو.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن** پاران نومبر 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوستن ۽ سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي، ٿورا سائين اقبال بلوچ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**

**مئنيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

**books.sindhsalamat.com**


-

# ارپنا

**بابا سائين جي نانءُ**

جنهن وٽ شاهوڪاري هوندي بہ اهو اسان کي غريب ڪري ويو

**پنهنجي جيون ساٿياڻي (زال) جي نانءُ**

جنهن منهنجي غربت واري وقت ۾ منهنجو ساٿ ڏيئي مونکي شاهوڪار ڪيو.

**۽ پنهنجي پُٽ سرواڻ جي نانءُ**

جنهن منهنجي پيڙهي وڌائي آهي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. اداري پاران | (ساجد سنڌي) | 08 |
| 2. مهاڳ | (زيب نظاماڻي) | 09 |
| 3. راءِ | (مٺل جسڪاڻي) | 20 |
| 4. تلهار جو قابل فخر فرزند | (ناصر بلوچ) | 29 |
| 5. پنهنجي طرفان | | 30 |
| 6. اڏڙوٽ دوست | | 32 |
| 7. جهرمر جهرمر ڪهڪشان | | 33 |
| 8. اڌورا خواب | | 35 |
| 9. نماڻي جا نيڻ | | 40 |
| 10.پيار جي ورهاست | | 42 |
| 11.جيئڻ جنين ڪاڻ | | 45 |
| 12.ڪلها ننڍا بار وڏا | | 52 |
| 13.سهڻي ۽ پارس | | 55 |
| 14.عظيم فنڪار | | 59 |
| 15.باجي | | 63 |
| 16.تسبيح مڻيادار | | 66 |
| 17.پهريون پيار | | 68 |
| 18.سون سستو ماني مهانگي | | 72 |
| 19.دفن ٿيل راز | | 75 |
| 20.ان باڪس ڪچهري | | 78 |
| 21.مري جيئاري ويو | | 82 |

| | |
|---|---|
| 22.پياري تنهنجي پريت | 85 |
| 23.نينهن نپايا جوين تون (سرائيڪي ڪهاڻي) | 89 |
| 24.جهوري جنهن جندڙي | 95 |
| 25.جي ترسي پوين ها | 97 |
| 26.ماڻهو جو پڇو | 98 |
| 27.دعائون | 99 |
| 28.آءُ بيوه آءُ غريب | 100 |
| Death Case.29 | 101 |
| 30.ٽريفڪ چالان | 103 |
| 31.شهر جي هڪ ڇوڪري | 104 |
| 32.ويران حويلي | 109 |

# اداري پاران

موجوده دور جي سنڌي ادب ۾ خاص طور ڪهاڻين جي کوٽ شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي، توڻي جو ماضيءَ ۾لکيل سنڌ ادب جون شاهڪار ۽ شاندار ڪهاڻيون اڄ به پڙهندڙن جي ذهنن ۾ نقش ٿيل آهن جن کي بار بار پڙهندي به اڄ اجهاڻ جو نانءُ نٿي وٺي، اهو ئي سبب آهي جو انهن ڪهاڻيڪارن جو نانءُ اڄ به بهترين قلمڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ پڻ ڪهاڻيڪار وٽ آهر ڪهاڻين کي نئين گهاڙيٽي سان لکڻ جي ڪوشش ۾ محو آهن، هو انهن ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيا آهن اهو ته وقت ئي پڌائيندو پر موجوده حالتن جي پٽاندڙ اسان کي پنهنجي پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو هميشه اهو باور ڪرائيندو رهي ٿو ته انهيءَ کوٽ جي پورائيءَ لاءِ پاڻ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. سچاڻ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نويس اقبال بلوچ پنهنجي وس آهر وقت بوقت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن جون زينت پڻ بڻيون آهن، هن جي لکڻ جو اسلوب منفرد ۽ نرالو به آهي هو ڪهاڻين جي روايتي تقاضائن کان هٽي ڪري پنهنجي هڪ منفرد انداز سان داخلي ۽ خارجي واقعن کي ڪهاڻين ۽ افسانن جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اقبال بلوچ جي هن ڪتاب ۾ جتي معاشري جي منفي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اتي سندس داخلي ڪيفيتن جي اُپٽار جا به عڪس جهلڪندي نظر اچن ٿا، سندس ڪهاڻيون پڙهندي ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ ذڪر ڪيل واقعا ۽ قصا سندس ذات سان لاڳاپيل هجن، ائين ڪٿي چئجي ته سندس ڪهاڻيون اقبال بلوچ جي آتم ڪٿا جا ڪجهه پاسا آهن جن کي هو اجا به سهڻي انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڀرپور سگهه رکي ٿو، ڪهاڻيڪار اقبال بلوچ جون ڪهاڻيون پڙهندڙن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ جي تقويت پڻ رکن ٿيون جيڪا هڪ ڪهاڻيڪار لاءِ نهايت مثبت سوچ طور نمايان ٿئي ٿي، ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۾ اقبال بلوچ جو ڪردار نهايت واکاڻ جوڳو آهي، سندس ڀيرين ٻن ڪتابن"سانول جا سور" ۽ "اي منهنجي شهر جي متي" کانپوءِ سندس ڪهاڻين جو هي ٽيو مجموعو "" پڻ اڳ جيان پڙهندڙن جي دلين ۾ جڳهه والاريندو ۽ هو پنهنجي ذات ۾ ڏانوَ آڏار اچان به وڏيڪ قلمي پورهيو ڪتابن جي صورت ۾ سنڌي ادب کي ارپيندو رهندو. سمبارا پبليڪيشن پاران اقبال بلوچ جي هن ڪهاڻي ڪتاب جي اشاعت تي پڻ نهايت سرهائي محسوس ڪجي ٿي. اميد ته اڳ جيان هي رنگ به ضرور پسند ايندو.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**

# مهاڳ

## سونهن سچ سنسار ۽ پيار

انساني ارتقائي تاريخ جي پنن تي واضح طور لکيل آهي تہ انسان ذات ۾ اظهار جو شعور هن جي پيدا ٿيڻ سان ئي پيدا ٿيو چاڪاڻ تہ انسان جڏهن هن دنيا ۾ پهريون ساهہ کڻي ٿو تہ هو روئڻ سان پنهنجي آمد جي پڪ ڏياري ٿو، اِهو روئڻ ئي هن جي صحيح صالم ۽ صحتمند هجڻ جي پهرين نشاني ليکجي ٿي ۽ پوءِ هو روئڻ سان گڏوگڏ ٺهڪ ڏيڻ سکي وٺي ٿو، ماءُ جو مَن موهہ چهرو هُن جي مٺي آواز ۾ مٺي لوليءَ جا ٻول جڏهن سندس ڪنن ۾ پُرن ٿا تہ هو هٿ پير هڻندي چپن تي مُرڪ آڻي ماءُ سان پيار جو اظهار ڪري ٿو، اِها مُرڪ جڏهن ٽهڪڙن جا ويس اوڍي وايو منڊل ۾ گونجي ٿي تہ زندگي پنهنجي حسن جا پرتوا ڌرتيءَ تي ظاهر ڪندي نظر اچي ٿي، انهن ئي لولين جي ٻولن کي ڪنائي هو نہ رڳو مهذب ٿيو پر علم ادب ۾ بہ شاهوڪار ٿيو،

ادب جي ڌرتيءَ تي پهريون فصل شعر جو پوکيو ويو جنهن جي ابتدائي صورت ماءُ جي لولي، ڳيچ سهرا ۽ لاڏا آهن، ڪو ڏاٽا ۽ ڪامن آهن، ڏهر ۽ ڏور آهن، درد جا گيت، خوشيءَ جا گيت ۽ پوءِ جيئن جيئن انساني شعور جو سج نروار ٿي ڌرتي کي روشن ڪرڻ لڳو تہ هن شعر و شاعريءَ ۾ تہ هزارين تجربا ڪيا پر هن پنهنجي ڏات جا موتي نثر جي ميدان تي بہ پکيڙڻ شروع ڪيا، لوڪ داستانن، مذهبي آکاڻين، سورمن جي قصن، جنن پرين جي ڪهاڻين ۽ ڪٿائن سان نثر نويسيءَ جي شروعات ڪئي، سنڌو ماٿري جي تهذيب بہ پنهنجي ارتقائي قدامت جي لحاظ کان ڏهہ هزار سال پراڻي تهذيب ليکجي ٿي، هن ماٿري تي سرجندڙ تخليقي ادب بہ سينہ بہ سينہ پيڙهين ۽ پيانن ۾ سگهڙن وٽان منتقلي جي عمل مان گذرندو رهيو ۽ اڳتي هلي باقاعده ادبي صنفون ڌار ڌار صورتون اختيار ڪري اسان آڏو اچي ويون، سنڌي ڪهاڻي جي ابتدائي صورت بہ عشقہ داستانن ديوين ۽ ديوتائن راجا ماه راجا جي دورن، سورمن ۽ سورمين جي ڪٿائن جي صورت ۾ ملي ٿي، هر دوُر جي ڏات ڌڻين پنهنجي ڏات ۽ تخليقي پورهئي سان پنهنجا پنهنجا نوان گهٽ ۽ گس ڳولهي لڌا،

هر هڪ تخليقڪار پنهنجي پنهنجي اصلوب سان پنهنجي ڌار سڃاڻپ جوڙيندو رهيو، جيئن ته اها هڪ واضح حقيقت آهي ته ليکڪ سماج جو عڪاس ۽ تاريخدان هوندو آهي ته معلم ۽ مبلغ به هوندو آهي، هو پنهنجي قلم جي اک سان ماضي حال ۽ مستقبل ۾ اُسرندڙ، وسرندڙ ۽ اُپرندڙ لاڙن کي چٽي ريت ڏسي سگهندو آهي، هن وٽ سگهاري ڏات سان گڏ، ڌرتيءَ جا مڙوئي رنگ محنت ۽ محبت جي چُنيءَ تي چٽيل هوندا آهن، ڏات تي ڏانوَ جڙ سون تي سُهاڳو ۽ اُن سان گڏوگڏ حساس دل به رکندڙ هُجي سونهن، سچ ۽ سنڌ سان پيار ڪندڙ هُجي ته سندس ڏات ڏهوٽي ٿيو پوي، حساس دل قلمڪار پنهنجي ذات جي جنگ گهٽ پر سماج جي جنگ وڌيڪ وڙهندو آهي ۽ پوءِ پنهنجن پروان جا گهاءُ سهندو اڳتي وڌندو رهندو آهي، هو رڙهي رڙهي رڙهندو، وڙهي، وڙهي وڙهندو رهندو آهي، درد ۽ پيڙاءُ کي نت نئين پيڙائي جي هن تخليقن جا ويس اوڍائي عام آڌو آڏيندو آهي، ”وڏيل ٿي وايون ڪري ڪُنل ڪوڪاري“ پيڙائي جي هن سٽ ۾ هڪ حساس دل جي پوري ترجماني ٿيل آهي، ماڻ مطالعو ڪندي فڪر ڦرهي هٿ ۾ ڪري سوچ ۽ سمجهه ۾ نت نوان گس ڳولهي لهي ٿو، هو پنهنجي درد کان وڌيڪ ڌرتيءَ جي درد کي محسوس ڪري ٿو، اهو ئي انسان حقيقي معنيٰ ۾ حساس هوندو آهي، پنهنجي وجود ۾ چونڊڙي ته هر ڪنهن کي تڪليف ڏيندي آهي ۽ هو اُن جي موٽ ۾ دانهون ڪوڪون ڪري ٿو، وڏيل جون دانهون ڪنل جون ڪوڪارون ٻڌجي پنهنجي دفاع ۾ ويڙهه به ڪندو آهي پر ڌرتيءَ جي سيني تي لڳل گهاءُ اُنهن کي روئاڙيندا آهن جيڪي سچا ۽ حساس دل انسان هوندا آهن. اسان سپني جي ڌرتي ماءُ سنڌ جنهن جي پيڙاءُ پيڙائي کان سچل تائين، سچل کان استاد بخاري، تاجل بيوس ۽ شيخ اياز تائين، محمد خان مجيدي کان ابراهيم منشي تائين ۽ ڪهاڻي ڪيتر ۾ سنڌي ڪهاڻي جي بوجتي ابتدا ڪئي، لطف الله بدوي، شيخ اياز، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ ستار، الطاف حسين قادري، عبدالله عبد، رام پنجواڻي، گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچنداڻي جا نالا سرفهرست آهن، سوڀي گيانچنداڻي هڪ هنڌ تقرير ڪندي چيو هو ته 1940ع تائين اسان وٽ سنڌ اندر طبعذار ڪهاڻيون صرف پنج يا ڇهه ڪن لکيون ويون باقي سڀ ترجمو ڪيل ڪهاڻيون هيون، جن ۾ پاڻ سوڀي گيانچنداڻي جي ڪهاڻي جيڪا 1939-1942 جي ڪهاڻي آڪيري جو سفر جنهن ۾ ڏهه پنڌرنهن

ڪردار آيل آهن هن ڪهاڻي ۾ ڪو به هيرو نہ آهي، 1943- 1942 ڌاري نئين دنيا رسالي ۾ شايع ٿي.

ڏهن سالن کان پوءِ سوڀي گيانچنداڻي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ۾ پنهنجي لکيل ڪهاڻي ڪڏهن بهار ايندو پيش ڪئي، هن ڪهاڻيءَ ۾ وچولي طبقي جا مسئلا بيان ڪيل هُئا، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر جي ڏس ۾ ڏسجي تہ موضوع جي لحاظ کان اڄ بہ ڪهاڻي اُتي ئي بيٺي آهي، يعني سماجي وچولي طبقي جي مسئلن جي ارد گرد ڪهاڻي گهمي رهي آهي، وري اسان تاريخ جي دريءَ مان جهاتي پائي ڏسنداسين تہ 1943ع ڌي جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌ سرڪل جو بنياد پئجي رهيو آهي، جنهن جوصدر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گُر بخشاڻي آهي، پروفيسر رام پنجواڻي اُن جو چيئرمين مقرر ٿئي ٿو، اهي ٻئي سچا هڏ ڏوکي سنڌي ٻولي جا خادم پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان سنڌي ٻوليءَ کي انيڪ تخليقون ۽ تحقيق جي صورت ۾ ٻي بها خزانو ڏين ٿا، 1947ع ۾ ورهاڱي جتي ڌرتيءَ کي ٻَپيا ڪِيا ڪيو اُتي ڌرتي واسي بہ هڪ ٻي کي جُدائي جو سور ٿا ڏين هڪ وطن کان ٻي وطن روانا ٿيڻ لڳا، سنڌي ڪهاڻي جا سرموڙ ڪهاڻيڪار سنڌ کي خيرآباد چئي هند روانا ٿين ٿا تاريخ جي دريءَ جو هڪ تاڪ ٻيڪڙجي وڃي ٿو، جُدائي جا سور ناسور بڻجي پون ٿا، نئو خيز قلم تحرڪ ۾ اچن ٿا 1952ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو باقاعده بنياد پوي ٿو، لفاظي کي ڇڏي مقصديت جي سفر تي سنڌي ڪهاڻي جو نئون سفر شروع ٿئي ٿو، 1950ع کان 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جيڪي ڪهاڻيڪار نکري نروار ٿين ٿا، تن ۾ جمال ابڙو، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، شيخ حفيظ، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ، نجم عباسي، الطاف قادري، علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، محمد حسين ڪروڙ پتي، عبدالرزاق راز، ابن حيات پنهور، بشير مورياڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار شام (جوڻيجو) عبدالحئي قريشي، حميد سنڌي، جمال رند، شمشير الحيدري، زيب ڀٽي، عثمان علي انصاري، غلام علي ڪوکر، علي محمد، ياسين قريشي، ذوالفقار راشدي، ع ق شيخ اڳين صف ۾ بيٺل نظر اچن ٿا، تاريخ جي دريءَ مان 1960ع ۽ 1970ع وارو ڏهاڪو لڪاڪا پائي ٿو تہ ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن جا نالا يادن جي اسڪرين تي نروار ٿي وڃن ٿا جن ۾ ڪهاڻي جي جرڪندڙ ستارن ۾ آغا سليم، نسيم کرل، امر جليل پنهنجي ذات جي جهرمر جوتيءَ سان نہ

رڳو سنڌ پر هند ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ سندن نالو جرڪڻ لڳو، سندن ڪهاڻين جا ٻين ٻولين ۾ ترجما ٿيڻ لڳا. سندن ئي دور ۾ بامقصد اخلاقي ڪهاڻي لکندڙ ڪهاڻيڪارن ۾ طارق اشرف، خواجہ سليم، غلام رباني اگرو، فضل ٻچاڻي، غلام نبي مغل، نثار حُسيني، فدا حسين بلوچ، محمد بخش مجنون، فتح محمد قريشي، ظهور انصاري، شوڪت شورو، قمر الدين، مجذوب، داد سنڌي، غلام حسين شاد، عبدالقيوم صائب، عمر الدين بيدار، محسن ڪڪڙائي، سرور علي سرور، فتاح عابد، قاضي خادم، اسماعيل بن واصف، ناصر مورائي، بيدل ناز، گُلزار خواجہ، قمر شهباز، نعيم دريشاڻي، محمد يوسف شاڪر، مُنير گوزائي، محمد دائود بلوچ، نظير انصاري، ماهتاب محبوب، ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سرگرم رهيا، جميلا نرگس ڪهاڻيءَ جو سفر جاري رهيو ڪهاڻي پنهنجي اوج تي پهچڻ لڳي، انهيءَ اوج ۾ اڀرندڙ ستارن جي جوت ۾ جرڪندڙ ڪهاڻيڪارن جا نالا چٽا نظر اچي رهيا آهن، جن مان ڪيترائي اڄ تائين بہ ڪهاڻي جي لکڻ جي سفر کي جاري رکيو اچن پر ڪن کي ابدي سفر ڏانهن روانو بہ ٿيڻو پيو، پر اڪثريت حال حيات سلامت آهن، ڊاڪٽر غلام علي الانا محمد ابراهيم جويو، ماهتاب محبوب، حميد سنڌي جي نيٽن جي جوت پنهنجي دؤر جي اڀرندڙ ڪهاڻيڪارن کي وڏندي ويجهندي ٿمي ٿي، روح رهاڻ، سهڻي، نئون نياپو، نئين زندگي، مهراڻ سوجهرو، ڪينجهر، برسات، عبرت مئگزين ۽ بختاور جهڙن بهترين رسالن ۾ ڇپجندڙ ڪهاڻين ڪيترن نون ڪهاڻيڪارن جي نالن جا ڏيئا ٻاري ماضي ۽ حال جي آڳُر تي رکيا جن ۾ شاهڪار ڪهاڻين لکڻ ڪري شاندار ڪهاڻيڪارن جا نالن جو پرتئو ڪهاڻي جي چوٽري کي جرڪائڻ لڳو، خير النساءِ جعفري، بيدل مسرور، عبدالغفور عابد، نديم قاضي، يوسف جمالي، طارق صديقي، علي گل عباسي، بلاول پرديسي، نياز جلباڻي، الطاف شيخ، غالب لطيف، محمود يوسفاڻي، گل هالاڻي، امان الله ٻگهيو، شيخ عزيز ۽ سندس ڀيڻ زيبُ اي شيخ، ڪيهر شوڪت، رفيق سومرو، رزاق مهر، منير چانڊيو، حفيظ ڪنير، مُشتاق باگاڻي، سليم چنہ، نذير شيخ، نظير ناز، زرينہ بلوچ، فيروز احمد، نور گهلو، ممتاز عباسي، اسحاق انصاري، شبنم گُل، اشتياق آذر، سليم ڪورائي، مقبول ابڙو، فيض ٻگهيو، ماڪن شاهہ رضوي، عابد لغاري، رشيد آخوند، مدد علي سنڌي، ابراهيم خشڪ، زيب سنڌي، نذير شورو، غلام حيدر، شاهہ نواز پٽي، محمود مُغل، طارق عالم ابڙو، اياز عالم ابڙو، غلام حيدر حيدري، ڊاڪٽر بشير

احمد شاد، امان راهي، غلام نبي سدايو، ثميره زرين، نورلاهديٰ شاهہ، حفيظ ڪنڀر، اڪبر اديب، ارشد هالائي، پير مجيد راشدي، طارق قريشي، پٽر سنڌي، شوڪت راهي، راهي چنو، هدايت پريم، رهبر پيتي، محمد صالح شيخ، محمد يوسف شيخ، بادل جمالي، شعبان وسطڙو، فاروق سولنگي، محبوب علي جوکيو، اياز ڪتري، سليم احمد ڪرل، غلام حسين رنگريز، شرجيل، ظفر عباسي، عبدالحق عالماڻي، رسول ميمڻ، نبي بخش ڪوسو، احسان سحر، ڪرم الاهي چنا، محمد يعقوب آريسر، غلام نبي آريسر، ارباب عبدالمالڪ، انيس، مجنون سنڌي، بدر ابڙو، اشفاق انصاري، ابراهيم سمون، مشتاق پناڻ، روش علي تنيو، فيصل ارسلان، عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهہ، تنوير جوڻيجو، خير النساءَ جعفري، سڪندر چانڊيو، غلام قادر جتوئي، زبيده ميتلو، تبسم عروج قاضي، نسرين جوڻيجو، عبدالواحد هاليپوٽو، مختيار جانوري، اختر جانوري، محمد موسيٰ، نجم ڦل، رشيده حجاب، جميلہ نرگس، ثريا ياسمين، گل ڪوندر، اخلاق انصاري، فقير محمد ڍول، موهن موهوٽو، يوسف سنڌي، اظهار سومرو، اقبال شيخ، اقبال بلوچ، ثريا پيتي، فريده آفتاب، نصير مرزا، شبنم گُل ڪوکر، ثريا پيتي، فريده، نذير ملڪاڻي، آفتاب جانو، ارشاد بيگم، مهر النساءَ، نيلم، نسيم ناز، رضيہ سلطانہ، اختر پروين، نذير سلطانہ، ثمرين، نسرين سحر، شهرين، رضيہ طارق، زاهده ناريجو، جميلہ پروين، ياسمين خواجہ، عابده الطاف قادري، رضيہ صديقي، ممتاز ڪوکر، سلطانہ منور، شمشاد لاڙڪ، ممتاز زرين، نسيم ٿيبو، بلقيس سيو، غزالا شاهين، زرين شورو، انيس ميمڻ، نور شاهين، خورشيد ميمڻ، نيلوفر جويو، پروين جبين، فرحانہ زرين، عندليپ، روبينہ جبين، ثريا سوز، سلمہ صديق قاضي، رضيہ ڪوکر، زاهده شيخ، سحر امداد، ليلا بانا، سيما، شهباز ڪوثر ميمڻ، فردوس سحر، مهر زرين بلوچ، جهان آرا سومرو، سيما عباسي، ثريا سنڌي، نسرين جوڻيجو، فهميده ميمڻ، حميده ميتلو، 1940 کان هلندڙ سنڌي ڪهاڻي جو سفر اڃان جاري آهي، موجوده دور جا سرموڙ ليکڪ جن ۾ ڪي ماضيءَ جا بہ ڪهاڻيڪار آهن جيڪي اڄ بہ ڪهاڻي تخليق ڪري رهيا آهن، ڪن وري شعرو ادب تنقيد ۽ تحقيق جو دڳ ورتو آهي تہ ڪي وري ڊرامہ نويسي ڏانهن ڪُڏي ڪاهي پيا آهن تہ ڪن کي اڃان بہ ڪهاڻي جو اُلڪو آهي، اسان جي سنڌي ڪهاڻي ۾ حميد ابڙو ۽ پيا انيڪ نالا آهن جيڪي هاڻي جي دور ۾ باقاعده طرح آزمائي ڪري رهيا آهن، نون لکندڙن ۾ انيڪ نالا آهن جن جو تفصيل وري ڪنهن

هي مضمون ۾ ڏيو هتي چند تون ڪهاڻيڪارن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيان جن ۾ غلام محمد ڪنڀر، عنايت لغاري، صديق منگيون، رسول ميمڻ، منظور ڪوهيار، طارق خاصخيلي، مظهر ابڙو، امر لغاري، اختر حفيظ، ساجده چنا، حسين ڪانهيو، عزيز ڪنگراڻي، ايوب عمراڻي، محمد حنيف نهڙيو، يار محمد چانڊيو، پرويز، پيا انيڪ ندا ڪهاڻيڪار سگهاري ڪهاڻي تخليق ڪنوا هجڻ ۽ پوءِ به اهي ڪهاڻي ڪيتر ۾ ڇئوپول گونجن ته سنڌي ڪهاڻي مري چڪي آهي ته پوءِ مان سمجهان ٿي اِهو انهن سچن ڪهاڻيڪارن سان وير رکندڙ ٽولي جو شوشو آهي جنهن ۾ ڪا به حقيقت ناهي نوجوانن لاءِ انيس انصاري اڪيڊمي ڪهاڻي مقابلو ڪونائيندي آهي جتي سچائي سان سٺن ڪهاڻيڪارن جو قدر ٿئي، جتي جبران زيب شيخ جهڙا نوجوان سنڌي ڪهاڻين جو ترجمو ڪري سنڌي ڪهاڻي ڪي پين پولين جي اديبن جي پڙهڻ لاءِ راهون هموار ڪندا هجن، يوسف سنڌي ۽ نواز زئنور ترجمي ۽ تخليق ذريعي ڪهاڻي جي خدمت ڪن. اُتي ڪهاڻي مري نٿي سگهي، ڪهاڻي جي ساهه ڪٽندڙ دور جتي اسحاق سميجو سارنگا جهڙو جامع رسالو ڪڍي ڪهاڻي ڪي هٿي ڏي، جتي گل ڪونڌر جيڪو پاڻ سٺو ڪهاڻيڪار آهي، هن ادب رسالي جون سوين ڪڙيون ڪڍي ڪهاڻي ڪي هتي ڏئي جتي ناز سنائي جهڙا سُٺا پبلشر ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپرائي مارڪيٽ ۾ آڻين، جتي موهن مدهوش جهڙا حساس دل سچا انسان ڪهاڻي جي مجموعي ڪي دل سان ڇاپين، جتي روشني جهڙا روشن ادارا هجن اُتي ڪهاڻي ڪيئن مرندي!!؟ هاڻ اچو ته اوهان ڪي هن ڪهاڻي جي مجموعي جي ليکڪ اقبال بلوچ سان ملرايان.

جنم۔ڊسمبر جي تڏڙين مٺين شامَن ۽ شبنمي صبوحن جي نرم گُذار گورک جي هوائن پيريل رُدَ ۾ پهرين تاريخ اٺويهه سو ڇاونجاهه ۾ جنم ورتي ٿو، (01/12/1956ع) جڏهن مون هُن کان پڇيو ته سڪون ڇا ۾ آهي ته مرڪي چيائين پيار ۾ پيار به ڪنهن سان ڏکويل انسانن سان جنهن ڪي سياست منافقت لڳندي آهي، سياسي ليڊر ڦريندڙ ۽ لتيندڙ لڳندا هجن جن جي مانگر مڇ ڳوڙهن ڪي هن جون تيز نگاهون چڱي طرح ڏسي سگهن ٿيون، اقبال بلوچ هن موجوده دور جي ادب مان مايوس ناهي، هو چوي ٿو ته ادب جي هر هڪ ڪيتر ۾ نوان لکندڙ تمام سٺو لکي رهيا آهن، اقبال پنهنجي دل جي باءِ پاس واري آپريشن ڪي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو واقعو سمجهي ٿو، يونين ڪائونسل ۾ سيڪريٽري، شگر ۾ ڪلارڪي

ڪانپوءِ جيون جا 40 سال خزاني آفيس حيدرآباد کي ارپيندڙ اقبال بلوچ کي فڪر جي ڦرجي هٿ ۾ ڏئي ڏات ڪجهہ لکڻ لاءِ چوي ٿي پر وري بہ منهنجي سوال جو جواب ڏيندي اقبال چوي ٿو: مون کي اتساهہ ڏيندڙ ڀيريون ۽ مسلسل ساٿي منهنجو پنهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ آهي، اقبال بلوچ جي ڀيرين ڪهاڻي لڙڪ ۽ سڏڪا مارچ 1976ع ۾ ڇپي، نثر نويسن ۾ امر جليل ۽ خليل جبران ۽ نور الهديٰ شاهہ ڪان متاثر ٿيندڙ هي ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪهاڻين ۾ معاشري جا سچا پچا نج نبار ڪردار ڪٽي ٿو ۽ جيئڻ جو تيئڻ لکي ٿو، نشي آور هر لعنت ڪان نفرت ڪندڙ اقبال بلوچ ميون ۾ انگور پسند ڪري ٿو پر انگور جو ٻڪل رس پسند نٿو ڪري، سڄي دنيا گهمڻ جي خواهش رکندڙ پوري سنڌ بہ گُهمي نہ سگهيو آهي، هن ليکڪ کي مڇي ۽ پلو بي حد پسند آهي، هن جي ويجهو انسانيت سڀ ڪان اعليٰ جذبو آهي، ان ڪري هو عبدالستار ايڌي جي شخصيت ۽ سندس انسانيت جي خدمت واري جذبي تحت ڪيس بي انتها پسند ڪري ٿو ڪيس سرمد سنڌي، امجد صابري ۽ ڪهاڻي ڪيتر جي وڏي نالي علي بابا جي مرتئي تي بي انتها ڏک آهي ۽ وري سندس ٺئي ننڍي ڀاءُ اسلم بلوچ جي اوچتي لاڏاڻي هن کي جهوري وڌو آهي، هڪ ڀاءُ ڊاڪٽر ظفر حسن جي وڇوڙي جا ڦٽ بہ اڃان ڇڪيل آهن، تہ هي پيو ڏک، لڙڪ آهن جو هن جي وشال غزالي اکين ۾ اٽڪي پيا آهن سڏڪا خاموشيءَ ۾ نوحا خوان آهن، اُهون مرثيہ پڙهي رهيون آهن، اقبال بلوچ خوش لباس خوشگوار، خوش اخلاق دوستن جو دوست آهي، هو پنهنجي لکڻين ۾ بہ پنهنجي شخصيت جيان ٺئي لڳي ٿو هو چوي ٿو جيئن هو ڏسي ٿو محسوس ڪري ٿو تيئن جو تيئن هو انهي واقعي کي ڪهاڻي جو روپ ڏي ٿو، اُن ڪري مون کي سندس ڪوڙ ڪهاڻيون سچيون ڪهاڻيون لڳنديون آهن، سندس ابا ڏاڏا تلهار جا ٺئي آهن، پنهنجي شهر تلهار سان پيار ڪندڙ اقبال کي اڇو امن جو رنگ بي حد پسند آهي، گُلن ۾ گلابن کي چونڊي ٿو ۽ خوشبوءِ بہ گُلاب واري لڳائي ٿو، سميع بلوچ جي شاعري ”تنهنجي ياد جي وري آ وير لڳي رهي آ ٺٺڙي هير“ کي بيحد پسند ڪري ٿو، هُن کي هي ڪلام پنهنجي ماضيءَ ۾ پنهنجي سانوري سلوني محبوبہ جيڪا هُن جو ٻالڪپڻي جو پيار آهي اُن سان ملائي ٿو، هو پنهنجي محبت کي پنهنجي هر ڪهاڻي، هر شعر ۾ ساري ٿو، ٻالڪپڻ ۾ ٻنجري تي ويهي قرب ڪچهريون ڪرڻ، چار مان پيرون پٽي ڪائڻ، پير ڏوئي پير ڪائڻ، هڪ ٺئي ڪلاس ۾ ويهي الف انب بي بلا جو سبق پڙهي ٿو

۾ جو ٿو ٿڌڙا مينهن وسائي تي جهول جهلي ڪارڙو ڪنپارڙو ٻائي سانوڻ کي سرچائي اُن سانوريءَ سان گڏ اُنهن انهن ان ڪٽڻ جا ڪُهر ورهائي ٿو.

نديپڻ ۾ پڙهائي جو خرچ نہ هجڻ جي صورت ۾ ڇٽڻ جو ٽالھ مٿي تي رکي تلهار شهر جي مختلف پاڙن ۾ وڃي ڇٽا کپائي ٿو، پنهنجي وَني ۾ پنهنجي پُٽ سرواڻ سان بي انتها پيار ڪري ٿو، آفيس جا ڪيترائي ساٿي، سندس ويجهن دوستن جيان آهن، وڏن توڙي ننڍن سان مُرڪي ملندڙ اقبال بلوچ سان منهنجو ۾ سائين نثار جو سڪ ۾ سڳنڌ پيار جو اهڙو انيڪ رشتو جُڙيل آهي جو ساهن جي ڏور ٽٽڻ ۾ ان ڪان پوءِ بہ ڏينهن قيامت تائين جُڙيل رهندو، سچل جون ڪافيون، پٽائي جا بيت هو پنهنجي پياري دوست آغا ثناالله کان ڏاڍي چاھہ سان ٻڌندو آهي، اقبال بلوچ جي هن ڪهاڻين جي مجموعي 206 ڪهاڻيون شامل آهن، هِن جديد دور جي گهرجن پٽاندڙ اقبال بہ ڪهاڻين کي مختصر ڪري اجائي پٽاڙ کان پري رکندي مقصديت واري محور ۾ رهيو آهي، ڪهاڻي جي ڏانوَ لاءِ موضوع، منظر نگاري بياني اندازي، ڪردار نگاري ۾ سپ کان اهم جُز تجُسس جو هجڻ تمام ضروري آهي، ٻوليءَ جون حُسناڪيون بہ ڪهاڻي کي حسين ۾ منفرد بڻائين ٿيون، ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي ۾ آخري لفظ تائين ڪهاڻيءَ سان سلهاڙيل رهي، اِهو ڳڻ اعليٰ پاءِ جي ڪهاڻي کي جنم ڏي ٿو، اقبال بلوچ جي ڪهاڻين ۾ هڪ ڪامياب ڪهاڻيءَ جا مڙوئي ڳڻ موجود آهن، نيڪ آهي هو اجائي منظر نگاري ۾ ٻوليءَ جي اجائي پٽاڙ کان پنهنجي ڪهاڻي کي بچائي رکيو آهي، سندس ڪهاڻين ۾ تجسس وارو جز ايترو تہ سگهارو آهي جو پڙهندڙ ڪهاڻي جي پهرين سٽ کان آخري لفظ تائين ڪهاڻيءَ سان سلهاڙيل رهي ٿو، اقبال جي سيني ڪهاڻين جو ڪلاسيڪل هجڻ جو وڏو ثبوت انهن ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلن تي بحس ٿيل آهي ۾ انهن ۾ ليکڪ جي راءِ ۾ ڪردارن سان پيش ايندڙ واقعا چٽاپسي سگهجن ٿا، ائين ٿو لڳي جڻ اقبال جي قلم ۾ ڪا پين ڪيمرا لڳل آهي ۾ هو سماج جي اولڙن ۾ عڪس کي قلم بند ڪندو ٿو وڃي، انداز سادو، سچو ۾ ڪهاڻين ۾ سچائي جي خوشبو اچڻ بہ ليکڪ کي ماڻهن جي دلين جي ويجهو ڪري ٿي. جيئن هِن ڪهاڻي ”ادَڙوت دوست“ ۾ هڪ اهڙو احساس چٽيو آهي جيڪو سماج جي هر ماڻهو جي اندر واسو ڪي رهي ٿو، اڪيلائي جي احساس کي هو ڪيئنءَ ٿو ونڊي ۾ ڪيئنءَ ٿو هڪ بي وقتي عمل کي وقتائتو هجڻ جي مهر لڳائي ٿو، سندس هِن

ڪهاڻي جي هڪ سٽ ايڏي لاجواب آهي جيڪا ڪيس هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي رهي آهي.

**”هُن ٻي شادي ڪئي تہ ٻار ننڍا هئا.**

**۽ هُن ٽين شادي ڪئي تہ ٻار وڏا ٿي ويا هئا.**

**مون کي چڙ هُن لاجواب ڪري ڇڏيو.**

اقبال جي هِن انداز سان سماج جو ايڏو وڏو مسئلو نبري ويو جيڪو هر ڪنهن کي مجبور جيون گهارڻ تي مجبور ڪيو بيٺو هو ۽ ڪو بہ بغاوت ڪري پنهنجي جيون لاءِ ڪا وٿي ڳولي لهڻ جي جرئت نہ پي ڪري سگهيو، پر اقبال جي هن ڪهاڻي ۾ هن پنهنجي دوست ڪردار کان اِها جرئت ڪرائي هڪ سماجي مسئلو حل ڪري ورتو، اِهو ئي سماجي مسئلو ماڻهن لاءِ رياضيءَ جو اهڙو تہ نہ سُلجهندڙ ٿيندڙ سوال آهي جنهن کي ڪو بہ آسانيءَ سان نٿو سُلجهائي سگهي.

”جهرمِر جهرمِر ڪهڪشان“ اهڙي پس منظر جو عڪس چٽيندڙ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هِن ماڻهن جي چهرن تي چڙهيل منافقت جا ماسڪ لاهي ڦٽا ڪيا آهن، ڪوڙ ۽ ڏوڪي جي تسلسل کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ هن سماج ۾ ٿيندڙ اهڙن نمائش جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ درد ۽ پيڙاءُ کي ماڳر مڇ ڳوڙهن جي جار ۾ ڦاسائي ڪيش ڪرايو ويندو آهي، شهرت ۽ دولت ڪمائي ويندي آهي، اقبال نهايت شائستہ انداز ۾ بيان ڪري سماج کي ڏوڪو ڏيندڙ ناٽڪي ڪردارن کي عام آڏو آندو آهي، اقبال هت پٽائي واري هن فلسفي کي چٽو ڪيو آهي تہ:

**پٽڻ واريون پڌريون**

**پيون هون ئي هٽ هٽن.**

جيجل ماءُ اسپتال سامهون جهڳين ۾ ويٺل پننڌڙ ۽ خيرات گهرندڙ عورتن ۽ انهن جي معصوم ٻارڙن تي نظر ئي پيم معصوم ٻارڙن جي ڪير لاءِ مائرن جي ٿڃ سُڪل آهن انهن جا ٻار ڪچرن ۽ ڪن جي ڍير مان برگرن جا بچل اُڇلايل ٽُڪر ۽ مانيون ڳولي ڳولي کائي رهيا هئا، اڄ بہ ڪيترين ئي نارين ڪارين ڪري مارين وين پر اهي ناٽڪي ڏنڊوڙي بيگمات فيشني نمائشي دانشوري جي دز کان بہ پري ميڪ اپ جا ليوڙا لڳائي وڏيون وڏيون تقريرون ڪري نڳيءَ جا شعر پڙهي واه واه ڪرائي غريبن سان پوڳ ڪندي وڃي ايئرڪنڊيشن ڪمرن ۾ آرامي ٿيون آهن، سچ تہ اقبال جي هِن ڪهاڻي تي جيترو لکجي گهٽ آهي ڇاڪاڻ تہ

اسان جي سماج سان جيڪو تماشو ٿي رهيو آهي ليکڪ هِن ڪهاڻيءَ ۾ اڻ ڪي چٽي ريت چٽڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ڪهاڻي اڌورا خواب ليکڪ جي اندر جا اولڙا پسائي ٿي.

وري "نماڻيءَ جا نيڻ" هڪ شفيق پيءُ جي جزبن رشتن جي پاڪائي ۽ سچائيءَ سان ڇڻ تہ هر گهر جي نياڻي جي سچي ڪهاڻي هن ڪهاڻي ۾ بيان ڪئي آهي.

پيار جي ورهاست بہ سماج جو هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن جي نفاست ۽ نزاڪت کي سمجهڻ احساسن ۽ جذبن جي ڪٿ ڪرڻ ڪانپوءِ ڪردارن کان فيصلو ڪرائڻ جو ڏانوَ ڪو اقبال کان سکي.

"جيئڻ جنين ڪاڻ" هڪ شاهڪار رومانس تي مبني ڪهاڻي آهي، جنهن جا ڪردار اڪبر ۽ پريات هڪٻئي سان بي انتها پيار ڪن ٿا ۽ روايتي رشتن جي بندڻن ۾ ٻڌجي هڪٻئي کان جدا ٿيندڙ محبتون حساس دلين جي ترجماني ڪندڙ هن ڪهاڻي جو انداز ۽ بيان نهايت سگهارو تشبيهن ۽ استعارن، پهاڪن ۽ چوڻين کي ورجائي ٻولي جي حسن کي نکاريو ويو آهي.

"ڪُلها ننڍا بار وڏا" بہ هڪ سماجي پرندڙ مسئلي جيڪو معاشي حصول تي مبني آهي، هڪ وچولي طبقي جو ماڻهو ڪيئن ٿو محنت ڪري ۽ محنت سان پنهنجو جائز سماجي مقام حاصل ڪري.

"سُهڻي ۽ پارس" بہ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن وقت جي وڏي سماجي بي راه روي تان پڙدو ڪڻي اُن جو حل بہ ڏسيو ويو آهي ۽ هي هر گهر جي ڪهاڻي جو عڪس چٽيندڙ ڪامياب ڪهاڻي آهي.

"باجي" ، سچ تہ هِن ڪهاڻي کي پڙهندي منهنجي نيڻن مان ڳوڙها بوندون ڪري وهڻ لڳا. هِن ڪهاڻي ۾ ماءُ جي درد ڪتا ۽ رشتن جي بي حسي ۽ سماجي رسمن ۽ کي چٽيو ويو آهي."تسبيھ مٽيادار" بہ سماج ۾ رشوت جي ناسور کي تہ وائکو ڪري ٿي پر هِن ڪهاڻي جو اصل مقصد انسان جي اندر منافقي وائکي ٿيل آهي، جنهن جي انتها اِها جو هُن انسانن کي لئي الله کي راضي ڪرڻ ڪاڻ پئسا گڏ ڪري عمري لاءِ تياري ڪندڙ راشي منافقن کي وائکو ڪيو آهي.

پهريون پيار نالي ۾ تہ رومانس جا پاچا پسائي ٿي پر حقيقت ۾ سماج جي هڪ ٻي ناسور کي وائکو ڪري ٿي جيڪو قبضہ مافيا سان تعلق رکي ٿو، پر اُن جو پورو محور ۽ مرڪز عورت مرد جي ويجهڙائپ سان پيدا ٿيندڙ جذبن جي ارد گرد

گهمي ٿو ليڪڪ سچائي سان اُهو سڀ ڪجهہ قبول ڪيو ۽ پنهنجي اصلاح پاڻ بہ ڪندي نظر اچي ٿو.

”سون سستو ماني مهانگي“، ”دفن ٿيل راز“، ”ان باڪس ڪچهري“، ”مري جيئاري ويو“، ”پياري تنهنجي پريت“، ”جهوري جنهن جندڙي“، ”جي ترسي پوين ها“.

”ماڻهو جو ٻچو“، ”آئون بيوه آئون غريب“ ”Death case“، ”ٽريفڪ چالان“، هڪ حقيقت، هڪ افسانو، منهنجي جي هڪ ڇوڪري انهن مڙني، ڪهاڻين ۾ اقبال جو پنهنجو ڏانوَ آهي اُن ڏانوَ ۾ سادگي ضرور آهي پر سچائي عروج تي آهي، هُن جي سرائيڪي ڪهاڻي ”نيهن نڀايا جيوين تون“ بہ ڪمال ڪهاڻي آهي.

منهنجي نظر ۾ هي هڪ ڪامياب ڪهاڻين جو مجموعو آهي جنهن ۾ پنهنجي دور جي تاريخ بہ لکيل آهي تہ معاشري جي حقيقي ڪردارن جي عملي چرپر بہ ليکڪ جي قلم جي اک سان چٽي ريت پسي سگهجي ٿو، وڏيڪ اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا ۽ اقبال بلوچ لاءِ اِها دعا تہ شال سندس ذات ڏهوڻي ٿي ۽ هو ائين شعر ۽ ڪهاڻي لکندو رهي، اقبال جنهن کي اسان سدائين لا بقا سڏيندا ۽ لکندا آهيون ۽ پوءِ اقبال بہ پاڻ کي ائين ئي لکندو آهي تہ دوست ڇرڪي پڇندا آهن تہ لابقا ڪير آهي، ها لابقا سڏائيندڙ ئي بقا ماڻيندا آهن، شال سرواڻ اقبال جي خاندان کي وڌائي ۽ ذات جي تسلسل کي بہ جاري رکي، اقبال پنهنجي سرواڻ جا ٻار ڏسي سيني دردن کي وساري ڇڏي، ها اقبال منهنجي سنڌ جي مارن جيان توکي بہ پنهنجي وڇايل مُرڪ خوشي پيار ۽ سنسار موتي ملڻو آهي، سرواڻ، سرواڻ جي ماءُ سرواڻ جي اولاد جي روپ ۾ جُڙيو هجين سدا وسين.

**زيب نظاماڻي / حيدرآباد**

**08/08/2016**

# راءِ

هر ماڻهو پنهنجي طبيعت جو ٿئي ٿو، هر ليکڪ ٻئي کان مختلف هوندو آهي. اقبال بلوچ طبيعت جي لحاظ کان بہ مون ٻين کان گهڻو مختلف ڏٺو، محسوس ڪيو آهي، ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ پڻ ٻين ليکڪن کان هي گهڻو مختلف آهي.

اقبال جون مختلف لکڻيون ۽ سندس ڀريون شعري مجموعو توڙي ڀريون ڪهاڻين جو مجموعو بہ مون پڙهيو آهي. هن جي لکڻين ۾ ڪو بہ ميڪ اپ شيڪ اپ نہ هوندو آهي. جهڙو پاڻ صاف سترو ۽ سادو آهي، اهڙي صاف ستري ۽ سادي ٻولي ۾، جيڪي هن جي آسپاس جون، عام معمول جون ڪهاڻيون آهن، اهي لکي ٿو.

هن وقت مون وٽ سندس ٽيون ڪتاب، جيڪو ڪهاڻين جو مجموعو آهي ۽ ڇپائي لاءِ تيار آهي، اهو پڙهڻ ۽ پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ پهتل آهي. سندس ڪهاڻيون ڳوٺاڻن يا اهڙين شهرين جون آهن، جيڪي ڳوٺن مان لڏي اچي شهر ۾ رهڻ لڳا آهن. ڪي ڪهاڻيون پيار ڪهاڻيون آهن، تہ ڪن ۾ عام سماجي مسئلا، مشڪلاتون، موجهارا، گهريلو اختلاف، جهيڙا جهڳڙا بہ آهن تہ ڪي ٻيا عام معمول جا پر اهڙا موضوع بہ آهن، جيڪي بلڪل نوان آهن. ڪهاڻين ۾ ڪٿي منظر نگاري بہ آهي تہ ڪٿي گفتگو بہ آهي. ڪنهن ڪهاڻي ۾ تمام ٿورا، تہ ڪنهن ۾ گهڻا سارا ڪردار بہ آهن. منجهن صرف روعداد نہ آهي، صلاحون بہ آهن، علاج بہ آهي.

منهنجي خيال ۾، مون ڪي مجموعي طور راءِ لکڻ بدران، واري واري سان سندس ڪهاڻيون پڙهندو، رايو لکندو وڃان، تہ جيئن اقبال پاڻ منهنجي راين سان متفق ٿئي نہ ٿئي، مطمعن ٿئي نہ ٿئي، پر گهٽ ۾ گهٽ آئون خود مطمعن هجان ۽ جڏهن ڪو بہ منهنجي راءِ پڙهندڙ، مون کي ڪٿهڙي ۾ بيهاري، تہ آئون پنهنجي راءِ جو بچاءُ ڪري سگهان.

"اڏڙوٽ دوست" هن ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي آهي. جيڪڏهن هي ڪهاڻي آئون لکان ها، تہ "ٽئين شادي" طور پڙهندڙن تائين پهچايان ها. ڪهاڻي ۾ نہ ٻيءَ شادي پهرين جي ۽ نہ ٽئين شادي پهرين ۽ ٻيءَ شادي سبب پيدا ٿيل اختلافن ۽ مونجهارن جي ڪري، پر ٽي ئي شاديون مخصوص مجبوري جي ڪري ٿيون آهن. ڪارج جي حساب سان ڪهاڻي عام رواجي، پر ڪارائتي آهي.

"جھرمر جھرمر ڪهڪشان" ڪھاڻي جي پڇاڙي تي ڏنگين ۾ لکيل آهي "نوٽ: عورتن جو عالمي ڏينهن سڄي دنيا ۾ ملهايو ويو، انهي موقعي تي لکيل تاثر". اها تاثراتي ڪهاڻي پڻ حق سچ جي چٽي عڪاسي ڪندڙ، وقتائتي ڪهاڻي آهي. ڪاش! عورتن جو عالمي ڏينهن ائين نہ جيئن گهربل آهي، تيئن ملهائجڻ شروع ٿئي، ۽ ان ڏينهن تي مرتب ٿيندڙ سفارشن تي عمل بہ ٿئي، تہ جيئن عورتن سان ٿيندڙ بي واجبين جو خاتمو بہ اچي سگهي. چمڪ ڏمڪ وارن ڏيکاءُ جي تقريبن ۾ مظلوم عورتن جي مالڪي نہ، انهن جي تزليل جو عمل ڏکوئي ٿو.

"اڌورا خواب" ڪهاڻي، ٻاراڻي عمر کان شروع ٿي، پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائيندي، آخر هن موڙ تي پهچي ٿي: "ائين اسان جا ننڍڙا پتڪڙا پير شايد جواني جي پهرين ڏاڪي کي ڇُهي رهيا هئا، پنهنجي ڏيءَ جي وڌندڙ جسم کي محسوس ڪندي، (جو هن جي وڌندڙ جسم سان لڳي رهيو هو تہ هن جا قدم بہ جواني جي ڏاڪي تي چڙهي رهيا هئا) هڪ ڏينهن رابيل جي ماءُ هن کي چيو .... پٽ رابيل تون هاڻ وڏي ٿيندي پئي وڃين، ڇوڪرن سان راند نہ ڪندي ڪر تہ رابيل کي اهو احساس ئي نہ ٿيو هو تہ هو واقعي جواني جي راهہ تي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي رهي هئي، چيائين امان.... مون سان منور هوندو آهي، پر وري بہ چيائين .... منور کان جُدا ٿي ٻي ڪنهن سان راند نہ ڪجانءِ..... ڪڏهن ائين ٿيو بہ نہ هيو جو رابيل مون کان سواءِ ٻي ڪنهن سان راند ڪندي هجي.... تڏهن بہ سختي سان منع ڪندي ماءُ چيس تہ اڄ کان پوءِ تون واهہ ۾ نہ وهنجندين .... تڏهن رابيل کي اوچتو احساس محسوس ٿيڻ لڳو...ٻانءِ ... هو جوان ٿي وئي آهي ۽ مون بہ چيو مانس تہ رابيل تون وڏي پئي ٿئين..... اڄ کان پوءِ ٻاڻ واهہ ۾ نہ وهنجنداسين نيڪ آهي منور .... رابيل جڻ منهنجو ڇوڙ مڃي ورتو. آءُ تہ ڪڏهن ڪڏهن وهنجي وٺندو هوس پر رابيل منهنجي ڇوڙ کي آخري ليکو سمجهي ڪڏهن بہ نہ وهنجندي هئي.... البت واهہ جي ڪپ تي ويهي پيپن ٻارن کي ۽ مون کي ڏسندي هئي."

عجيب تجسس سان ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي، "تان جو آءُ انٽر تي اچي پهتس ۽ رابيل مئٽرڪ پاس ڪري چُڪي هئي، تہ ائين اوچتو خبر پئي تہ رابيل جي پيءُ کي پروموشن ڏيئي ڪراچي بدلي ڪيو ويو، رابيل جي گهر ۾ خوشيون هيون پر رابيل مون کان جدا نہ ٿيڻ پئي چاهيو.... اسان ٻنهي جو غم سيني محسوس ڪري

ورتو هو، پر .... اسان ڪجھ بہ نہ ڪچي سگھياسين... هفتي، ڏھ ڏينهن اندر هو هتان شفٽ ٿي چڪا هئا.“

”رابيل مون کان تمام گھڻو پري هلي ويئي هئي.... اسان تہ اجا پيار جا ٻول ٻوليائي ڪو نہ هئا.... اسان تہ اجا منڙين منڙين ڳالهين جي شروعات ئي نہ ڪئي هئي، آءُ تہ اجا همت ئي نہ ساري سگھيو هوس تہ رابيل کي چئي سگھان ها تہ رابيل آءُ توسان ڪيترو پيار ٿو ڪريان.... ۽ رابيل بہ مون کي بي انتها چاهيندي بہ انهن لفظن جو اظهار نہ ڪري سگھي هئي، اسان تہ اجا انهن لفظن جو اظهار نہ ڪري سگھيا هئاسين تہ اسان هڪٻئي کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿينداسين، تہ جدا ٿي وياسين.... اسان هڪٻئي کان جدا ٿي وياسين....“

۽ پوءِ ڪهاڻي جي پڇاڙي هيئن ٿئي ٿي ”مون ۽ رابيل جيڪي خواب دل تي دل ۾ سانڍيا هئا، اهي بنا تعبير جي ٽُٽي چڪا هئا. سڀ خواب اڌورا رهجي ويا.... سڀ تعبيرون اڌ ۾ رهجي ويون.....“

”اڌورا خواب“ ڪهاڻي پڙهڻ جهڙي آهي، ڇو تہ نئين نہ هجڻ باوجود نئين ڪهاڻي آهي ۽ اهڙين ڪهاڻين پڙهڻ جي نئين نسل کي وڏيڪ ضرورت آهي. ڇو تہ هن ڪهاڻي ۾ پيار هوندي بہ ليڪا لتاڙيل نہ آهن، نہ پيار جو پرٽو ٿئي ٿو، نہ ئي پيار جي نالي ۾ ڪو پاپ ٿئي ٿو.

”نماڻي جا نيڻ“ ڪهاڻي ۾ ”اقبال“ جي ”ڪائنات“ هن ڪتاب ۾ پڻ آهي! ڪائنات، هن ڪهاڻي ۾، مکيہ ڪردار جي ڌيءَ نہ آهي، سڱي سئوٽ جي ڌيءَ آهي. ڪهاڻي ۾ ڪائنات جو ذڪر ڪندي اقبال لکي ٿو ”پنهنجي هر ڳالھ مون سان سليندي آهي، هن پنهنجي مستقبل جي هر واڳ منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي آهي، پنهنجي ماءُ پيءُ جون دل آزاريندڙ ڳالهيون بہ مون سان شيئر ڪندي آهي“. حيرت ۾ وجھندڙ، هڪ سچي ڪهاڻي محسوس ٿئي ٿي. ڇو تہ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ ڪائنات چوي ٿي ”منهنجي ماءُ آهي جيڪا پٽن جو بدلو هر وقت انهي ڪري وٺي ٿي جو هو هن جا پٽ آهن، منهنجي ڀن ڀينرن جي شادي ٿي وئي آهي، منهنجي بہ ڪرائي ڇڏيو.“ ان تي ڪيس ورندي ملي ٿي ”ڌي.... جتي ڪٿي ڳالھ ساڳئي آهي، هتي بہ تنهنجي لاءِ پينگھا ڪو نہ رکيا ويندا جو توکي ويهاري پيا جهولائيندا.... اهي گھريلو ڳالهيون جتي ڪٿي آهن..... اهي مسائل ۽ مسئلا هر گھر ۾ آهن.... مون سمجھايو تہ سمجھي وئي، هونئن بہ منهنجي هر ڳالھ سمجھي ويندي آهي“.

هي ڪهاڻي، پنهنجي الڳ نوعيت جي، غير معمولي ڪهاڻي آهي.
”پيار جي ورهاست“ ۾ ٻهرين شادي، ان مان ٿيل نياڻي ۽ پوءِ ٻهرين زال جي بيماري سبب، ماءُ ڏيءَ جي رضامندي سان ٿيل ٻيءَ شادي ڪان پوءِ، گهر ۾ مچل ڀڄڏڪ تي مبني، هي ڪهاڻي ٻه مقصد ۽ سبق ڏيندڙ ڪهاڻي آهي.
”جيئڻ جنين ڪاڻ“ اقبال بلوچ جي قلم مان اڪريل اڪبر بلوچ جي پيار ڪهاڻي آهي. اهڙي پيار ڪهاڻي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي ياد نه پيو اچي، ته ڪو اهڙي پيار ڪهاڻي مون اڳ ۾ ڪٿي پڙهي آهي، يا ڪنهن ناٽڪ (ڊرامي يا فلم) ۾ به اهڙي ڪهاڻي مون کي نه پئي سُجهي. هن ڪهاڻي ۾، هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ، ٻن سوٽن ۾ پيار ٿئي ٿو، ڇوڪريءَ جي ماءُ ضد ڪري، ڌيءَ کي پاءُ جي پٽ سان پرڻائي ڇڏي ٿي ۽ ڇوڪرو ٻئي ڪنهن سان شادي نه ٿو ڪري، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ٿي پوي ٿو، ته اها ڇوڪري ٽيهن سالن ڪان پوءِ، سندس ٻار سميت، ڀڙا هٿ تي ملڻ اچي ٿي، ۽ ملڻ ڪان پوءِ مُڙس ڏانهن موٽي وڃي ٿي... سوٽ ماسات سان شادي جي مخالفت ڪندڙ هي ڪهاڻي ضرور پڙهن. پيار ۾ ويساهه رکندڙ به هي ڪهاڻي پڙهن. جيڪو به هي ڪهاڻي پڙهي، اهو پرائڻ جي به ڪوشش ڪري. وڏي ڪم جي ڪهاڻي آهي.
”ڪُلها نِنڊا بار وڏا“ عام پڙهندڙ جي پڙهڻ جهڙي ڪهاڻي آهي. انهن کي ضرور پڙهائڻ گهرجي، جيڪي زندگي کي سمجهي نه سگهيا آهن. جن جي ٿوري آمدني باوجود، سندن ننڍين ڪلهن تي وڏا بار اچي وجن، جن کي ماءُ جي خدمت ڪرڻ، زال سان نڀائڻ، ڀينرون ۽ ڀائر نپائي، سنڀالي، انهن کي پڙهائي، وڏو ڪري، پرڻائي، پوءِ پنهنجي ٻچن جي سک جو انتظام ڪرڻو هجي، اهي مايوس ٿيڻ بدران هن ڪهاڻي مان سبق پرائين.
”سهڻي ۽ پارس“ اهڙن ٻن ننڍڙن گهراڻن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پنهنجيون نياڻيون پڙهائڻ لاءِ، ڳوٺ مان لڏي حيدرآباد ۾ اچي رهن ٿا. ڳوٺاڻي ماحول مان نڪري، شهر جي مختلف مسئلن، مونجهارن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا. ٻنهي کي هڪ هڪ پٽ ۽ هڪ هڪ نياڻي جو اولاد هوندو آهي. انهن جي ”گهرن ۾ هڪ تهذيب يافته ماحول هو، گڏوگڏ آزادي به هئي، ڪنهن قسم جي اجائي رنڊڪ نه هئي ته ڪو ڇوڪرين کي ٻاهر نه ڇڏجي، گهمڻ ڦرڻ لاءِ قيد ڪجي، يا موبائيل نه ڏجي، پر ايتري ذهني آزادي نه هئي جو هر قسم جي ڇڙواڳي هجي“. ان ڪان اڳتي کي عام رواجي، هلڪيون ڦلڪيون غلطيون ٿين ٿيون، پر نيٺ ٻنهي دوستن جا

چار ئي ٻار ڊاڪٽر بنجي ويندا آهن، ٻئي دوست پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن جي شادين جي تيارين ۾ لڳي ويندا آهن ۽ آخر ڪار هو ٻئي دوست نہ، مائٽ ٿي پوندا آهن. هي ڪهاڻي ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ سوچيندڙن ۽ ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ اچي رهندڙن جي، نہ صرف عڪاسي ڪري ٿي، پر نون جي رهنمائي بہ ڪري ٿي.

"عظيم فنڪار" سچ کي ويجهي، هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو روزگار جي ڳولا ۾ رلندي، دوست جي صلاح تي عمل ڪندي، منجهس موجود فنڪاراڻيون صلاحيتون ڪتب آڻي، ناميارو فنڪار ٿي، مال مليڪت وارو ٿي پوندو آهي، تہ ڪانئس غربت جو هر لمحو وسري ويندو آهي ۽ عياشين ۾ پئجي وڃي ٿو، تہ آهستي آهستي ڳائڻ مان حاصل ٿيل ملڪيت خرچ ٿيڻ شروع ٿئي ٿي، بيمار ٿئي ٿو تہ رهڻ لاءِ سندس بهترين بنگلو وڪڻي، مسواڙي فليٽ ۾ رهي ٿو، نيٺ تہ پيسا اڏائيندڙ اهو فنڪار، علاج لاءِ سرڪار کي اپيل ڪري ٿو، سندس ساٿي فنڪار بہ اهڙي گهُر ڪن ٿا.... هن ڪهاڻي جيترو بہ جيڪڏهن ناميارن فنڪارن کي عقل هجي، سرت ۽ سمجهہ هجي، تہ پيري ۾ مفلسي جا ڏينهن نہ گذارين. اهڙي سوچ ملي ٿي، هي ڪهاڻي پڙهڻ سان، جيڪا سچ کي گهڻي ويجهي ۽ غير روايتي ڪهاڻي آهي.

"باجي" ٻيءَ ٻولي جو مروج لفظ اقبال جي اها ڪهاڻي پڙهائي ٿو، جنهن جي شروعات "باجي" جي گذاري وڃڻ جي خبر سان هن ريت آهي:

"اڄ خبر پئي تہ "باجي" گذاري وئي، سيني جي باجي، سڄو ڳوٺ، سڄو پاڙو، هن کي باجي جي نالي سان سڏيندا هئا، ايتري قدر جو هن جا پٽ بہ هن کي باجي جي نالي سان سڏيندا هئا، ڇڻ تہ هو سيني جي باجي هئي، جيئن هو پرڻجي ڳوٺ ۾ آئي تہ گهوٽ جي پيٽن هن کي باجي، باجي ڪري سڏيو تہ ڇا، جو سڄي ڳوٺ وارن ڪٺي هن کي هن نالي سان سڏڻ شروع ڪيو، ڏسندي ڏسندي اهو نالو هر وات ۾ پئجي ويو، اصل ۾ تہ هن جو نالو زينت النساءِ هو، پر اڌ نالو زينت صرف هن جو مڙس وٺندو هو، گهڻن ماڻهن کي تہ هن جي اصلي نالي جي خبر ئي نہ هئي" .

ان ڪان اڳتي بہ عجيب قسم جي، پڙهڻ ۽ پرائڻ جهڙي، اهڙي گهريلو ڪهاڻي آهي، جنهن گهر جا ٻار وڏا ٿي پرڻجن ٿا، تہ هڪ نهيل گهر ڦٽي ويندو آهي. ماءُ پيري جا ڏينهن ناني جي در تي پورا ڪري وفات ڪري ٿي، تہ پُٽ پهرين ان جو لاش پنهنجي گهر ڪٺي، پوءِ مرڻي جو اطلاع صرف ان ڪري ڏيندا آهن، تہ جيئن هر ڪو چئي "ابا ماءُ سياڳي هئي جو پنهنجي پٽن جي هٿن ۾ سرهي ٿي".

اقبال جي مرضي، اهڙي ڪهاڻي آئون لکان ها تہ اها ”باجي“ نہ ”سپاڳي ماءُ“ جي عنوان سان هجي ها.

”تسبيح مٽيادار“ ڪهاڻي جي ابتدا تہ هر ملازم، ملازمہ کي تمام گهڻي وڻندي، پر اڳتي بہ اهڙي ڪهاڻي نہ آهي، جو پڙهندي، اڌ ۾ ڇڏي ڏجي. سچ تہ اقبال بلوچ بردبار ليکڪ آهي، جنهن بنا خوف جي، هي ڪهاڻي لکي آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون ۾ ايتري همت نہ آهي، جو آئون پنهنجي آس پاس جي ڪهاڻي، ائين لکي، پڙهندڙن تائين پهچائي سگهان. آفرين، اقبال بلوچ، آفرين.

”پهريون پيار“ بہ عجيب ڪهاڻي آهي، اقبال بلوچ جي آس پاس جي، هڪ پيار ڪهاڻي آهي. جيڪڏهن هي ڪهاڻي واقع ”سانول جا سور“ جي ليکڪ جي آهي، تہ پوءِ اقبال کي تمام گهڻيون شاباسون.

”سون سستو ماني مهانگي“ جي بہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! پڙهندي پڙهندي، مون کي، منهنجو، ڳوٺ وچڙ ياد اچي ويو. عيد نہ، عيدون ياد اچي ويون! جيڪو بہ ڳوٺ کان پري رهندو هوندو، ان کي تہ هي ڪهاڻي وڻندي ئي، پر پيا بہ پڙهندي اڌ ۾ نہ ڇڏيندا. هونئن، هن ڪهاڻي جي آخر ۾ بہ هڪ نوٽ لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ ڄاڻايو آهي تہ ”سعودي عرب جي بادشاهہ پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ جي موقعي تي ڏاج ۾ سون سان ٺهيل ڪمرو ۽ سون سان ٺهيل باٿ روم بہ ڏنو آهي، انهيءَ خبر مان متاثر ٿي هي ڪهاڻي لکي اٿم“.

”دفن ٿيل راز“ دفن نہ رهيو، اهڙي ڪهاڻي جو روپ ڌاري ظاهر ٿيو، جنهن کي گهڻا اديب ۽ دانشور شايد پسند نہ ڪن، پر سچ تہ سچ آهي، سچ لکندڙ ليکڪ تہ لکندا نہ...

”ان باڪس ڪچهري“ ڪهاڻي عنوان مان ئي جديد دور جي جديد ڪهاڻي آهي. فيس بوڪ کان واقف پڙهندڙ پڙهي، کي تہ لطف اندوز بہ ٿيندا، پر جيڪي ان باڪس ڪچهري ۾ گهڻو حصو وٺندا رهندا آهن، منهنجي خيال ۾ اهي پاڻ کي ڳوليندي، ڪهاڻي مان ڪيترين ئي اوڻائين جي نشاندهي بہ ڪندا.“

”مري جيئاري ويو“ هڪ اهڙي پوليس واري جي ڪهاڻي آهي، جنهن لاءِ ڪهاڻيڪار کي لکڻو پيو ”هونئن پوليس کاتي وارا سپاهي ڏاڍا بي رخا ٿيندا آهن پر اميد علي هڪ تہ بهادر ڏاڍو هو ۽ پيو تمام گهڻو رلڻو ملڻو ۽ بااخلاق هو، پنهنجي غربت ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪندو هو، سدائين پيو مسڪرائيندو هو“.... ”هڪ ڏينهن ٽوڪ ڪندي چيومانس تہ اميد علي پوليس جا سپاهي ايترا خلوص، محبت وارا تہ

نہ هوندا آهن، پر تون تہ انهن جي ابتڙ آهين، ڇيائين انهي ڪري جو آئون ايماندار آهيان“ .

اعتبار نہ ڪرڻ جهڙي، پر اعتبار ڪرڻو پوندو، اهڙي هي ڪهاڻي آهي.

”پياري تنهنجي پريت“ جي ابتدا ئي اهڙي سچائي سان، جنهن کان اڪثريت واقف هجڻ باوجود ڇڻ بي خبر هوندي آهي! اڳتي بہ تمام سٺي ڪهاڻي آهي. زبردست. اهڙيون ڪهاڻيون بہ تمام گهٽ لکيون ويون آهن! سبب ليکڪ پاڻ ٻڌائين، تہ اهڙيون سچيون ڪهاڻيون لکڻ مهل ڪين ڪهڙو خوف ٿيندو آهي؟

سرائيڪي ڪهاڻي ”نينهن نڀايا جوين تون“ سنڌي ۾ ڇو نہ؟ سرائيڪي ۾ ڇو؟ سنڌي ڪهاڻي جي مجموعي ۾ ٻيون سڀ سنڌي، هي هڪ سرائيڪي ڇو؟ ۽ اهڙا ٻيا بہ گهڻا سوال منهنجي ذهن ۾ بہ آهن، تہ مجموعو پڙهندڙن جي بہ ذهن ۾ اڀرندا. سرائيڪي گهٽ لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي، ان ڪري ڪهاڻي پڙهڻ ۾ ڏکيائي پنهنجي جاءِ تي، پر بهرحال ڪهاڻي پڙهڻ جهڙي آهي.

”جهوري جنهن جندڙي“ ، ”سڄي سنڌ پرين جو پاڇو“ واري شاعر حسن درس جي حادثاتي وڇوڙي تي لکيل هڪ احتجاجي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ حسن درس جو، حادثي کان اڳ جو، ڪو خاص ذڪر نہ آهي، ان ڪري حسن کان اڻ واقف پڙهندڙ کي، هي ڪهاڻي ٿوري گهٽ متاثر ڪندي.

”جي ترسي پوين ها“ مختصر پر گهڻي اهم ڪهاڻي آهي. مون کي پڙهندي پڙهندي، بلڪل سچي ڪهاڻي بہ لڳي ۽ ڪل بہ آئي، هر پڙهندڙ کي، هي ڪهاڻي پڙهندي، ڪا نہ ڪا ياد ضرور ايندي.

”ماڻهو جو ٻچو“ مختصر ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي تي راءِ ڏيڻ بدران پڙهندڙن لاءِ جيئن جو تيئن ورجائڻ ٺيڪ ٿو ڀانئيان، تہ جيئن اقبال بلوچ جي لکڻي، ٻولي، لهجي ۽ ٻين پهلوئن جو، پڙهندڙ پاڻ اندازو ڪري سگهن:

پندرهن سالن جو ڇوڪر..... سڄي گهر جو ڪم ڪار .... ٿانو ٻهاري، ٻهارو پوچو، صفائي سٿرائي، چنبڙ ڦوڪ ۽ گاڏين جي صفائي بعد ٻنپهرن جي ماني، پچائي، گهر جي مالڪياڻي اڳيان رکي ٿو.

انهن تازين پچيل مانين مان بہ تازيون مانيون ڪڍي، نوڪر کي ڏيندي، مالڪياڻي چوي ٿي .... هي مانيون وڃي، ڍاڳي کي ڏيئي آ.....

ڇوڪرو، مالڪياڻي جي پاليل ڪتي ڍاڳي کي مانيون ڏيئي اچي ٿو. اهو ڍاڳي... مالڪياڻي جي ايئرڪنڊيشنڊ روم ۾ هزارين روپين جي صوفہ سيٽ تي

ويٺو هو. پر ۾ ويٺل عاليشان پلنگ تي مالڪياڻي پاليل ٻلي سان پيار ڪندي ڪير پياري رهي هئي...

هڪ ماني ڇوڪر کي ڏيندي ڇڙپ سان چيائين ھي وٺ ڪاءِ ماني.....

سڄي ڏينهن جو ٿڪل ۽ ساڙو ٿيل هي ڇوڪرو رات جو گيرج ۾ سمهي رهندو آهي.

”دعائون“ ڪري پيسا گهرندڙ نوجوان ڇوڪري ۽ سٺ سال ڄمار واري جي گفتگو تي مشتمل، هي عام معمول جي ڪهاڻي، غير معمولي انداز ۾، مختصر ڪهاڻي طور لکيل آهي. سماج جي چٽي عڪاسي آهي. پڙهڻ ۾ پرائڻ جهڙي ڪهاڻي آهي.

”آئون بيوه آئون غريب“ اهڙي غريب بي واهه عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا غريب هجڻ باوجود پنهنجي نياڻي کي پڙهائڻ جي جستجو ۾ خانگي اسڪول ۾ اڌ في معاف هجڻ باوجود باقي رهيل اڌ في به معاف ڪرڻ لاءِ پرنسيپال کي منٿون ٿي ڪري. منٿ ميڙ دوران ٿيل ڪجهه ڊائلاگ هتي ئي پڙهي وٺو:

پرنسپال... مائي ڏاهن ڏسندي چيو .... امان تنهنجي وات ۾ ڇا آهي... ڇا پئي کائين.

آءُ اها ٻنهي جي ڳالهه ٻولهه خاموشي سان ٻڌي رهيو هوس...

مائي چيو ... ابا وات ۾ مين پوري ۽ گٽڪو پيل اٿم..

۽ هٿ ۾ مٺيون سوپاريون هيس..

ادي... هر روز ڪيترن پئسن جو اهو نشو ٿي ڪرين ...

بس ابا، انهن گٽڪن ۽ سوپارين ۾ سو روپيا خرچ اچيو وڃي، مٿان وري چانهه به ٻه ٽي دفعه پيان ٿي بس آءُ سڄو ڏينهن پورهيو ڪريان ٿي.... پئسا ٻچن جي ڪاڏي ۽ منهنجن گٽڪن ۾ ئي پورا آهن.

پرنسپال چيو.. هر روز سو روپين جو نشو ڪري مهيني ۾ ٽي هزار نشي ۾ وڃائين ٿي. پر ٻچن جي نندڙي جي في جا اڍائي سو روپيا نه ٿي ڏيئي سگهين.

مختصر ڪهاڻي آهي. سچي ڪهاڻي آهي. معاشري جي چٽي عڪاسي آهي.

”DEATH CASE“ کي ”ڊيٿ ڪيس“ به لکجي پئي سگهيو، ان جو سنڌي ترجمو به ڪري پئي سگهيو، پر اقبال ڪهاڻي جو عنوان ائين، جيئن جو تيئن، انگريزي ۾ لکيو، رکيو آهي! هي به مختصر ۽ سچي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ رٽائر ڪندڙ ۽ رٽائر ملازم جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، پونئيرن کي پينشن ملڻ جي حوالي

سان آهي. هن ڪهاڻي ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ.... آئون ٻڌائيندس تہ ڪهاڻي ڪير پڙهندو؟

”ٽريفڪ چالان“ ڪهاڻي ”ال راشي ول مرتشي“، ”ڏنو پٽ چٽي جو“ مختصر، روايتي ڪهاڻي آهي، پر جيستائين ائين ٿيندو رهندو، تيستائين هر ڪهاڻيڪار، پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ مطابق ساڳئين ڪهاڻي وري وري لکندو رهندو.

تاثراتي ڪهاڻي، هڪ حقيقت هڪ فسانو، ”تلهار جي هڪ ڇوڪري“، ٽن عبارتن تي مشتمل، منهنجي خيال ۾ صرف هي ئي هڪ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪردار جو نالو ئي ڪهاڻيڪار جو سندو نالو يعني ”اقبال بلوچ“ لکيل آهي، هن ڪهاڻي ۾ نثر، شاعري، موسيقي، فنڪشن، فڪشن، گهڻو ڪجهہ موجود آهي. ڪجهہ روايتي، ڪجهہ غير روايتي ڪهاڻي آهي. تاثراتي ۽ علامتي هجڻ باوجود حقيقت کي گهڻي ويجهي ۽ ڪم جي، ڪارائتي ڪهاڻي آهي.

مجموعي طور ڪهاڻين ۾ خيالن ۽ ٻوليءَ جي سادگي پنهنجي جاءِ تي، پر گهڻن هنڌن تي ٻوليءَ جو غلط استعمال بہ ٿيل آهي، ڪٿي لفظن ۾ صورتخطيءَ جون غلطيون آهن، تہ ڪٿي لفظ بگاڙي، بلڪل غلط لفظ بہ استعمال ڪيل آهن. ڪهاڻيڪار پاڻ توڙي پيا پڙهندڙ بہ، مجموعي ۾ شامل سڀني ڪهاڻين کي ڀلي تہ ڪهاڻي چون ۽ مڃين، پر منهنجي خيال ۾، هن مجموعي ۾ ڪجهہ ڪهاڻيون آهن، ڪجهہ ڳالهيون آهن، جيڪي جيئڻ جو تيئن، اوٽيهہ ويهہ جي گهاٽي واڌي سان لکيون ويون آهن. ان هوندي بہ، سڀ جون سڀ ڪهاڻيون توڙي ڳالهيون پڙهڻ جهڙيون آهن.

**مٺل جسڪاڻي**
**ٽنڊوڄام**
**خميس، 10 جون 2016ع**

# اقبال بلوچ تلهار جو قابل فخر فرزند

ضلع بدين جي هن اهم اقتصادي شهر تلهار ۾ علم و ادب جا گوهر پڻ پيدا ٿيندا رهيا آهن جنهن هن ڌرتي کي جرڪايو آهي، مون پنهنجي ڪتاب ”تلهار تاريخ جي آئيني ۾“ جي پنهين جلدن ۾ انهن جو ذڪر ڪيو آهي.

تلهار جي ويجهڙائي ۾ سرجيل ادب تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ ڊاڪٽر نواز علي محمداڻي، عبدالشڪور ڪتي ۽ ناصر بلوچ (راقم) ڪتاب لکيا آهن، ليڪن جنهن شخصيت سڀ کان گهڻو لکيو آهي سو آهي منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد اقبال بلوچ سندس شاعري، ڪهاڻين، سوانح ۽ تبصرن تي مشتمل هيسيتائين ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪي ڪتاب لکن ٿا سي ئي محسوس ڪري سگهندا تہ هي پورهيو ڪيڏو نہ محنت طلب آهي.

بقول مرزا غالب:

کچھ خونِ جگر چاہیے اثر کے لئے۔

اسان جو اقبال بلوچ علم و اَدب جي دنيا ۾ قابل فخر فرزند آهي جنهن تلهار کي پڻ سر بلند ڪيو آهي.

آءُ ڪيس علمي ادبي پورهئي تي دلي مبارڪون ڏيندي سندس لاءِ دائم دعاگو آهيان جنهن پاڻ جيان منهنجي حياتي کي بہ دوام بخشيو آهي.

يقيناً سندس نالي تي سنڌ واسي ۽ خصوصاً تلهار واسي هميشہ فخر محسوس ڪندا رهندا.

**نيڪ خواهشن سان**
**ناصر بلوچ / تلهار سنڌ**

## پنهنجي طرفان

# منهنجو هي ٽيون ڪتاب (جيئڻ جنين ڪاڻ)

منهنجي ڪهاڻين جي پهرين مجموعي ”سانول جا سورُ“، (2013) کان پوءِ شاعري جو پهريون مجموعي، ”اي منهنجي شهر جي مٽي (2014) کان پوءِ منهنجو مجموعي طرح ٽيون ڪتاب، ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو جيئڻ جنين ڪاڻ اوهان جي هٿن ۾ آهي، پنهنجي پهرين ٻن ڪتابن ۾ مون 40 سالن جي محنت ۽ ڇپيل مواد ڪتابن جي صورت ۾ توهان جي هٿن تائين پهچايو هيم، پر هي ڪتاب جيڪو منهنجي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي، انهي ۾ اهي ڇپيل ڪهاڻيون شامل ڪيون اٿم، جيڪي مون ”سانول جا سور“ ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ يعني 2013ع کان 2016ع هيل تائين انداز ٻن اڍائي سالن جي وقفي کان پوءِ ڪهاڻيون لکيون، مختلف رسالن ۾ ڇپائي، ڪتابي صورت ڏيئي توهان تائين پهچايون اٿم، اميد تہ ماضي جيان، منهنجون ڪهاڻيون توهان جي دلين تائين پهتيون، تہ جڻ منهنجو پورهيو ساپ پيو، مون کي لڳي ٿو تہ منهنجي پهرين ٻن ڪتابن جي اچڻ بعد مون ۾ لکڻ جي مقناطيسي طاقت اچي ويئي آهي، هڪدم رفتار وڌي وئي آهي، لکڻ جي جستجو تيز ٿي وئي آهي، پهريون ڪتاب 40/35 سالن لکڻ بعد آيو ۽ هي ٽيون ڪتاب ٻن ٽن سالن جي مختصر عرصي ۾ آندو اٿم، اميد اٿم تہ هي ڪتاب بہ سنڌ جي لائبريرين، درسگاهن، ادبي ميدانن کان ٿيندو، سنڌ جي تاريخ تائين پهچندو، توهان جي هٿڙن مان ٿيندو توهان جي دل تائين پهچندو.

پنهنجي زندگي ۽ ادبي زندگي جو حال احوال گذريل ٻن ڪتابن ۾ ڏيئي چڪو آهيان، تنهن ڪري هن ڪتاب ۾ شامل نہ پيو ڪريان.

آءُ انتهائي شڪرگذار آهيان سنڌ جي ٻن عظيم شخصيتن ۽ ادبي ڪيتر ۾ گهڻو ۽ سنو لکندڙ محترم زيب نظاماڻي ۽ محترم منل جسڪاڻي جو جنهن منهنجي هن ڪتاب تي مهاڳ ۽ امهاڳ لکيو، ٿورائتو آهيان ناصر بلوچ جو جنهن مختصر تبصرو لکيو.

بيحد گهڻو ٿورائتو، پنهنجي دوست احسان راهوجو جو، جنهن هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ آخري حد تائين منهنجي مدد ڪرڻ ۾ شامل رهيو.

هڪ مهيني بعد منهنجو چوٿون ڪتاب منهنجي نوڪري جي يادگيرين تي مشتمل ”ٽريزري آفيس جون يادون“ به اوهان جي هٿن تائين پهچائي پنهنجي 41 سالا نوڪري تان 60 سالن جو ٿي 01/12/2016 تي رٽائرڊ ٿيندس انشاءَ الله.

ادبي ڪيٽر ۾ آءُ اوهان سان گڏ آهيان، ساٿ سلامت سنڌ سلامت.

**بيحد خلوص منجهان**
**اقبال بلوچ /حيدرآباد**

# اڏوٽ دوست

هڪ آفيسر دوست، جيڪو اڌڙوٽ عمر جو هو، هن جي زال گذاري وئي، هڪ دوست سان گڏجي هن سان تعزيت ڪرڻ ويس، ويچارو ڏاڍو ڏک منجهان روئي رهيو هو، مون دلاسو ڏيندي چيومانس: ”ادا. الله پاڪ وڏو مهربان آهي“.

چيائين: ”منهنجن ننڍڙن ننڍڙن ٻارڙن جو ڇا ٿيندو....!“

چيومانس: ”ادا الله پاڪ بي پرواهه بادشاهه آهي.

خير ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. ڪجهه مهينن بعد هن ٻي شادي ڪري ڇڏي، پوڇ ڳڇ ڪندي چيومانس: ”ادا. هن عمر ۾ ٻي شادي ڪئي اٿئي.... ڪٿي تنهنجا ننڍڙا ٻار ڏکيا نه ٿين.“

چيائين: ”انهن ننڍڙن ٻارڙن لاءِ شادي ڪئي اٿم، ٻار ننڍا آهن، انهن جي سار سنڀال لاءِ شادي ڪرڻ ضروري هئي.“ وري ڪئي سال گذري ويا. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. سائين جن هاڻ رٽائرڊ ٿي چڪا هئا.

وري خبر پئي ته هن جي ٻي زال به انتقال ڪري وئي، وري به تعزيت جو سلسلو هليو ۽ ڪجهه مهينن بعد هن وري ٽين شادي ڪئي، جيئن ته آءُ هن جو پراڻو دوست هوس، سو شادي جي مختصر دعوت ۾ آءُ به شريڪ هوس. هن دفعي مون ٽوڪ ۽ طنزيه انداز ۾ چيومانس:

”ادا هن عمر ۾ توکي شادي جي ڪا به ضرورت نه هئي.“

انتهائي ڏکايل انداز ۾ چيائين: ”ادا! ڇا ڪريان. اولاد سڀ وڏا ٿي چڪا آهن، هر ڪو شادي ڪري الڳ الڳ ٿو رهي. آءُ صفا اڪيلو ٿي پيو هوس جو زندگي اڪيلي گذارڻ ڏاڍي ڏکي ٿي پئي هئي، سو مجبورن شادي ڪيم.“ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي پيو ۽ سوچيم.

هن ٻي شادي ڪئي ته ٻار ننڍا هئا ..... ۽ هن ٽين شادي ڪئي ته ٻار وڏا ٿي ويا هئا.

مون ڪي چڻ هن لاجواب ڪري ڇڏيو.

# جھرمر جھرمر ڪهڪشان

عورتن جي عالمي ڏهاڙي تي هتي بہ هڪ شاندار پروگرام رٿيل هو، مون کي بہ ڪارڊ مليو تہ هليو ويس، هڪ هوٽل جي عاليشان، سينگاريل بلبن ۽ روشنين سان سجايل هي هال مهڪي ۽ چمڪي رهيو هو.

آهستي آهستي ليند ڪروزر گاڏيون ۽ ٻيون مختلف قسمن جي گاڏين جي آمد شروع ٿي، انهن گاڏين مان وڏن گهراڻن جون عورتون سج دج سان هال ۾ داخل ٿيون، آهستي آهستي هال ڀرجي ويو، اندازن سو ڏيڍ سو عورتن جو تعداد هو، هال ۾ پنجاهہ کن مرد بہ هئا، جنهن ۾ گهڻو تعداد، صحافين، ڪئميرامين ۽ وڊيو ٺاهيندڙن جو هيو.

منهنجون نظرون هيڏانهن هوڏانهن گهمن ٿيون، هر عورت جيڪا انتهائي ممڪن حد تائين ڪنوار جيان سينگاريل هئي، اعليٰ قسم جا ڪپڙا پهريل ٻانهن ۾ سون جون ڏهہ ڏهہ چوڙيون، سونين منڊين سان سڀئي آڱريون سينگاريل، هزارين رپين جا سينڊلز ۽ چپلون ميڪ اپ جا تهہ ڳاڙها پيلا منهن، پائوڊرن ۽ سرخين جا تهہ چميل لپ اسٽڪ سان مختلف رنگن جا چپ، وار ڪليل ڄڻ تہ بيوٽي پارلرز مان ڪنوار جيان سينگارجي سڌو هتي آيون هجن، وڏن ماڻهن جون وڏيون ۽ اعليٰ ذوق رکندڙ بيگمات، نانا، بانا ڪرڻ ۾ پوريون، هڪ ٻئي سان حال احوال ڪپڙن جو، زيورن جو، ڳالهين ۾ ڄڻ، ڪپڙن، زيورن ۽ ميڪ اپ جو مقابلو ڪنديون هجن، ڄڻ تہ هن ادبي پروگرام ۾ نہ پر ڄڻ فيشن شو ۾ آيون هجن.

پروگرام شروع ٿئي ٿو، انهن مان واري واري سان تقرير ڪرڻ لاءِ سڏ ڪيو ويو، ست اٺ اعليٰ تعليم يافتہ (اهي بہ سينگاريل ۽ سنواريل) تقريرون ڪرڻ لاءِ آيون، انهن سڀني جي تقريرن ۾ انهن عورتن لاءِ درد هيو، اسان جي ٻهراڙي جون عورتون اڄ بہ دردن ۾ رهن ٿيون، انهن تي مرد ظلم ٿا ڪن، انهن کي پيڙهيو ٿو وڃي، انهن تي ظلم ڪيو ٿو وڃي، انهن کي سولي تي ٽنگيو ٿو وڃي، انهن تي هر روز ظلمن جا پهاڙ ٿا ڪرن، انهن کي ڪاري ڪري ماريو ٿو وڃي، بيگمات جي تقريرون ڄڻ ايڪوسائونڊ جا لائوڊ ٿي ڦاڙيا.

آءُ مٿين جملن واريون جذباتي تقريرون انتهائي غور ۽ فڪر سان ٻڌم، ڪئميرائن جون روشنيون، انهن ميڪ اپ سان سٽيل بيوٽي پارلرن ڪان موٽيل، اعليٰ، عمدا ۽ مهانگن ڪپڙن ۾ سجيل عورتن (بيگمات) جي منهن تي پون ٿيون، ڪئميرائن جا فليش چمڪن ٿا.

سوچيان ٿو انهن بيگمات کي ڪهڙي خبر.... دردن جي..... سورن جي .... سولين جي يا ڪاروڪاري جي .... رستن ۾ ڪمن ڪندڙ عورتن جي .... گهرن ۾ پورهيو ڪندڙ مظلوم عورتن جي .... ٻنين ۾ هارپو ڪندڙ محنت ڪش عورتن جي ۽ رستن چوواٽن تي هٿ ڊگها ڪري پنندڙ عورتن جي.

اڄ جي سيمينار ۾ انهن غريب عورتن جي ڦٽن تي ڪهڙا پها رکيا ويا، انهن جي غير رسمي ۽ جاهليت وارن رسمن خلاف ڪهڙا قدم کنيا ويا.

پروگرام ختم ٿئي، هڪ ٻئي سان ڪپڙن ۽ زيورن جو مقابلو ڪندڙ بيگمات هڪ ٻئي ڪان موڪلائي اعليٰ قسمن جي گاڏين ۾ چڙهي ڪروڙن رپين جي عاليشان بنگلن ۾ وڃي آرامي ٿينديون.

آءُ بہ پروگرام مان ٻاهر اچان ٿو، پنهنجو پاڻ پڇڪان ٿو.... هون .... اعليٰ شوق رکندڙ بيگماتن جون اعليٰ لپاڙون ... اجائي بڪواز .... هٽ سيمينارن ۾ لکن جا خرچ ... گهر ڏانهن ايندي جيجل ماءُ اسپتال سامهون جڳهن ۾ ويٺل پنندڙ ۽ خيرات گهرندڙ عورتن ۽ انهن جي معصوم ٻارڙن تي نظر ٿي پويم، معصوم ٻارڙن جي ڪير لاءِ مائرن جي ٿڃ سڪل..... انهن جا ٻار ڪچرن ۽ گند جي ڍير مان، مانيون ڳولهي ڪائي رهيا هئا.

(نوٽ: عورتن جو عالمي ڏينهن سڄي دنيا ۾ ملهايو ويو، انهي موقعي تي لکيل تاثر)

# اڌورا خواب

هنن کي اسان جي جاءِ ۾ رهندي، ڪجھ عرصو ئي مس گذريو هو، هن جو خاندان ۽ اسان جي گھر جا ڀاتي، جڻ هڪ گھر جيان ٿي ويا هئا.

اسان جو ضلعو نئون نهيو هو، نئين ضلعي جي قيام سان، نوڪرين جون پرتيون هليون پئي ۽ ڪي ڪامورا پنهنجي ضلعن مان بہ بدلي ٿي آيا هئا.

منهنجو پيءُ بہ روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ سپرينٽيڊنٽ هو، هو بہ بدلي ڪرائي، پنهنجي اباڻي ضلعي ۾ آيو هو، اسان جي سڄي فيملي هن ئي شهر ۾ رهندي هئي تہ بابا جي جڻ عيد ٿي وئي، جو پنهنجي گھر ۽ پنهنجي فيملي سان گڏ رهڻ لاءِ اچي ويو هو.

بابا جو هڪ دوست ۽ هن جي آفيس جو هڪ ساٿي محسن علي بہ بابا سان گڏ بدلي ٿي آيو هو، ڪجھ وقت تہ هن Out Back ڪيو، پر پوءِ جلدي ٿڪجي پيو.

اسان جي پر واري جاءِ جيڪا بابا جي جاءِ هئي، هميشہ مسواڙ تي رهندي هئي، بابا هن کي هن جي اصرار تي اها جاءِ مسواڙ تي ڏني تہ هو پنهنجي فيملي وٺي آيو ۽ اچي پنهنجي ڪٽنب کي رهايائين.

اسان جو گھر وڏي ڪٽنب وارو هو پر هنن جو ڪٽنب ڇهن ڀاتين تي مشتمل هو، اسان جي ڀاتين ۾ آءُ سڀ کان ننڍو هوس ۽ هن جي ڀاتين ۾ رابيل سڀ کان ننڍي هئي، آءُ پرائمري پڙهي مڊل اسڪول ۾ داخل ٿي چڪو هوس ۽ رابيل پرائمري جي آخري ڪلاس ۾ پڙهي رهي هئي.

رابيل تمام گھڻي سهڻي ۽ گڏڙي جيان هئي تمام گھڻي ذهين، شرارتي هئي، پنهنجن ڳالهين ۽ شرارتن سان هر ڪنهن جي دل موهي ڇڏيندي هئي.

رابيل جو گھڻو وقت مون سان گذرندو هو، مون سان ڪچهريون ڪندي هئي، اسان ٻئي ٻاتن ٻاتن ٻولڙن سان، ڳالهائيندي، رلندي ملندي، جيون جا ننڍڙا لمحا گذاري رهيا هئاسين، رابيل جي ماءُ ڪنهن سوڌي سامان لاءِ رابيل کي بازار موڪليندي هئي تہ مون کي سڏي چوندي هئي.... ابا منور.... رابيل سان گڏجي وڃ ۽ آءُ خوشي رابيل سان گڏ ويندو هوس، رابيل ۽ آءُ ٻاتڙيون ٻاتڙيون

ڳالهيون ڪري، اسڪول جي پڙهائي بابت، هڪ ٻئي ڪي بيت ٻڌائيندي، هڪ ٻئي کي شيون ڪارائيندي، سڻا ٻار اٽا دوست ٿي ويا هئاسين ۽ ائين سال ڪن گذري ويو.

هڪ ڏينهن آءُ هن لاءِ مِلڪ ٽافي ۽ ببل گم وٺي آيس، جو اهي ٻئي شيون هن کي وڻنديون هيون، دل ۾ پهريون دفعو ڏپ محسوس ڪندي سوچيم تہ هن کي اهي شيون ڪيئن ڏيان، پر جڏهن ڏنمانس تہ خوشي سان وٺندي چيائين.... منور، تون ڇا مون کي ايترو پيائيندو آهين، مون چيومانس ها رابيل .... تون مون کي ڏاڍي وڻندي آهين، دل چوندي آهي تہ جيڪا شئي آءُ کاوان، اها شئي تون بہ کائين. پوءِ هر روز هن کي ملڪ ٽافي ۽ ببلگم ضرور ڏيندو هوس تہ هو کِل خوشي وچان وٺي کائيندي هئي ۽ پوءِ هن بہ منهنجي لاءِ Chips وٺڻ شروع ڪيا، مون کي پٽاٽن سان نهيل چپس وڻندا هئا، ۽ پوءِ اهو شين وارو سلسلو اسان جو شروع ٿي ويو، تيئن ئي اسان جي ٻاراٽي دوستي پختي ٿيندي پئي وئي، اسان جي پاڙي ۾ گهرن کان ٿورو پرپرو هڪ واهہ وهندو هو، پاڙي جون سڀ عورتون انهيءَ واهہ ۾ ڪپڙا ڌوئينديون هيون ۽ پاڙي جا سڀ ننڍا ٻار انهيءَ واهہ ۾ وهجندا هئا، اهو هر روز معمول هوندو هو، سڀ ٻار جيئن ئي اسڪول مان واپس ايندا هئا، ڪپڙا بدلائي سڌو واهہ جو رخ ڪندا هئا، ڏسندي سڄو واهہ ٻارڙن سان پُرجي ويندو هو.

رابيل مون کان اڳ اسڪول مان اچي ويندي هئي ۽ ٻاهر گهٽي ۾ اسان جي دروازي تي ويهي منهنجو انتظار ڪندي هئي، جيئن ئي آءُ پهچندو هوس ڪپڙا بدلائي، اسان بہ وهنجڻ لاءِ واهہ ۾ پهچي ويندا هئاسين، اسان بہ ٻين ٻارن وانگر پاڻي اندر لِڪ لِڪوٽي راند ڪندا هئاسين، پر رابيل سڀني ٻارن کي منع ڪري ڇڏيو هو تہ هن سان ڪير بہ هي راند نہ ڪندو، هو صرف مون سان لِڪ لِڪوٽي راند ڪندي هئي، چوندي هئي تہ صرف تون ئي مون سان هي راند ڪر ۽ مون کي ڳولهي هٿ ڪر.... ۽ پوءِ صرف آءُ ئي هن سان راند ڪندي ڳولهيندو هوس ۽ هو بہ صرف مون کي ئي ڳولهيندي هئي، آءُ هن کي پاڪر پائي ڳولهي وٺندو هوس تہ هن کي ڪو بہ حجاب يا اعتراض نہ ٿيندو هو تہ منهنجو هٿ هن جي جسم جي ڪهڙي حصي تي لڳو يا مون هن کي ڀاڪر پائي ڳولهي ورتو، آءُ ڀاڪر پائي هن کي ڳولهي وٺندو هوس تہ خوشي وچان مون کي چنبڙي پوندي هئي.

گهر جي ٻاهرين گيٽ تي ٽن ڏاڪن واري سيمينٽ سان ٺهيل ڏِڪي تي ويهي اسان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ڪندا هئاسين، وچين نماز مهل، اسان امام بارگاهہ پرسان ڄارين مان پيرون پٽڻ ويندا هئاسين، هو ڄارين مان مِٺا مِٺا پيرون پٽي جهول پرينديي هئي، ڄارين جي ڇانوَ ۾ ويهي ڪائيندا هئاسي ۽ آءُ هن لاءِ گيدوڙي جي وڻ مان ليار پٽي ايندو هوس- مون کي ليار نہ وڻندا هئا پر رابيل شوق سان ڪائيندي هئي، پير جي وڻ مان پٿر هڻي آءُ پير ڇاڻيندو هوس ۽ هو ڊوڙي ڊوڙي ڪرندڙ پيرن کي هٿ ڪري جهولي پرينديي هئي، امام بارگاهہ پويان انبن جو باغ هوندو هو- انهي مان ڪچڙيون انبڙيون ڪٽي ايندو هوس جو رابيل کي ڪچڙيون انبڙيون ڄام وڻنديون هيون ۽ ڪيترا دفعا ائين ڪرڻ سان باغ جي مالهي جون مارون بہ کاڌيون هيم.

پاڙي جا سڀ ٻار شام جو گڏ ٿيندا هئا، اسان جي گهر اڳيان هڪ وڏو ٿلهو هوندو هو- انهي ٿلهي تي راند ڪندا هئاسين.

قر قِر سونٽو

قر قِر سونٽو

دپلي ڇٽڪائي ڏي

سون سون پائي ڏي....

چوطرف ڏهہ پندرهن ٻار دائري جي صورت ۾ اکيون بند ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري، ٻن ٽنگن جي وچ ۾ ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئاسين زناني پوتي سان ٺهيل سونٽو ڪنهن ٻار جي پويان رکندا هئاسين جڏهن رابيل جي واري ايندي هئي تہ هو منهنجي پويان سونٽو رکي پنهنجي ننڍي هٿڙي سان هلڪڙو ڇهاءُ ڏيئي مون کي ٻڌائي ڇڏيندي هئي، تہ آءُ سمجهي ويندو هوس تہ رابيل سونٽو منهنجي پويان رکيو آهي ۽ آءُ بہ رابيل سان ائين ئي ڪندو هوس.

ست نڪريون راند ڪندي آءُ موقعو ڏيندو هوس تہ رابيل ست نڪريون ٽاهي وٺي ۽ بال بہ نہ لڳيس..... ائين اسان جي بهارن سان پريل پتڪڙا پتڪڙا ڏينهڙا .... موجن وارا .... مستين وارا... ڪن پل ۾ پئي گذريا... شعوري طرح ۽ لا شعوري طرح، مون کي خبر ئي نہ پئجي رهي هئي تہ رابيل منهنجي دل جي ڪيترو ويجهو

ٿي چڪي هئي ۽ رابيل به ڪڏهن لفظن جو اظهار نه ڪندي مون کي پنهنجي دل جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي تي ضرور ويهاري ڇڏيو هو.

ائين اسان جا ننڍڙا پتڪڙا پير شايد جواني جي پهرين ڏاڪي کي ڇُهي رهيا هئا، پنهنجي ڏيءَ جي وڌندڙ جسم کي محسوس ڪندي، (جو هن جي وڌندڙ جسم سان لڳي رهيو هو ته هن جا قدم به جواني جي ڏاڪي تي چڙهي رهيا هئا) هڪ ڏينهن رابيل جي ماءُ هن کي چيو .... پٽ رابيل تون هاڻ وڏي ٿيندي پئي وڃين، ڇوڪرن سان راند نه ڪندي ڪر ته رابيل کي اهو احساس ئي نه ٿيو هو ته هو واقعي جواني جي راهه تي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي رهي هئي، چيائين امان.... مون سان منور هوندو آهي، پر وري به چيائين .... منور کان جُدا ٿي ٻي ڪنهن سان راند نه ڪجانءِ..... ڪڏهن ائين ٿيو به نه هيو جو رابيل مون کان سواءِ ٻي ڪنهن سان راند ڪندي هجي.... تڏهن به سختي سان منع ڪندي ماءُ چيس ته اڄ کان پوءِ تون واهه ۾ نه وهنجندين .... تڏهن رابيل کي اوچتو احساس محسوس ٿيڻ لڳو....پانءِ ... هو جوان ٿي وئي آهي ۽ مون به چيو مانس ته رابيل تون وڏي پئي ٿئين..... اڄ کان پوءِ پاڻ واهه ۾ نه وهنجنداسين ٺيڪ آهي منور .... رابيل جڻ منهنجو چوڻ مڃي ورتو. آءُ ته ڪڏهن ڪڏهن وهنجي وتندو هوس پر رابيل منهنجي چوڻ کي آخري ليڪو سمجهي ڪڏهن به نه وهنجندي هئي.... البت واهه جي ڪپ تي ويهي ٻين ٻارن کي ۽ مون کي ڏسندي هئي.

آءُ هر روز هن کي پڙهائيندو به هوس، هُن جي ماءُ مون کي تمام گهڻو پيائيندي هئي.

منهنجن مائٽن يا رابيل جي مائٽن اسان ٻن کي هميشه گڏ ڏسندي ڪڏهن به آرها نه ٿيا هئا..... يا ڪڏهن به اهو محسوس نه ڪيو ته اسان ٻن وچ ۾ ڪنهن به قسم جي بي شرمائي يا بي حيائي جي ڪا ڳالهه هجي ۽ ائين هو به ڪو نه.... ته اسان ٻن جي ڪڇهرين ۾ ڪنهن قسم جو اڍنگو لفظ به نڪتو هجي ته اسان هڪٻئي سان بي انتها پيار ڪريون ٿا.

اسان جا ٻارا ٽا قدم، ننڍڙي جواني ڏانهن وڌي چڪا هئا، آءُ ميٽرڪ ۾ اچي پهتو هوس ۽ رابيل مون کان هڪ ڪلاس پوئتي هئي، هاڻ اسان سڀ رانديون ڇڏي ڏنيون هيون، صرف ببل گم ۽ ملڪ ٽافيون رابيل کي ڏيندو هوس ۽ رابيل به

اسڪول مان موٽندي مون لاءِ چپس ضرور وٺي ايندي هئي، هاڻ اسان جون ڪچهريون يا تہ رابيل کي هوم ورڪ ڪرائيندي هن جي گهر ۾ ٿينديون هيون يا گهر جي ٻاهران دروازي جي چائنٽ تي ٺهيل سيمينٽ جي دڪي تي ويهي ڪندا هئاسين، تان جو آءُ انٽر تي اچي پهتس ۽ رابيل مئٽرڪ پاس ڪري چُڪي هئي، تہ ائين اوچتو خبر پئي تہ رابيل جي پيءُ کي پروموشن ڏيئي ڪراچي بدلي ڪيو ويو، رابيل جي گهر ۾ خوشيون هيون پر رابيل مون کان جدا نہ ٿيڻ پئي چاهيو.... اسان ٻنهي جو غم سيني محسوس ڪري ورتو هو، پر .... اسان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهياسين... هفتي، ڏهہ ڏينهن اندر هو هتان شفٽ ٿي چڪا هئا.

رابيل مون کان تمام گهڻو پري هلي ويئي هئي.... اسان تہ اجا پيار جا ٻول ٻوليائي ڪو نہ هئا.... اسان تہ اجا منڙين منڙين ڳالهين جي شروعات ئي نہ ڪئي هئي، آءُ تہ اجا همت ئي نہ ساري سگهيو هوس تہ رابيل کي چئي سگهان ها تہ رابيل آءُ توسان ڪيترو پيار ٿو ڪريان.... ۽ رابيل بہ مون کي بي انتها چاهيندي بہ انهن لفظن جو اظهار نہ ڪري سگهي هئي، اسان تہ اجا انهن لفظن جو اظهار نہ ڪري سگهيا هئاسين تہ اسان هڪٻئي کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿينداسين، تہ جدا ٿي وياسين.... اسان هڪٻئي کان جدا ٿي وياسين.... اسان جي ٻاراڻي محبت جيڪي ننڍڙي گلاب جي گل جيان هئي.... اهو گلاب جو گل اسان پوکيو ضرور هو، پر اهو گل اجا ٽڙيو نہ هيو..... اسان کي انهي گلاب جي گل جي اُسرڻ، ٽڙڻ جو انتظار هيو، هن جي خوشبو سان واسجڻ جو انتظار هيو..... تہ اهو گلاب جو گل ڇڻ ڪنهن پٽي ورتو هجي..... ۽ اهو گل ڪومائجي ويو هجي، مون ۽ رابيل جيڪي خواب دل تي دل ۾ سانديا هئا، اهي بنا تعبير جي ٽُٽي چڪا هئا. سڀ خواب اڌورا رهجي ويا.... سڀ تعبيرون اڌ ۾ رهجي ويون.....

# نماڻي جا نيڻ

مون جيئن ئي ڪائنات جو فون اٽينڊ ڪيو تہ هن جي روئڻ جو آواز آيو، هو مسلسل روئي رهي هئي، ڪائنات جو فون ڪيڏي مهل بہ اچي اٽينڊ ضرور ڪندو آهيان، ڪائنات هن جيون ۾ مون کي سڀ کان وڌيڪ پياري آهي، آءٌ هن جو روئڻ ٻڌي نہ سگهندو آهيان، هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي نہ سگهندو آهيان، آءٌ هن جو پيءُ تہ نہ آهيان پر هو مون کي پاپا سڏي ٿي، هو چوي ٿي توهان منهنجا بيسٽ فرينڊ پاپا آهيو، تڏهن هو مون کي سچي پچي پنهنجي سڳي ڌيءُ لڳي ٿي، هو مون کي سڳو پيءُ سمجهي ٿي ۽ سڳي پيءُ جهڙي عزت ڏي ٿي، آءٌ بہ ڪيس دادلي ڌي وانگي پائيندو آهيانس، ڇو جو مون کي پنهنجي اولاد ۾ ڪا بہ ڌيءُ نہ آهي، مون کي تمنا هئي، ڏاڍي جستجو هئي تہ هڪ ڌيءُ منهنجي اولاد ۾ هجي، پر نہ ٿي، خيالن ۾ آءٌ پڇا پڇائيندو هوس تہ مون کي هڪ ڌي هوندي تہ ايترو پيار ڪندس، ايترو پائيندس جو هن کي دنيا جي ٻي ڪنهن بہ پيار جي طلب نہ ٿيندي ۽ واقعي جي هجي ها تہ منهنجي ٻي انتها گهڻي دادلي هجي ها.

ڪائنات کي بہ آءٌ سڳي ڌيءُ جيئان پائيندو آهيان، هو 20 سالن جي آهي، هن کي بہ پيٽون ۽ ٽي پائر بہ آهن، هي ڌيئرن ۾ سڀ کان ننڍي آهي، پنهنجي پڙهائي ۾ بي انتها هوشيار، انتهائي گهڻو بااخلاق ۽ شڪل شبيهہ سهڻي ۽ ڪردار ۾ سيرت سان پرپيل ۽ وڏي ڳالهہ تہ گهر جي ڪم ڪار ۾ دلچسپي رکندڙ، صفائي سٿائي ۾ باڪمال ۽ ڪاڏي پيتي ۾ هن جو هٿ بي انتها سٺو تمام سٺو رڌ پچاءُ بہ ڪندي آهي ائين چئجي تہ ننڍي عمر ۾ گهر کي سنڀاليندڙ ۽ سمجهہ دار ڇوڪري.... گهر کي سگهڙ عورتن جيان سنواريو سينگاريو ويني آهي، آءٌ هن جي گهر اڪثر ويندو آهيان، هن جو پيءُ منهنجو سڳو سوٽ ٿئي..... هوئنئن بہ سڀ پاتي منهنجي عزت ڪندا آهن، پر آءٌ هنن جي گهر صرف ڪائنات جي ڪري ويندو آهيان، هو مون کي زور پريندي رهندي آهي تہ پنهنجي ڌيءُ وٽ روز اچان پر آءٌ ڪڏهن ڪڏهن ويندو آهيان، هر روز وڃن منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي، پر موبائل تي صبح و شام ڳالهائيندي آهي، هو مون سان هر ڳالهہ ونڊيندي آهي، پنهنجون فرمائشون، مون سان ڪندي آهي، ڏهہ رپيا بہ خرچي وٺڻي هجيس تہ مون کان وٺندي آهي، پنهنجي هر ڳالهہ مون سان سليندي آهي، هن پنهنجي مستقبل جي هر واڳ منهنجي هٿ ۾

ڏيئي ڇڏي آهي، پنهنجي ماءُ پيءُ جون دل آزاريندڙ ڳالهيون بہ مون سان شيئر ڪندي آهي.
آءُ فون تي هن جو مسلسل روئڻ ٻڌي رهيو هوس، پنج منٽ ڪن سڏڪي سڏڪي چيائين پاپا.... توهان مون ڪي وٺي وڃو.... يا منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيو، توهان مون ڪي هن گهر جي عذاب مان جان ڇڏايو، آءُ نہ ٿي رهڻ چاهيان، هن جهنم ۾.... يا آءُ مرڻ چاهيان ٿي، مون کي اجازت ڏيو تہ خودڪشي ڪريان.... آءُ هن گهر ۾ احساس محرومي واري زندگي گذارڻ نہ ٿي چاهيان، هو سڏڪي سڏڪي مسلسل هڪ ساهہ ۾ چئي وئي، آءُ جي هن جي پر ۾ هجان ها تہ هن جا ڳوڙها هٿن سان اگهان ها.
مون چيومانس منهنجي ڌي توکي چا ٿيو، ڪهڙن عذابن ۾ پئي آهين، جو مرڻ جو پئي سوچين، چيائين آءُ هن گهر جي ايڏي ساري خدمت ڪريان ٿي، پائرن ڪي بابا ڪي پلنگ تي ويٺي ڪاڏا ڪارايان ٿي، پر منهنجا پائر جو آهن جو چوويهہ ڪلاڪ منهنجي سر تي موچڙا ڪنيو بيٺا آهن، تہ هي ڪپي، هي نہ ڪپي، هيئن ٿيو..... هوئن چو نہ ٿيو، هي شئي پچائي اٿئي، هو شئي چو نہ پڪي، منهنجي ماءُ آهي جيڪا پٽن جو بدلو هر وقت انهي ڪري وٺي ٿي جو هو هن جا پٽ آهن، منهنجي ٻن ڀينرن جي شادي ٿي وئي آهي، منهنجي بہ ڪرائي ڇڏيو.
مون چيومانس ڌي.... جتي ڪٿي ڳالهہ ساڳئي آهي، هتي بہ تنهنجي لاءِ ڀينگها ڪو نہ رکيا ويندا جو توکي ويهاري پيا جهولائيندا.... اهي گهريلو ڳالهيون جتي ڪٿي آهن..... اهي مسائل ۽ مسئلا هر گهر ۾ آهن.... مون سمجهايو تہ سمجهي وئي، هوئن بہ منهنجي هر ڳالهہ سمجهي ويندي آهي.
امان آهي جو پنهنجن ڪريل پٽن ڪي مٿانهون ٿي ڪري، جاهل، اڻ پڙهيل، رات ڏينهن مڇون مروڙيون گهر ۾ ويٺا رعب ڪن، نڪما..... جاهل .... اڻ پڙهيل، نہ نوڪري نہ تعليم .... سڄو ڏينهن ڪبوتر پالڻ جو شوق.... امان جو آهي جو پٽ پٽ ڪريو ساهہ پئي نڇاور ڪري .... هو باهہ مان هڪ ساهي وري چئي وئي.
مون ڪائنات ڪي سمجهايو.... پر هن جي ماءُ ۽ پيءُ ڪي نہ ٿو سمجهائي سگهان....
مون ڪائنات کان واعدو ورتو تہ تون ڪڏهن بہ ڪا نہ رئندي، ڪڏهن بہ مرڻ جون ڳالهيون نہ ڪندي ۽ ڪجهہ بہ غلط نہ سوچيندينءَ. هن مون سان واعدو ڪيو پر آءُ هن جي گهر جي جاهلانہ ماحول مان هڪ منٽ بہ مطمئن ڪو نہ هوس.

# پيار جي ورهاست

هفتي، ڏهه ڏينهن کان احسان جي گهر مان گوڙ گمسان، روڄ راڙو ۽ جهڳڙن جو آواز اچي رهيو آهي، صبح شام، مائٽن جي اچ وڃ، فيصلا روئڻ جو آواز.... احسان جو گهر اهو گهر هو، جت امن امان، بلڪل خاموشي رهندي هئي، ڪڏهن به ڪنهن به پاڙي واري هن جي گهر مان وڏي آواز واري ڳالهائڻ جو آواز به نه ٻڌو هو، اتي اڄ فيصلا پئي ٿيا.... احسان جو گهر جيڪو عاليشان بنگلو هو، جتي زندگي جي هر سهولت جو سامان هو، هن گهر ۾ ڀاتي ئي ٽي هئا، زال مڙس ۽ هڪ ڌي .... هن گهر جي پيار ۽ محبت جا چرچا..... ڳائبا هئا، زال مڙس جي وچ ۾ بي انتها محبت هئي ۽ هڪ ڌي هنن جي دادلي ڌي هئي.... انهن کي اولاد ئي هڪ ڌي جي صورت ۾ ٿي.

مون کي خبر هئي ته احسان جي گهر اهو گوڙ ۽ شور، هل ۽ هنگامو، فيصلا ۽ نياءُ ڇا جا هئا، پندرهن ڏينهن اڳ احسان ٻي شادي ڪئي هئي جيئن اها خبر هتي پئي ته جهڳڙا فساد شروع ٿي چڪا هئا، ڏينهن رات فيصلا پئي ٿيا، احسان جو گلو ويهي رهيو هو، ڳالهائڻ جو آواز نه پئي نڪتس.

احسان ۽ آءُ هڪ ئي آفيس ۾ هئاسين، گڏ جوائن ڪيو هوسين، سو اسان جي دوستي آفيس جي پهرين ڏينهن کان آهي، انهي حساب سان اڄ تائين هڪٻئي جا عزيز ترين دوست آهيون.

نوڪري مليم ته ڪجهه سالن بعد شادي ڪيم ۽ پنهنجي لاءِ گهر پئي ڳوليم ته احسان پنهنجي پاڙي ۾ مون کي مسواڙ تي جاءِ وٺي ڏني، احسان ۽ هن جا ڀائر سڀ انهي گهٽي ۾ الڳ الڳ جاين ۾ رهندا هئا، ۽ منهنجي احسان جي ڪري سڀني سان دعا سلام ٿي، منهنجي زال کي به سڀ تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا، ڏسندي ڏسندي مون کي اهو محسوس نه ٿيو ته اسان اڪيلا زال مڙس ڪٿي رهيا پيا آهيون، مائٽن وارو ماحول ٿي ويو هو، ڪجهه سالن بعد احسان به شادي ڪئي، هن هڪ پلاٽ ورتو هو، پوءِ آهستي آهستي جاءِ نهرايائين، اڄ هتي هن جو عاليشان بنگلو هو، پوءِ اسان ڄڻ هڪٻئي جا ٿي وياسين.

ويھہ سال گذري چڪا هئا، اسان جي شادين کي ۽ هڪڙي پاڙي ۾ گڏ رهندي پنجويھہ سال گذري چڪا هئا، انهي دوران منهنجو ماشاءَ الله وڏو ڪٽنب ٿي چڪو هو، مون کي پنج ٻار ٿي چڪا هئا ۽ احسان کي صرف هڪ ٻار ڌي هئي..... ٻيو اولاد نہ ٿيو، احسان جو گهر هڪ جنت نما گهر هو.

خوشين ۽ ٽهڪڙن جي فضا هئي، هر وقت خوشين ڀري ماحول ۾ هنن جي زندگي جو لمحو لمحو گذريو، هنن جي گهر ۾ پيار ۽ محبت هئي، ڪڏهن بہ ڪنهن جهڳڙي جو آواز بہ نہ ٻڌو ويو هو، جهڳڙو تہ پري ٿيو، پر وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ بہ نہ هوندو هو، احسان جي زال شادي کان ڏهن سالن بعد هڪ ڌي کي جنم ڏنو..... ڌي کي پيدا ڇا ڪيائين، پاڻ بيمار ٿي پئي، احسان پنهنجي گهرواري سان بي انتها پيار ڪندو هو ۽ دل و جان سان چاهيندو هو، پنهنجي سڄي سوڻ هيس..... هن پنهنجي زال جو علاج شروع ڪيو.... ڏسندي ڏسندي هو گهڻو بيمار رهڻ لڳي، مقامي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائيندي ڪراچي جي آغا خان اسپتال تائين پهتو.

هو مون سان هر حال اوريندو هو، اسان ٻئي هڪ ٻئي سان ڏک سک ونڊيندا هئاسين، ڇڻ تہ ڏکن سکن ۾ ساٿ نڀائيندا هئاسين، هن پنهنجي زال جي بيماري جو هر حال مون کي ٻڌائيندو رهندو هو، هن کي Breast Cancer ٿي پيو هو، ڪھہ سالن بعد هن ڇاتي جو هڪ پاسو آپريشن ڪرائي ڪيرائي ڇڏيو هو، پر پوءِ بہ هو پنهنجي بيماري مان آجي نہ ٿي هئي، هاڻ هن کي بلڊ ڪينسر ٿي چڪو هو، گلاب جي گلن جيان ٻهڪندڙ چهرو ڪومائجي هڏائين پڃري جهڙي ٿي وئي هئي، زرد چهرو .... بي انتها بيماري جي حالت ۾ بستري داخل ٿي چڪي هئي، احسان هن جي علاج ۾ سڀ ڪجھہ لٽائي چڪو هو، بس ها هو هڪ زنده لاش هئي، زال جي علاج ۾ هن وسان ڪين گهٽايو، اڄ تائين مهيني ۾ هڪ بہ دفعا آغا خان اسپتال ڪراچي ويندا آهن، ننڍي عمر ۾ وڏي آزارن ۾ ڦٿجي وئي، احسان جي زال هڪ زنده لاش هئي.... چوويھہ ڪلاڪ بستري تي هوندي هئي، دنيا جي هر ڪم ڪار کان لاچار هئي..... دنيا جي لاهين چاڙهين کان بلڪل بي خبر.... هيڏانهن احسان لاءِ دنيا جو وڏو امتحان هو، هو زال سان ملڻ لاءِ ترسي چڪو هو، هو انتهائي شريف ۽ محبت ڪندڙ انسان هو پر هڪ مرد بہ هو.

زال جي محبت ۽ قربت کانسواءِ اڪيلو اڪيلو ٿي پيو هو، هن کي هڪ زال جي ضرورت هئي، مايوس ۽ ويڳاڻو ويڳاڻو رهڻ .... اداس رهڻ لڳو هو.

هڪ ڏينهن مون سان حال اوريندي چيائين يار آءُ ڪو پوڙهو ٻه نه ٿي ويو آهيان، مون کي هڪ پيار ڪندڙ زال جي ضرورت آهي، آءُ صحت مند مرد آهيان، زال کان سواءِ زندگي گذارڻ مشڪل ٿي پئي آهي، آءُ ڏاڍي حيران ٿي ويس، مون چيو ڇا ٿو چاهين..... چيائين ٻي شادي ڪرڻ ٿو چاهيان..... مون سمجهايو مانس ته تنهنجي ڌي هاڻ سمجهدار آهي.... هن کي هاڻ تهنهنجيي ضرورت آهي، هن قدم کڻڻ کان اڳ زال ۽ ڌي کي اعتماد ۾ ضرور ونجان، ته هن چيو زال ته ڪيترا دفعه چئي چڪي آهي ته پلي ٻي شادي ڪر.... ۽ هن ٻي شادي ڪرڻ جي موڪل به ڏني آهي، گذريل هڪ ٻن سالن کان هن چئي ڇڏيو آهي ته پلي ٻي شادي ڪر.... پر سوچيندي سوچيندي ڌي جي وڌندڙ عمر ذهن ۾ اچي ٿي ته ڪٿي ڌي احساس محرومي ۾ مبتلا نه ٿي وڃي، پر پوءِ چيائين، ادا.... مون ڌي کي به اعتماد ۾ وٺي ڇڏيو آهي، هن به اجازت ڏني آهي، زال ته اڳئي چئي پئي ته ٻي شادي ڪر پر الڳ رهائجان، ٻي زال کي ڪنهن الڳ گهر ۾.

هاڻ ڏهه ڏينهن اڳ هن نڪاح ڪيو آهي، الڳ فليٽ به ورتو آهي.

مون پڇيومانس ته احسان پوءِ هي ڇا جو جهيڙو آهي، ڇو تنهنجي گهر ۾ فساد شروع ٿي چڪا آهن، محبتن وارو گهر ڇو نفرتن ۾ تبديل ٿيو آهي، جنهن گهر مان ڳالهائڻ جو آواز به نه ٻڌندا هئاسين، اتي اڄ فيصلا پيا ٿين، ته چيائين، آءُ به زندگي مان بيزار ٿي چڪو آهيان جڏهن هنن هر ڳالهه جي اجازت ڏني هئي.... پوءِ ڇو جهڳڙا شروع ڪيا اٿن. زال ۽ ڌي جي اجازت کانپوءِ ئي ٻي شادي ڪئي اٿم، هاڻ جڏهن نڪاح ڪيو اٿم تڏهن هنن قيامت برپا ڪري ڏني آهي.

ٻي شادي جو ٻڌي هنن ڪٽي گوڙ ڪيو آهي ۽ ٻڙڌڪ ڪٽي مچايو آهي.

صبح و شام گوڙ ڪٽي ڪيو آهي، احسان ٻي شادي ڪري چڪو هو..... آهستي آهستي گوڙ گمسان گهٽ ٿي ويا هئا، هاڻ احسان آفيس به اچڻ لڳو آهي، انتهائي خوشگوار....ناخوشگوار.... ٻنهي سان زندگي پيو گذاري.

# جيئڻ جنين ڪاڻ

آچر جو ڏينهن هيو، پنپهرن جو هڪ ٿيو هو، آءُ گهر ۾ ويٺو هوس، هڪ فون آئي ڏٺم تہ نئون نمبر هو .... فون اٽينڊ نہ ڪيم .... وري ٻيو دفعو فون آيو، جيئن هيلو ڪيم ..... تہ هتان آواز آيو ..... اسلام عليڪم .... هڪ زنانو آواز ..... معاف ڪجو مون اوهان ڪي ڊسٽرب تہ نہ ڪيو.....

جي توهان ڊسٽرب بہ ڪيو تہ بہ ٺيڪ آهي، مون وراڻيو.....

حڪم ڪريو..... مون توهان ڪي نہ سڃاتو ۽ نہ ئي توهان جو نمبر مون وٽ سيو آهي.

آءُ توهان ڪي ڏسڻ چاهيان ٿي، هن چيو.....

مون وراڻيو، توهان پنهنجو تعارف تہ ڪرايو.

چيائين توهان مون ڪي ڏسندا تہ سڃاڻي ويندا ..... پليز .... ڪلاڪ، اڌ ڪلاڪ، توهان مون ڪي ڏيڻ چاهيندا، ڪي ورهيہ ٿيا آهن، توڪي نہ ڏٺو اٿم .....

پر پليز .... توهان ڪير آهيو، ڪٿي آهيو ۽ ائين ڪيئن ٿو ملي سگهان، توهان ڪي منهنجو نمبر ڪيئن ۽ ڪٿان مليو .... ڇا توهان مون ڪي چڱي طرح سڃاڻو بہ ٿا......

هاها..... توهان اڪبر آهيو ۽ هاڻ سنڌي ادب جا بهترين شاعر ۽ ڪهاڻيڪار اڪبر بلوچ آهيو .... جڏهن هن منهنجو سچو تعارف ڪرائي ورتو. اچا بہ چئين تہ تنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جو نالو بہ ٻڌايان.

۽ توهان .... وري بہ مون هن ڪان نالو پڇندي چيو...... توهان پنهنجو نالو تہ ٻڌايو......

سڀ ڪجهہ فون تي ٻڌائي ڇڏيان تہ توڪي ڏسندس ڪيئن .... مهرباني ڪري جلدي اچ .... جيئن ڪجهہ دير توڪي ڏسي سگهان ..... هن جڏهن التجا ڪئي. آءُ هن وقت پڙا هٽ ۾ ويٺي آهيان .....

مون چيو..... آءُ توڪي ڪيئن سڃاڻندس.

هن چيو ..... آءُ توڪي پاڻيهي ئي سڃاڻي وٺندس.

بس پليز جلدي اچ..... مون وٽ ٽائيم ڪونهي، بس توکي ڏسان ۽ پوءِ هلي وڃان.

بس مون گاڏي ڪيڏي ۽ سڌو پزاهٽ پهتس. جيئن گاڏي بيهاريم، هو ٻاهر اچي بيٺي هئي ۽ مون کي سلام ڪندي، ٿورو مجيندي، چيائين ..... تو منهنجو چوڻ مڃيو ۽ هليو آئين تنهنجا اهي وڏ ....لک ٿورا ..... مون جيئن ئي هن کي ڏٺو، مون ڪان هلڪڙي آواز نڙي ۾ گهٽيل آواز واري رڙ نڪري وئي..... پريات تون......!!

اندر وٺي وئي، هڪ ڪنڊ واري ٽيبل تي ويٺاسين....ٻنپهرن جو ٽائيم هو.... پزاهٽ خالي پيو هو، هڪ ٻن ٽيبلن تي ماڻهو هئا.

اڪبر مون کي سڃاڻي ورتئي نه .... مون پنهنجو تعارف ئي نه ڪرايو ته تو منهنجو نالو وٺي ڇڏيو.

ها پريات .... تون ئي ته منهنجي حياتي هوئين..... تون ئي ته منهنجي لاٽ هئين..... تون ئي منهنجي روشني هوئين..... منهنجو آدرش ..... منهنجو آواز ..... ۽ منهنجي جيون ۾ روشني جو ڪرڻو ..... ۽ آءُ توکي ڪيئن نه سڃاڻي سگهندس.

ها اڪبر ..... اڄ تو کي پنجويهه سالن کانپوءِ ڏٺو اٿم..... مون توکي هڪ پل لاءِ به وساريو نه آهي. مون توکي ڪڏهن به دل مان ڪڍيو نه آهي.

ايئن چوندي ..... هن جي اکڙين مان ڳوڙها وهي نڪتا ..... آواز ڀرجي ويو .... هن کي ڏسي منهنجون اکيون به آليون ٿي ويون، شايد پنجويهه سالن کانپوءِ هڪٻئي کي ڏسڻ جي خوشي جا ڳوڙها هئا.

هن جو ننڍڙو پٽ جيڪو شايد پلي لينڊ ايريا ۾ کيڏي رهيو هو، اهو هن وٽ اچي ويو، هو عمر ۾ ايترو ننڍو هو جو ڪو به سوال نه ڪري سگهيو، هو صرف مون کي ڏسندو رهيو، تيسيتائين پزا جي پليٽ به اچي وئي....

پريات تڪڙ ۾ هئي..... جو پزا جو آرڊر اچڻ سان ئي ڏئي چڪي هئي.

اکڙين مان ڳوڙها وهائيندي چيائين اڪبر... آءُ تنهنجي گنهگار آهيان.... آءُ تنهنجي خطادار آهيان ..... جو توکي چاهيندي به تنهنجي ٿي نه سگهيس، توکي دل ئي دل ۾ مجازي خدا مڃيندي به توکي حاصل نه ڪري سگهيس، تنهنجو پيار نه ماڻي سگهيس، تون منهنجو ڪلهه به پيار هوئين ۽ اڄ به منهنجو پيار آهين. هان.....

هي وٺ ..... پڙا جو هڪ پيس .... گرھ ٿاهيندي پنهنجن هٿن سان مون کي ڏنائين، چيائين اڪبر منهنجي هٿ وارو هي گره تہ ڪاڻ......

ها پرياٽ...... تون چوندي هئين تہ پيار سدائين رهندو آهي، سدائين دل ۾ وسندو آهي، شادي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان ڪو بہ فرق نہ پوندو آهي، جنهن سان پيار هوندو، تاحيات هن سان ئي رهندو آهي ۽ آءُ سدائين هن جي اها ڳالهہ رد ڪندي چوندو هوس..... نہ پرياٽ پيار حاصل ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن سان سچو پيار هجي..... هن کي حاصل نہ ڪجي يا هن سان گڏ زندگي نہ گذارجي تہ اهڙي پيار کي سِڪون ۽ آهون نصيب ٿينديون آهن...... جدائي جون شامون ..... جدائي جون راتيون......

مون کان پڇيائين...... تو شادي ڪئي...... تنهنجي زال خوش قسمت هوندي جو تو جهڙو پيار ۽ پيار ڪندڙ ور مليو هوندس، تنهنجي زال ڪيئن آهي، سهڻي تہ آهي نہ ...... ٻار ڪيترا اٿئي..... تنهنجي زندگي ڪيئن پئي گذري...... تون ڪيئن آهين ..... سکيو آهين نہ ..... سنو پيار مليو اٿئي نہ...... پرياٽ کي شايد تڪڙ هئي جو هڪ ساهہ ۾ ڪيترا سوال ڪري وئي..... يا منهنجي آتما.... هڪ ساهہ ۾ ٻڌڻ پئي چاهيائين.....مون سڀني ڳالهين جو جواب هڪڙي جواب ۾ ڏنومانس تہ روئي پئي......

مون چيومانس..... پرياٽ تون ئي تہ منهنجي زندگي هئين..... تون ئي منهنجي روشني هئين..... بس ٻي ڪنهن زندگي ۽ ٻي ڪنهن پرياٽ کي حاصل ڪرڻ جي طلب ئي نہ رهي.....

پرياٽ تون ئي تہ چوندي هوئين تہ شادي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي، محبت سدا قائم رهندي آهي.... دلين ۾ سدا وسندي آهي تہ پرياٽ مون تنهنجي ڳالهہ جو ڀرم رکيو آهي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ منهنجي پرياٽ صرف تون ئي هئين.... ۽ تون ئي آهين..... ۽ تون ئي رهندين..... منهنجي دل چاهيو تہ هن جو ڳوڙها، پنهنجي هٿن سان اگهان، هن جو سر پنهنجي جهولي ۾ وجهي هن کي پرچايان..... هن کي ڀاڪر پائي چميون ڏيان..... هن جا وهيل ڳوڙها ڀي وٺان..... پر اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪري سگهيس، ٽيهہ سال پوئتي هليو ويس، آءُ ۽ پرياٽ هڪڙي ئي اڱڻ ۾ وڏا ٿيا هئاسين..... اکر ڀوري راند ڪندي

نندپڻ گذريو هو، هو اڪر پوري راند ڪٽيندي هئي تہ موٽ ۾ پنج روپئي وارو سڪو ڦري ونندي هئي..... مون ڪٽيو، مون ڪٽيو.... چئي خوش ٿيندي هئي.

اسان ٻئي بلور بلور....گل ٻوڙڻ واري راند ڪيڏندا هئاسين.... هو سدائين اها راند ڪٽي ويندي هئي... پوءِ منهنجا ڪٽيل بلور.... واپس ڪندي چوندي هئي.... ڇا ياد ڪندين..... وٺ بلور.... ۽ پوءِ آءُ پنهنجا سڀ بلور هن کي ڏيئي ڇڏيندو هوس، هو سڀ بلور هڪ دٻي ۾ وجهي ڪڙڪائي ڪڙڪائي خوش ٿيندي هئي ۽ مون کي پاڪر ۾ پري چوندي هئي، اڪبر تون ڪيڏو نہ سٺو آهين.....

اسان ٻارڙن جي ريل گاڏي واري راند ڪندا هئاسين.....

جو ڪير پئي..... سو وير ٿئي

ڏند زور وٺن لڳ چست ٿين.....

ڏي ڪير امان.... پي پڙهڻ وڃان.

نندڙن ٻارڙن جي ريل.... هڪ ٻئي جا چولا پڪڙي، ريل ٺاهيندا هئاسين..... پاڙي واري گهٽي، جيڪا گهرن کان امام بارگاهہ تائين سڌي سڌي ويندي هئي، پرپات بہ منهنجي پويان.....چولو پڪڙي انهي راند ۾ شامل هوندي هئي.....پوءِ زور سان بيت چوندا هلندا ڊوڙندا هئاسين.....

ڏي ڪير امان....

پي پڙهڻ وڃان....

وري پيو بيت....

جهو جهو ماٺي.....لسي پيون گهاٽي.....

ائين..... رانديون ڪندي جيون جا پتڪڙا پتڪڙا قدم اڳتي ڊوڙي رهيا هئا.

پرپات اڪثر ڇوڪرين سان "ٺاپو" راند ڪندي هئي....توڙي جو اها راند ڇوڪرين جي هوندي هئي، پر مون کي شامل ڪرڻ لاءِ ضد ڪندي هئي، ٻيون ڇوڪريون نہ مڃينديون هيون، تہ هڪ ڇوڪرو اسان ڇوڪرين سان گڏ ڪيئن راند ڪيڏندو تہ هي انهي راند ۾ شامل نہ ٿيندي هئي.

ائين اسان جا نندپڻ جا ڏينهن کلندي، کڏندي گذري رهيا هئا.

جيئن تہ پرپات منهنجي سوٽ هئي.... سڳي چاچي جي ڌيءَ..... هڪ ئي اڱڻ ۾ اسان جا اٺ ڏهہ گهر هئا.... منهنجي ڏاڏي....پنهنجن سڀني پٽن ۽ ڌيئرن کي

هڪ ئي اڱڻ ۾ گڏ ويھاريو هو، جو هڪ ٻئي جو گهر اچڻ وڃڻ ائين ئي رهندو هو، ويتر جو هڪ ٻئي جا سوٽ ماسات هئاسين تہ ڪنھن بہ قسم جي اچ وڃ يا ڪچهرين ڪرڻ جي رنڊ روڪ نہ هوندي هئي، پرڀات ٻنپهرن جي ۽ رات جي پنھنجي حصي جي ماني مون وٽ ڪٽي ايندي هئي، اسان ٻئي گڏجي ماني کائيندا هئاسين.

اسان هلڪڙي هلڪڙي جواني ۾ قدم رکي چڪا هئاسين، منھنجي ماءُ اسان ٻنھي جي پيار ڪي پر ڪي ورتو هو، اسان کي ايترو ويجهو ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي، ۽ پرڀات کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي ۽ پرڀات بہ امان جي ڏاڍي عزت ڪندي هئي.

پرڀات جي مون سان ويجهڙائپ ڏسي، سندس ماءُ اعتراض ڪرڻ لڳي، پنھنجي ڌيءُ کي روز چوندي هئي... تہ اها ڳالھہ مون کي پسند نہ آهي تہ تون اڪبر جي ويجهو ٿيندي پئي وڃين، پر پرڀات پنھنجي ماءُ جي ڳالھہ نہ مڃيندي هئي، ڇو جو هو پنھنجي پيءُ جي دادلي ڌيءُ هئي ۽ سندس پيءُ اسان کي پائيندو بہ هو تہ چاهيندو بہ هو تہ پرڀات جي شادي سندس ڀاءُ جي گهر ٿئي.

هاڻ پرڀات جوان ٿي چڪي هئي ۽ سھڻي بہ تمام گهڻي هئي، چھري تي قدرتي رونق ۽ روشني هيس، جو سيني کي پئي وٽندي هئي.

اسان جي اڱڻ ۾ پرڀات جي جواني جا چرچا هلڻ لڳا هئا. سندس مڱڻي ۽ شادي جون ڳالھڙيون گهلڻ لڳيون هيون، جڏهن سندس ڪنن تي اهي ڳالھڙيون پھتيون تہ مون کي چيائين....اڪبر....توهان پنھنجي ماءُ پيءُ کي چئو تہ منھنجو سڱ تنھنجي لاءِ گُهرن ۽ بابا وارن سان اچي ملن رڳو مڱڻي ٿي وڃي ۽ پوءِ بس....

وايو منڊل ۾ پرڀات جي گهر، هن جي سڱ ۽ مڱڻي جون ڳالھيون هلڻ لڳيون تہ مون پنھنجي ماءُ پيءُ کي سڱ گهرڻ لاءِ موڪيلو، انھن بہ دير نہ ڪئي، باقاعده سڱ گهرڻ ويا. منھنجو چاچو تہ راضي ٿي ويو، پر منھنجي چاچي نابري واري ۽ پنھنجي دل جي ڳالھہ ڪڍندي چيائين.... اسان کي سوچڻ جو موقعو ڏيو، ڇو جو پرڀات منھنجي وڏي ۽ سھڻي ڌيءُ آهي، جيڪا آءُ پنھنجي ڀاءُ جي پٽ کي ڏيڻ چاهيان ٿي.

مون کي ۽ پرڀات کي انھي ڳالھہ جو گمان ئي نہ هيو.... اسان سوچيو هو تہ يڪدم ها ٿي ويندي ۽ مڱڻي بہ ٿي ويندي، منھنجي ماءُ چيو...پرڀات ۽ اڪبر

هڪبئي ڪي چاهين ٿا، ڀائين ٿا، هڪبئي سان پيار ڪن ٿا، تڏهن پرياٽ جي ماءُ چيو هو تہ اهي ٻار آهن، ٻارن جا فيصلا ڪي مجبا آهن ڇا؟ منهنجو چاچو جيڪو اسان جي سڱ ۾ راضي هو پر هن بہ في الحال ماٺ جو روزو رکيو.

پرياٽ کي هن جي ماءُ منع ڪيو تہ هاڻ هو مون سان نہ ملي.... هو اسان جي گهر بہ نہ وڃي.

تڏهن بہ پرياٽ روز شام جو منهنجي پيڻ جي گهر اچي ويندي هئي، اتي اسان ٻئي پينگهي ۾ لڏندي لڏندي پينگهي جي ٽڙڪاٽ جي آواز ۾ ڪوڙ ساريون ڪچهريون ڪندي، وچن ڪرڻ لڳاسين، وعدا وٺندا رهياسين، هڪ ٻئي سان گڏ جيئڻ جا قول قرار ڪرڻ لڳاسين ۽ رات جو امان روز ڪچهري ڪرائيندي هئي، اسان جي گهر جي ٿلهي تي امان سگري ٻاريندي هئي، انهي سگري جي چوطرف سپ چاچا، چاچيون، سوٽ، ڀائر، ڀينرون هر روز اچي ويهندا هئا، هر روز چانهہ جو ديڳڙو چڙهندو هو ۽ ڪچهري مچي ويندي هئي، ويهہ پنجويهہ ماڻهن جي چانهہ سان گڏ ڪچهري ۾ مزو ٿي ويندو هو، آڌي رات تائين ڪل ڀوڳ جا چرچا هلندا هئا، پرياٽ بہ ڊوڙي ڊوڙي اچي سيني کي هٿائي منهنجي ڀرسان ٻانهن ۾ ٻانهن ڏيئي بلڪل مون کي چنبڙي ويندي هئي، سيني کي اهو ڀانور ڪرائيندي هئي تہ اڪبر منهنجو آهي، متان مون کان ڪير کسڻ جي ڪوشش ڪري..... ۽ مون سان ٻانهہ ۾ ٻانهہ ڏيئي وجهي سيني کي ٻڌائي ۽ ڏيکاري رهي هئي تہ آءُ صرف اڪبر جي آهيان.

هاڻ پينگهي جي لوڏ ۾ اسان جي ڪچهرين جو موضوع، اسان جي پنهنجي شادي جو هوندو هو، چوندي هئي، دل جي دڙڪن جي آخري ساهہ تائين آءُ اهو ڪرڻ نہ ڏينديس تہ منهنجي شادي ٻي هنڌ ٿئي، ۽ وري ٻي پل مون کي سمجهائيندي هئي تہ اڪبر شادي....محبتن جو معراج نہ آهي....محبت ازل کان ابد تائين رهندڙ هڪ لازوال رشتو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ ٽٽندو نہ آهي، جهرندو نہ آهي، دل ۾ سدائين وسندو رهندو آهي، آءُ تنهنجي دل ۾ آهيان ۽ تون منهنجي دل ۾ آهين، آءُ چوندو هومانس، پرياٽ اها دلين واري محبت جي فلسفي کي آءُ نہ ٿو مڃان، تون مون سان گڏ نہ هجين.... زندگي جي هر موڙ تي تنهنجو ساٿ مون سان نہ هجي...زندگي جي پيار پريت لمحن ۾ تون مون سان گڏ نہ هجين پاڻ هڪبئي

ڪي ڇهي نہ سگهون، تون مون کان پري هجين ۽ آءُ توکي ڏسي بہ نہ سگهان، رسي بہ نہ سگهان، پنهنجا وجود هڪٻئي کان جدا هجن.... تہ اها محبت منهنجي نظر ۾ لا محبت آهي.... پر هو پنهنجي فلسفي تي قائم رهندي دليل ڏيندي هئي ۽ آءُ ماٺ ٿي ويندو هوس، اهو وقت اچي ويو.... پرياٽ پنهنجي ماءُ جي اڳيان هارائي وئي، هي هن جي پهرين شڪست هئي، جيڪا ماءُ هن کي ڌمڪي جي صورت ۾ ڏني هئي تہ جيڪڏهن تو شادي منهنجي پياءُ جي پٽ سان نہ ڪئي تہ آءُ خودڪشي ڪري ڇڏينديس....هن ڳالهہ کان پوءِ پرياٽ هارائي....پري....تمام گهڻو پري هلي وئي، ڏسڻ کان بہ پري.... جهٽ پٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي متان پرياٽ بدلجي وڃي.... يا ڪو انقلابي قدم نہ کڻي وٺي، هو پري هلي وئي، اسان هڪٻئي کي ڏسڻ کان بہ پري، پر سڪي وياسين.

پرياٽ جي مڙس جو فون آيو تہ آءُ ڪٿي ۽ ڪيڏي مهل اچان تہ پرياٽ هن کي چيو تون ڪلاڪ کن ۾ ريشم گلي وٽ اچجان.

تڏهن مون چيومانس....پرياٽ تنهنجا سڀ مائٽ حيدرآباد شفٽ ٿي ويا آهن، تون ڇو نہ ٿي شفٽ ٿئين، تڏهن چيائين تہ منهنجو مڙس چوي ٿو تہ جيسيتائين اڪبر حيدرآباد ۾ آهي يا جيسيتائين جيئرو آهي، تيسيتائين شفٽ نہ ٿينداسين.....

پرياٽ مون کي ٻڌايو تہ مون چيومانس جي اها ڳالهہ آهي تہ ڇا تون اڪبر کي منهنجي دل ۽ روح مان ڪڍي سگهين ٿو.

پيانءِ ..... پرياٽ جي مڙس کي ڪيڏو خوف هو.... اسان جي دلين جي ڌڙڪنن جو ....

مون شادي نہ ڪئي هئي، پرياٽ کي چيم، تنهن جي محبت واري فلسفي ۾ ڪيتري سچائي آهي ۽ منهنجي محبت جي سلسلي ۾ ڪيتري سچائي آهي، جو مون توکان سواءِ ٻي ڪنهن سان زندگي گذارڻ جو سوچيو ئي ڪو نہ....

ڪجهہ دير بعد پڙاهت مان نڪري هو ريشم گلي هلي وئي ۽ مان پنهنجي گهر موٽي آيس.....

# ڪُلها ننڍا بار وڏا

لياقت ۽ مون کي گڏ نوڪري ملي هئي هڪڙي ئي آفيس ۾ ملي تہ اسان جي دوستيءَ جا پنڌڙ ڪجهہ وڌيڪ مضبوط ٿي ويا هئا.

اڄ کان ٽيهہ سال اڳ جڏهن اسان ٻئي اندازن ويهہ سالن جا هئاسين تہ نوڪري ملي هئي، اسان ٻنهي جون شاديون بہ هڪڙي سال ٿيون هيون، جڏهن اسان جي عمر پنجويهہ سال کن هئي، اهو هڪڙو اتفاق هو تہ لياقت جو ۽ منهنجو پيءُ اسان جي شادين بعد هڪ ٻئي پويان گذاري ويا.

جيئن تہ لياقت پيءُ کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب جو وڏو ڀاتي هو تہ گهر جو سربراهہ ٿي ويو، هن جي ڪلهن تي سندس گهر جو وڏو بار پئجي ويو، لياقت کان ننڍا چار ڀينرون ۽ بہ ڀائر هئا ۽ آءُ پنهنجي خاندان ۾ سڀني ڀينرن ۽ ڀائرن کان ننڍو هئس.

اسان ٻئي نوڪري بعد حيدرآباد لڏي آياسين، جو نوڪري بہ هتي هئي، لياقت پنهنجو پورو خاندان وٺي شفٽ ٿيو هو ۽ آءُ صرف پنهنجي زال وٺي حيدرآباد آيو هئس. اسان سدائين گڏ هوندا هئاسين، اسان فليٽ بہ هڪڙي ئي فلور تي آمهون سامهون مسواڙ تي ورتا هئا. اسان سدائين هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ بي حجاب رهيا هئاسين، اسان جي گهر جي ڀاتين ۾ ڪو حجاب نہ هيو، هونئين تہ اسان صرف دوست هئاسين، پر هڪ ٻئي جي گهر اچ وڃ يا تعلقات ۾ ..... آفيس ۾ ..... گهر ۾ گهمڻ ڦرڻ ۾ ...... چڪر چاڙي ۾ هميشہ گڏ هوندا هئاسين.

جيئن تہ لياقت تمام وڏي ڪٽنب کي سنڀاليندڙ اڪيلو ڪمائيندڙ هو، هن جي نوجوان ڪلهن تي وڏو بار هو، تنهن ڪري هن پنهنجو پاڻ کي اعتدال پسند ۽ محتاط رهندڙ شخص بنائي ڇڏيو هو، اجائي خرچ .... گهمڻ ڦرڻ، کائڻ پيئڻ ۾ تمام گهڻو محتاط ٿي ويو هو، جتي بہ گهمڻ ڦرڻ ويندا هئاسين تہ آءُ ڪوشش ڪندو هئس تہ خرچ جو بار هن تي نہ پوي، آهستي آهستي هن جون چار ڀينرون جوان ٿي رهيون هيون، ماءُ جي بيماريءَ جو خرچ، ڀينرن ۽ ڀائرن جي پڙهائيءَ جو خرچ، پنهنجي زال جو خرچ ۽ پاڻ يارهين گريڊ جو سرڪاري ملازم، نوڪريءَ وارو پگهار گهٽ محسوس ڪرڻ لڳو تہ شام جو هڪ اخبار جي آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ

لڳو، مون سان هر حال اوريندو هو، هن جو مرڪون ختم ٿي ويون هيون، هن جي چهري تي سنجيدگي اچي وئي هئي، هن جي ڪلهن تي وڏا بار پئجي ويا هئا، پنهنجي بيمار ماءُ، نوجوان ڀيڻن جي شادي ۽ ڀينرن، ڀائرن جي پڙهائي جو وڏو فڪر رهندو هو تہ الائجي ڇا ٿيندو ۽ ڪيئن ٿيندو، پر آءُ هن جي قدم قدم تي حوصلہ افزائي ۽ همت ڏياريندو هئس ۽ هر وک تي هن جو ساٿ نڀائيندو رهيس.

ائين وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو، هڪ ڀيڻ جو رشتو آيو تہ طئي ٿي ويو ۽ هن جي شاديءَ جي تيارين ۾ لڳي ويو، هوڏانهن مون کي بہ هڪ پٽ جو اولاد ٿيو تہ لياقت کي بہ ڏيءَ ڄائي هئي، اسان پنهنجي دنيا ۾ خوش هئاسين، لياقت جي هر ڏکئي وقت پئسن جي کوٽ ۾ آءُ ئي هن جي هر مشڪل گهڙي ۾ ساٿ ڏيندو هئس، هن جي ڀيڻ جي شادي ۾ مون هن جي ڀرپور مدد ڪئي.

ايئن لياقت آهستي آهستي هڪ هڪ ڀيڻ کي پڙهائيندو رهيو ۽ شادي بہ ڪرائيندو رهيو، لياقت جي زندگي، جدوجهد، پگهار ۽ نوڪري جو مقصد ئي اهو وڃي رهيو هو تہ ڀيڻن ۽ ڀائرن کي اعليٰ مقام تي پهچايان.

هڪ ڀيڻ ڊاڪٽر، هڪ ڀيڻ نرس، هڪ ليڪچرار ۽ هڪ ڀيڻ ٽيچر جي عهدن تي پهچي چڪيون هيون، هن جا ڀائر اڃا پڙهي رهيا هئا ۽ هن جي زال بہ ليڪچرار ٿي چڪي هئي، اهو سڀ ڪجهہ لياقت جي همت، حوصلي ۽ سندس زال جي ڀرپور ساٿ سان ٿي رهيو هو، لياقت سدائين چوندو هو تہ اهو سڀ ڪجهہ، الله پاڪ، امان جي دعائن سان ڪري رهيو آهي.

هاڻ هن جي آخري ڀيڻ جي شادي ٿي چڪي هئي، مون وٽ آيو، ڪڇهري ڪندي چيائين تہ ادا .... خدا پاڪ جا لک شڪرانا جو آءُ پنهنجي حوصلي، همت ۽ زال جي ساٿ سان، امان جي دعائن سان هن ڏکئي مرحلي سان گذري ويس، جو ڀيڻن کي اعليٰ مقام تي پهچائي ۽ پنهنجن گهرن ۾ پهچايم، مون بہ چيومانس.. ها ادا هن ڏکئي مرحلي ۾ تنهن جي زال جو ساٿ مٺو پوندو، جنهن هر موڙ تي توسان ڏکن سکن ۾ گڏ رهي ۽ هڪ باڪردار عورت جو روپ اختيار ڪيو.

چيائين خدا جا لک شڪر، جنهن سڀ ڪجهہ سولو ڪيو، ڀيڻون پڙهيون بہ، پرڻجي بہ ويون، ۽ پنهنجن پنهنجن گهرن واريون ۽ نوڪرين واريون بہ آهن، نهايت شاداب زندگي گذاري رهيون آهن، هاڻ سندس ماءُ بہ گذاري وئي هئي، پنهنجي پٽ لياقت کي ڄڻ دعائن سان سينگاري وئي هئي.

اڄ لياقت جي ٻن پٽن جي شادي هئي، لياقت ڏاڍو خوش هو، چيائين ”ادا اڄ منهنجي زندگيءَ جا سڀ مقصد پورا ٿي چڪا آهن، پٽن جي شادي ٿي، اهي ٻه پڙهي پار پيا آهن، هڪ ڊاڪٽر ته هڪ انجنيئرنگ پڙهي چڪا آهن، خدا ڪندو سکيا ستابا ٿي ويندا، مون سيني کي ٻچن وانگر پاليو آهي، سدائين خوشحال رهندا.“

هو منهنجي گهر آيو .... هو گهڙي ننڊ ۾ سمهي رهيو هو. ڄڻ سالن جا اوجاڳا هجنس. هن اڄ سک جي ننڊ ڪئي هئي، ڄڻ ته سڄي زندگي جي ٿڪ هڪ ننڊ ۾ لاهيندو هجي. مون محسوس ڪيو ته ڄڻ هن سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو هجي.

پنهنجن پٽن ۽ پيئرن جي هر ڳالهه مان مطمئن ٿيندڙ هن با همت شخص جو پنهنجو اولاد ٻه جوان ٿي چڪو هو، ڪيس ٻه ٻه پٽ، ٻه ڌيئرن جو اولاد هيو.

ريٽائرمينٽ جي قريب حوصلہ مند پنهنجي دوست کي چيم ”يار پنهنجن پيئرن ۽ پٽن کي سُکيو ستابو ڪري تو اطمينان جو ساهه کنيو آهي، ته تنهنجو پنهنجو اولاد نوجوان ٿي چڪو آهي“. نهايت ئي اطمينان سان چيائين ته ”ادا .... اها ئي زندگي آهي، منهنجي زندگي بس الله توڪل تي گذري آهي ۽ آئنده ٻه الله پاڪ منهنجن ٻچڙن جو ٻيڙو پار ڪندو“.

هن جي وڏي ڌيءَ ڊاڪٽري جي آخري سال ۾ هئي ۽ ٻيو نمبر ڌيءَ ڊاڪٽري جي ٻي سال ۾ پڙهي رهي هئي.

هيڏانهن منهنجا ٻه چار ٻار نوجواني جي ڏاڪي تي چڙهي رهيا هئا، هن جي وڏي ڌيءَ جو سڱ آيو، مڱڻو ڪري ڏاڍو خوش ٿيو هو.

چيائين ادا آئنده سال ريٽائرڊ ٿيندس ۽ جيڪي ريٽائرمينٽ جا پئسا ملندا انهن مان ٻنهي ڌيئرن جي شادي ڪندس. ڄڻ ته هن سک ۽ اطمينان جو ساهه کنيو هجي.

آءُ پنهنجي زال سان گڏجي سندس ٻي نمبر ڌيءَ جي سڱ پنهنجي پٽ لاءِ گهرڻ ويس ..... ته مونکي ڀاڪر پائي، چنبڙي چنبڙي، روئي روئي، مون کي چمي رهيو هو ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي زال کي ڀاڪر پائي، روئندي چيائين. ”ڏس بختاور .... تون ۽ منهنجو هي دوست .... مون سان هر وک وک تي مون سان گڏ نه هجو ها ته شايد ... مان ٻه هن دنيا ۾ نه هجان هان.....

ڄڻ ته هن اسان کي ڀاڪرن ۾ وجهي اطمينان جو ساهه کنيو هجي.

# سهڻي ۽ پارس

آءُ ۽ منهنجو دوست ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ آباد ٿيا هئاسين، کو گهڻو عرصو نہ گذريو هو، پر ذهن ۾ اهو هو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ ڇوڪرين جا اسڪول نہ آهن ۽ اسان پنهنجن نياڻين کي ضرور پڙهائڻ پئي چاهيو، ڇوڪرن جا وري بہ اسڪول هئا، پڙهائي جڏي سڏي هئي، اسان ٻنهي جا پُٽ، ڌيئرن کان وڏڙا هئا، اهي انهن جڏن سڏن اسڪولن ۾ پڙهي رهيا هئا، جيسيتائين اسان جون ڇوڪريون وڏڙيون ٿين، انهن جي پڙهائي خاطر، اسان شهر ڏانهن لڏڻ جو سوچي ڇڏيو هو، حيدرآباد لڏڻ جي لاءِ اسان کي ڪيترن ئي مسئلن، مشڪلاتن مان پار پوڻو پيو، ٻارن جي پڙهائي ۽ مسواڙ جا فليٽ وٺڻ ۽ شهر ۾ رهڻ بعد ڪيترن ئي مشڪل مرحلن مان گذرڻو پيو ۽ آهستي آهستي مشڪلاتن مان ٻاهر بہ نڪرڻ لڳاسين، مون کي هڪ پٽ هڪ ڌيءُ هئي ۽ منهنجي دوست کي بہ هڪ پٽ هڪ ڌيءُ هئي، جيئن تہ وڏي فيملي نہ هئي، تنهن ڪري اسان کي گهڻو وقت نہ لڳو تڪليفن مان نڪرڻ مان، جلدي سيٽ ٿي وياسين، هاڻ اسان کي حيدرآباد ۾ رهندي پنج سال گذري چڪا هئا، اسان ٻئي جيتوڻيڪ ڳوٺن جا هئاسين، پر ڪليل ذهن جا مالڪ هئاسين، سجاڳ ذهن ۽ علم ادب دوست هئاسين، اسان ٻئي هاءِ اسڪول جا استاد هئاسين، اسان ٻنهي جي سوچ اها هئي تہ اسان جا ٻار خصوصن اسان جون ڌيئر سٺن ۽ وڏن اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪن، ڪنهن منزل تي پهچن تہ اسان لک ڪتيو، جيئن تہ اسان ننڍپڻ جا گهرا دوست هئاسين فليٽ بہ هڪ ئي جڳهہ تي، آمهون سامهون ورتل هئا، فيملي لاڳاپن جي حساب سان اسان اهو ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو هو تہ اسان هڪ ٻئي کان الڳ آهيون، جڻ تہ سڳا ڀائر هئاسين، انهي حساب سان اسان جي ٻارڙن ۾ حجاب جا پردا نہ هئا، اسان هميشہ پنهنجن ٻارڙن کي اهو بہ درس ڏيندا هئاسين تہ ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ کو ذلت آميز قدم نہ کڻجو، جنهن سان اسان جا ڪنڌ جُهڪي وڃن، يا اسان جو سٺو ذهن سجاڳ ذهنن کي اسان کي ڪنهن پيڙا مان گذرڻو پوي، اسان جا ٻار اسان جي گهر جي ماحول مطابق سڌريل هئا آهستي آهستي اهي وڏڙا ٿي رهيا هئا، اسان ٻنهي جا پٽڙا، ڊاڪٽري جي پهرين

سال ۾ پڙهي رهيا هئا، هو پاڻ ۾ به سٺن ۽ سڀڻ پائرن جيان رهڻ لڳا هئا، هر وقت گڏ گهمندا ڦرندا هئا، ائين اسان جون ڏيئرون به هاڻ مئٽرڪ پاس ڪري چڪيون هيون، فرسٽ ايئر لاءِ ڪاليج ۾ داخل ٿي چڪيون هيون، اهي به پاڻ سدائين گڏ هونديون هيون، اسان ٻنهي پنهنجن ڏيئرن کي هڪ ئي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو جيئن سدائين گڏ هجن، اسان جي گهرن ۾ هڪ تهذيب يافته ماحول هو، گڏوگڏ آزادي به هئي، ڪنهن قسم جي اجائي رنڊڪ نه هئي ته ڪو ڇوڪرين کي ٻاهر نه ڇڏجي، گهمڻ ڦرڻ لاءِ قيد ڪجي، يا موبائيل نه ڏجي، پر ايتري ذهني آزادي نه هئي جو هر قسم جي ڇڙواڳي هجي.

منهنجي پٽ ۽ ڌيءُ ٻنهي وٽ موبائيل هو، Net هئي، ڪمپيوٽر استعمال ڪندا هئا، مون سڀ ڪجهه وٺي ڏنو هو ته جيئن هر ڳالهه ۾ هوشيار هجن ڪمپيوٽر USE ڪندي انهن کي ڪڏهن ڪڏهن ليڪچر ڏيندو هوس ته ڪنهن به ناڪاري شئي ڏانهن نه وڃجو، صرف هاڪاري شين طرف هججو، پنهنجي پڙهائي ۽ ڪمپيوٽر ڪورس تحت سبق حاصل ڪجو، ائين منهنجو دوست به اهڙي سجاڳ ۽ ڪليل ذهن جو مالڪ هو، اسان ڪيڏانهن به ويندا هئاسين ته گهڻو ڪري گڏجي ويندا هئاسين، جيئن هوٽلنگ ڪرڻ، گهمڻ ڦرڻ، شاپنگ.... جي مرد سان گڏ به نه هجون، پر اسان جي خاندان جون عورتون جتي ڪٿي گڏ هونديون هيون، اسان جي نوجوان ٻارن ۾ تمام گهڻي دوستي هئي، اسان جون ڏيئرون هاڻ انٽر ۾ پهچي چڪيون هيون، انهن ٻن ۾ تمام گهڻي انڊر اسٽينڊنگ هئي، نوجوان عمر، لا ابالي عمر .... موبائيل ۽ نيٽ جون استعمال ڪندڙ - پر اسان کي يقين هو ته هو ٻئي سٺيون آهن، اسان کي انهن تي اعتماد هو، هو بااخلاق آهن، اسان کي يقين هو ته هو ڪڏهن به بي اعتباري وارو قدم نه کڻنديون ۽ اسان جي اعتماد ۽ اعتبار کي نه ٽوڙينديون، هڪ ڏينهن مون کي فون آيو، الائي جي ڪنهن جو فون هيو، نئون نمبر هو، چيائين ادا ڇا توهان ايترا فار ورڊ ٿي چڪا آهيو ڇا؟ يا برگر فيملي ٿي وئي آهي توهان جي؟ چيومانس ڇا ٿيو؟ چيائين تنهنجي ڌيءُ ۽ پيون به ٽي ڇوڪريون چار پنج ڇوڪرن سان انڊس هوٽل ۾ چانهه ۽ ڪافي پي رهيون هيون، ايترو مس چيائين ته منهنجي پيرن هيٺيان زمين نڪري ويئي، جڏهن مون پنهنجي دوست

ڪي فون ڪري ٻڌايو تہ هن جو آواز بہ ڀرجي آيو هو، اسان جڏهن گهر پهتاسين تہ اسان جون ڇوڪريون گهر ۾ ويٺل هيون.

فون ڪندڙ شايد اسان جو پاڙيسري هو، پر نالو نہ ٻڌايائين، چيائين اهي سڀ رسيس جي ٽائيم تي هوٽلن ۾ وڃي Refreshment ڪندا آهن، موڪل جي ٽائيم گهر اچي ويندا آهن، مون پنهنجي زال سان سڄو حال احوال ڪيو، ڳالهہ کي Ignore ڪيوسين، ڪجهہ ڏينهن بعد هڪ دفعو وري ساڳئي انداز ۾ فون آئي تہ اسان جون ڌيئرون، ساڳين ماڻهن سان ساڳئي هوٽل ۾ ويٺيون آهن، اسان ٻئي دوست انڊس هوٽل هليا وياسين، اسان انهن کي ڏٺو، اسان جي پيرن هيٺيان تہ زمين نڪري وئي، اسان کي ڏسي اسان جي ڌيئرن مٿان ڄڻ تہ آسمان ڪري پيو، هو ٻئي اسان کي ڏسي اٿي بيٺيون ۽ ٻاهر نڪري ويون، انهن سان گڏ ويٺل بہ ڇوڪريون ۽ چار ڇوڪرا بہ اٿيا، انهن سڀني کي اهو اندازو ئي نہ هيو تہ هي سڀ ڪجهہ ڇا ۽ ڪيئن ٿي ويو، سهڻي ۽ پارس ڇو اٿيون، انهن هڪ ٻئي سان ڳالهايو، هو سڀ اٿي ويا ۽ اسان ڇانهہ پيئڻ لاءِ ويهي رهياسين تہ ڪجهہ صلاحون ڪريون، اڄ اسان ٻنهي جي اکين سان ڏٺو ظاهري تہ ڪا ڳالهہ نہ هئي، پر اسان جي لاءِ وڏي ڳالهہ هئي، اسان جي ذهنن ۾ اها ڳالهہ بہ برداشت ڪرڻ جي بہ سگهہ نہ هئي، اسان ايتري ڇڙواڳي، جيڪا اسان جي طرفان نہ ڏنل هئي، ناقابل برداشت هئي، اسان ٻنهي جا ڪليل ذهن ئي بند ٿي رهيا هئا، مون گهر اچي سهڻي کان پڇيو تہ توهان رسيس مهل ڪاليج ڇڏي هوٽلن ۾ ڇو ويندا آهيو، ايتري اجازت توهان کي ڪنهن ڏني آهي. سهڻي روئي پئي ماءُ کان مدد گهري ان کي ڇنبڙي پئي ۽ تيز روئڻ لڳي، ماءُ چيس سهڻي مون کي توهان مان اهيا اميد نہ هئي، نہ امان مون ۽ پارس ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي، بس اسان ڪاليج جي سهيلين جو ساٿ ڏنو، مون چيو سهڻي جڏهن توهان جو ڪاليج صرف گرلز ڪاليج آهي تہ اهي چار ڇوڪرا .... توهان جا دوست ڪيئن بنيا.، نہ بابا نہ، اهي ڇوڪرا اسان جا دوست نہ آهن، اهي تہ ....، هن اچا وضاحت پوري نہ ڪئي هئي، مون هن کي چماٽ وهائي ڪڍي، پڇيو مانس.... ڇا سهڻي سياڻي کان توهان کي ڪاليج نہ ڇڏيان. هوءَ ماءُ کي ڇنبڙي روئڻ لڳي، آءُ اٿي هليو آيس، شام جو واپس گهر آيس، سهڻي مون کان معافي گهري رهي هئي، ٻاڏائي رهي هئي، بابا آئينده اهڙي حماقت نہ ڪندس. ڪا بہ غلطي نہ ٿيندي پلي مون کي

ڪاليج نہ موڪليو، پلي مون ڪان موبائيل ڪمپيوٽر ڦري ونو، پر اڳتي اهڙي غلطي نہ ڪندس، منهنجي اڪين ڪان پري ٿي وڃ، منهنجون اڪيون الائي ڇو لال ٿي ويون هيون، ڳوڙها اڪين ۾ پيرجي آيا هئا، منهنجي زال بہ روئي پئي هئي، الله پاڪ خير ڪيو آهي، اهڙو ڪجهہ نہ ٿيو آهي، بس ڏيءُ ڪان ناداني ٿي وئي آهي، معاف ڪرينس منهنجي زال يڪ ساهي چئي وئي، مون چيو غلطي هڪ دفعو ٿيندي آهي، سهڻي ڪان پڇ هو ڪيترا دفعا ڪاليج ڇڏي وئي آهي، ڇا توکي يقين آهي تہ هن ڪا بہ غلطي نہ ڪئي هوندي، سهڻي قرآن پاڪ ۽ الله رسول جا قسم ڪڻي روئي رهي هئي، نہ بابا الله پناهہ ۾ رکي، مون ڪان ۽ پارس ڪان ڪا بہ غلطي نہ ٿي آهي، ڪو بہ برو ڪم نہ ڪيو آهي، بس اسان ڪان هوٽل تائين وڃي چانهہ پيئڻ ۽ ڪمپني ڪرڻ جي غلطي ٿي آهي، بہ ٽي ڏينهن هو ڪاليج نہ ويون، شايد اسان جي جواب جي انتظار ۾ هيون، اسان پنهي دوستن ويهي سوچيو، منهنجي دوست بہ پارس بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو تہ هو بہ سهڻي وانگر روئي رهي هئي، اسان ٻنهي هڪ دفعو وري پنهنجو ذهن ڪشادو ڪيو، سهڻي ۽ پارس هڪ دفعو وري ڪاليج وڃڻ لڳيون، انهن کي چيوسين تہ اميد تہ اها غلطي توهان جي آخري غلطي هوندي، اسان جي پٽن پنهنجين پيٽن کي سمجهايو، ائين هڪ دفعو زندگي واري اڳتي وڌي چڪي هئي، اسان جا چار ئي ٻار ڊاڪٽر بنجي چڪا هئا، اسان ٻئي دوست پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن جي شادين جي تيارين ۾ لڳي وياسين.

هاڻ اسان دوست نہ پر مائٽ هئاسين.

# عظيم فنڪار

سليم بي روزگاري ۾ فوٽو اسٽيٽ ڪاپين جا خرچ پيري پيري ٽڪجي پيو هو، پر ڪٿي بہ نوڪري نہ پئي مليس، نہ پئسو نہ سفارش سندس پيءُ بہ ماستر ماڙهو، عيال وڏو گهر مسواڙ تي هر روز صبح جو ماءُ پيءُ جي دڙڪن جو ناشتو ڪائي، اهو لفافو کڻي، سڄو سڄو ڏينهن مختلف آفيسن ۾ انٽرويو ڏيئي، ڌڪا جهلي، اخبارن جون ڪٽنگس هٿ ڪريو، ٻنپهرن کان پوءِ مون وٽ آفيس ۾ اچي ويندو هو، گهڻو ڪري ٻنپهرن جي ماني اسان گڏجي کائيندا هئاسين، نهايت خوش طبع ۽ سٺي اخلاق وارو منهنجو ننڍپڻ جو هي دوست بي روزگاري کان مايوس پر کلڻو ملڻو، خوش گفتار ۽ خوش اخلاق نوجوان هو، جنهن مهل بہ ڪچهري ڪندو هو تہ پنهنجا ڏک وسري ويندا هئس، ڪچهري جو ڪوڏيو، ڳجهارتون ۽ لطيفا تہ سون جي تعداد ۾ ياد هوندا هئس، دل جو صاف ۽ سٺو انتهائي من موهيندڙ هي شخص ڪنهن مهل پنهنجي هٿن جي ٿاپ سان ٽيبل تي هٿن سان موسيقي واري انداز يا ماچيس جي دٻي سان آڱرين سان موسيقي جي رنگ سان، سنڌي ۽ اردو گانا ڳائيندو هو، تہ سيني ڪي وڻندو هو، محمد رفيع، لتا ۽ نورجهان جا گانا تہ هن کي بر زبان ياد هوندا هئا، جيتوڻيڪ هو مون وٽ آفيس ۾ هر روز ايندو هو، پر هن جو آفيس ۾ هر روز اچڻ مون کي ناگوار نہ لڳندو هو، ڪيڏي مهل هن جي مڌر آواز ۾ گانا ٻڌڻ لاءِ چوندو هو مانس .... تہ ٽيبل تي هٿ هڻي شروع ٿي ويندو هو، ننڍي آواز ۾ ڳائيندو هو تہ جيئن آفيس جو ماحول ڊسٽرب نہ ٿئي، تڏهن منهنجي ارد گرد ويٺل منهنجا آفيس ڪليگ اچي هن جي پرسان ويهي مختلف گانن جون فرمائشون ڪري ويهي ٻڌندا هئا، تہ شام وارو ٽائيم اسان جو لطف پريو ٿي پوندو هو.

هڪ ڏينهن چيو مانس تہ سليم تون تہ باقاعده ڳائڻ جي سکيا وٺي فنڪار ٿيءُ نہ تو ٿئين هاڻ تہ ڪوڙ سارا سنڌي چينل بہ اچي ويا آهن تہ چيائين ادا ...... منهنجو ماءُ پيءُ انتهائي غربت واري حال ۾ مون کي پڙهايو آهي، منهنجي گهر وارن جون مون ۾ وڏيون اميدون ۽ آسرا آهن، جيئن تہ آءُ وڏو پٽ آهيان، انهي ڪري هو چاهين ٿا .... تہ مون کي ڪا سٺي نوڪري ملي پوي، تہ جيئن انهن جو غربت جو

سهارو ٿي پوان، مون چيومانس تہ سليم....... تون پنهنجون نوڪري جي سلسلي ۾ ڪاوشون جاري رک .... انٽرويوز ڏيندو رهہ .... ۽ ڪميشن بہ پاس ڪر ..... تيستائين تنهنجي لاءِ آءُ هڪ دوست کي چوان ٿو، نوڪري ملي پوي تہ ڳائڻ وڄائڻ ڇڏي ڏجان، تنهنجو آواز ڏاڍو سٺو آهي، رڳو ٿوري تربيت جي ضرورت آهي، منهنجي ڳالهہ سان سهمت ٿي ويو، جيئن تہ آءُ هڪ آفيس ۾ آفيس اسسٽنٽ هوس، گڏوگڏ علمي ۽ ادبي ماڻهو بہ هوس تہ منهنجو واسطو ادبي ماڻهن سان هو، ريڊيو پاڪستان جو ڊائريڪٽر منهنجو دوست هو، هن کي فون ڪيم ۽ ٻي ڏينهن هن کي ساڻ وٺي ريڊيو پاڪستان هليو ويس، ڊائريڪٽر هن جو آواز ٻڌو ۽ هڪڙي پروڊيوسر کي سڏ ڪري سليم کي هن جي حوالي ڪندي چيائين ..... هن کي ٿوري تربيت جي ضرورت آهي، آواز سٺو آهي، اميد تہ سٺو فنڪار ثابت ٿيندو، هن پروڊيوسر هڪ فنڪار جي وسيلي هن تي ڏهن پندرهن ڏينهن محنت ڪئي، هن چيو .... بس سليم جو آواز سٺو آهي، رڳو شاعرن جي شاعري کي ڳائڻ واري انداز ۾ سکي پيو ...... تہ اڳتي وڏي پوندو، ائين ڪجهہ مهينن ۾ هو ريڊيو پاڪستان جو مقبول فنڪار بڻجي ويو، هڪ ڏينهن منهنجي لاءِ بمبئي بيڪري جو ڪيڪ وٺي آيو، چيائين پاءُ اڄ ريڊيو پاڪستان ۾ پهريون گانو رڪارڊ ڪرائي آيو آهيان .... ۽ پوءِ سليم اڳتي نڪري ويو .... هو هاڻ مختلف چينلز ۾ نظر اچڻ لڳو .... ڳائڻ ۾ .... ماڊلنگ ۾ .... هن فنڪار ٿوري عرصي ۾ تمام گهڻي ۽ وڏي شهرت ماڻي ورتي.

هاڻ سليم .... اسان وٽ گهٽ نظر ايندو هو، مختلف محفلن ۾ چينلز ۾ مصروف ٿي ويو، مون بہ دعا ڪئي مانس تہ الله پاڪ ڪندو هي فنڪار شهرت ماڻيندو ۽ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿي ويندو ۽ ٿيو بہ ائين جو هن شهرت تمام گهڻي حاصل ڪري ورتي.

هن جا ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀائر .... تمام گهڻو خوش هئا، هڪ تہ سليم عزت ۽ شهرت ماڻي ورتي هئي ۽ پيو تہ هو خوشحال ٿي رهيا هئا.....

اڄ هن جي پهرين سي ڊي رليز ٿي رهي هئي، هن کان اڳ هن جون ڪيتريون آڊيو ڪيسٽون جاري ٿي چڪيون هيون، هن کي سي ڊي جي معاوضي جا ڏهہ لک رپيا مليا هئا .... ايڏي وڏي رقم هن کي پهريون دفعو ملي هئي .... تمام گهڻو خوش هو، منهنجي آفيس آيو، مون سان پيرين پئي مليو، ۽ ڀاڪر پائي روئي ڏنائين ....

خدا جا لک شڪرانا بجا آڻيندي، چيائين يار ..... اهو سڀ ڪجھ توهان جي ڪري ٿيو آهي، اڄ منهنجي آفيس جا دوست هڪ وڏي فنڪار سان ملي رهيا هئا، مٺائي گهرائي ڪاڏي سين، مون چيومانس ... تہ ادا ..... بس الله پاڪ ڪڏهن ڪڏهن ايئن وسيلا بہ پيدا ڪندو آهي.

ڏسندي ڏسندي منهنجو هي غريب دوست مالامال ٿي ويو، هن جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون ۽ سي ڊي رليز ٿي چڪيون هيون، هو سنڌ جي هر محفل جو سينگار ٿي ويو هو، هر چينل جو مقبول فنڪار هو، هن جي ارد گرد فنڪار ئي فنڪار هئا، اداڪار، صداڪار، پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر هن جا دوست هئا.

هاڻ هن هڪ عاليشان ڊبل اسٽوري بنگلو بہ ورتو هو، هيٺ هن جا ماءُ پيءُ پينرون پائر ۽ مٿين فلور تي هي پاڻ رهندو هو، پنهنجي زال سان گڏ ...هاڻ هو لکن جو ليکا ڪندو هو، هڪ لک پتي ماڻهو هو .... هن جي زال هن مان خوش هئي .... هن جا ماءُ پيءُ، پينر پائر هن مان خوش هئا .... ڀ ڀ تي تي گاڏيون .... عزت..... شهرت ... چڙ تہ راتورات امير ٿي ويو.....

چون ٿا تہ ڪرسي جو نشو ۽ پئسي جو ڊئو بہ هر ڪنهن ڪان هضم نہ ٿيندو آهي، سليم ڪان بہ شهرت ۽ پئسي جو ڊئو هضم نہ ٿي سگهيو، سندس عياشين جي ڪري آهستہ آهستہ هن جي شهرت ۾ گهٽتائي اچڻ لڳي، ڪمال ڪي تہ زوال آهي پر سليم پنهنجي ڪماليت واري زندگي پنهنجن هٿن سان زواليت ۾ تبديل ڪري رهيو هو، هو پنهنجو پاڻ ڪي برباد ڪري رهيو هو.

آءُ بہ رٽائرڊ ٿي پنهنجي فيملي وٽي، پنهنجي ڳوٺ شفٽ ٿي ويو هوس .... ڪجھ ٻني ٻارو وٽي انهن جي سنڀال ۾ لڳي ويس. سليم سان منهنجا واسطا بہ زوال پذير ٿي ويا هئا، ايئن ڪيترا سال گذري ويا، هرڪو پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو، هڪ ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم ... سنڌ جي مقبول فنڪار سليم بلوچ ڪي انتهائي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، تہ مون ڪي تمام گهڻو ڏک پهتو، انهي ارمان ۾ حيدرآباد روانو ٿيس.... سڌو هن جي گهر ويس .... آءُ انهي عاليشان بنگلي جي ٻاهران بيٺو هوس. خبر پئي تہ انهن هي بنگلو وڪڻي ڇڏيو آهي، ڪنهن فليٽ ۾ شفٽ ٿي ويا آهن .... ڏس پتو معلوم ڪري انهي فليٽ تائين پهتس .... آءُ جو پهتس تہ سڀ گهر جا ڀاتي مون ڪي ڏسي، مون ڪي چنبڙي

روئي رهيا هئا .... هن جون ڏيئرون ۽ هن جي زال زارو قطار روئي رهيون هيون، ڪچهري ڪندي خبر پئي تہ بابا عياشين جي زندگي گذاريندي بيماري تي پيو، انهي بيماري جي ڪري بنگلو وڪٽي ڇڏيو، آهستي آهستي سڀ گاڏيون وڪٽي ڇڏيون هاڻ هن فليٽ ۾ مسواڙ تي رهيا پيا آهيون ..... منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي پيا .... منهنجي اڳيان قيامت جو منظر ڦري آيو، ڇا تہ هن پئسو ڪمايو، عزت حاصل ڪئي .... شهرت ماڻي .... هن پنهنجي ۽ پنهنجي گهر وارن جي زندگي خوشحال ۽ شاداب ڪري ڇڏي هئي، اهو سڀ ڪجهہ هن عياشين ۾ ڦٽائي ڇڏيو .... جڏهن هن شراب ۽ شباب جون عياشيون شروع ڪيون هيون تہ هن جي بربادي بابت مون هن کي ڏاڍو سمجهايو هو .... پر پوءِ آهستي آهستي هو مون کان بہ پري ٿي ويو هو .... هن جو پٽ روئي رهيو هو تہ هاڻ بابا جي علاج لاءِ بہ پئسا نہ آهن.

ڪجهہ ڏينهن بعد سنڌ فنڪار ايسوسيئيشن طرفان خبر ۽ اپيل ڇپيل اخبار ۾ پڙهيم ۽ سرڪار کي اپيل ڪيل هئي تہ سنڌ جي عظيم فنڪار سليم بلوچ جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرايو وڃي ۽ سرندي وارن کي واهر جي اپيل ڪيل هئي، خبر پڙهيم تہ منهنجي دل ٻيهي رهي، وار ڪانڊارجي ويا، دل ۾ آيو تہ سليم کي وڃي چوان تہ سليم ڇا تون ايترو غريب هوئين، يا تون سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جو حقدار آهين جو تنهنجي علاج لاءِ اپيل ڪئي وئي آهي ..... ها سليم تون تہ لکا پتي شخص هوئين .... تو وٽ عاليشان بنگلو ..... گاڏيون .... بينڪ بيلنس ... عزت شهر جو اعليٰ مقام .... اهو سڀ ڪجهہ چار ڏينهن جي چانڊني ۾ لٽائي ڇڏيو .... برباد ڪري ڇڏيو ....

آءُ کيسي ۾ اٺ ڏهہ هزار رپيا وجهي .... ڪراچي لاءِ روانو ٿو ٿيان تہ پنهنجي دوست سليم جو منهن بہ اسپتال ۾ ڏسي اچان ۽ ڪجهہ پئسا بہ علاج لاءِ ڏيئي اچانس....

# باجي

اج خبر پئي تہ ”باجي“ گذاري وئي، سڀني جي باجي، سڄو ڳوٺ، سڄو پاڙو، هن کي باجي جي نالي سان سڏيندا هئا، ايتري قدر جو هن جا پٽ بہ هن کي باجي جي نالي سان سڏيندا هئا، ڇڻ تہ هو سڀني جي باجي هئي، جيئن هو پرڏيجي ڳوٺ ۾ آئي تہ گهوٽ جي پيٽڻ هن کي باجي، باجي ڪري سڏيو تہ ڇا، جو سڄي ڳوٺ وارن ڪٿي هن کي هن نالي سان سڏڻ شروع ڪيو، ڏسندي ڏسندي اهو نالو هر وات ۾ پئجي ويو، اصل ۾ تہ هن جو نالو زينت النساءِ هو، پر اڄ نالو زينت صرف هن جو مڙس وٺندو هو، گهڻن ماڻهن کي تہ هن جي اصلي نالي جي خبر ئي نہ هئي.

ڪيترا سال اڳ هن جو مڙس روزگار سانگي پنهنجي ڳوٺ ڇڏي، ڪيترا سال گم ٿي ويو هو، جڏهن گهڻن سالن بعد ڳوٺ موٽيو تہ هڪ سدا ملوڪ ڇوڪري سان پرڏيجي آيو هو، هن شادي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪئي ۽ ڪٿان ڪئي بس ڪنهن کي بہ ڪا خبر نہ پئي، پر جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ پنهنجي زال کي وٺي آيو تہ سڀني کي ڏندين آڱريون پئجي ويون تہ اهڙي سدا ملوڪ ۽ سهڻي ڪنوار هن کي ڪيئن ۽ ڪٿا ملي، جيڪو روزگار لاءِ پريشان هو، مائٽن جي جهيڙن جهٽن ۽ طعنن سبب بنا ٻڌائڻ جي ڳوٺ ئي ڇڏي ويو هو، سڄو ڳوٺ اٿلائي پٿلائي ڏسجي تہ اهڙي سهڻي ڇوڪري سڄي ڳوٺ ۾ نہ هئي.

محمد علي، مائٽن جي جهيڙن ۽ طعنن کان تنگ ٿي جڏهن پنهنجي ڪپڙن جا ٻہ ٿي وڳا ڪٿي مائٽن سان وڙهي واءُ مينهن وانگر ڪاوڙجي ڳوٺ مان نڪتو هو تہ ڪنهن کي بہ ڪا ڪل نہ ڏنائين تہ هو ڪيڏانهن پيو وڃي، ۽ پوءِ بہ ڪنهن کي بہ اها خبر نہ ڏنائين تہ هو ڪٿي آهي، زنده بہ آهي يا نہ. مسلسل اٺ سال گم هو، پر جڏهن موٽيو تہ هڪ سهڻي ڪنوار گڏ وٺي آيو ۽ پيو درزڪو ڪم ساڻ ڪٿي آيو، ايترا پئسا ڪٿي آيو هو، جو زال کي سنڀالي ۽ درزڪي ڪم لاءِ دڪان کولي ورتائين، ڏسندي ڏسندي هن جي ڪم جي هاڪ پئجي وئي، هو هڪ بهترين ٽيلر ماسٽر هو، هن مائٽن کي ڪو بہ بار نہ وڌو نہ روزگار جو ۽ نہ ئي شادي جو.

محمد علي هڪ بهترين انسان هو، هر ڪنهن سان ادب ۽ اخلاق سان پيش ايندو هو، ۽ ڪچهرين جو بہ ڪوڏيو هوندو هو، ويتر جو پنهنجو دڪان کوليائين تہ علم ادب دوست ماڻهو بہ اچي هن سان ڪچهريون ڪندا هئا ۽ ائين هو هر دلعزيز شخصيت بنجي ويو، هن جي زال زينت، پنهنجي سونهن سان گڏ عقل بہ ڪٿي آئي

هئي، هن پنهنجن ساهرن سان بي انتها پيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڳوٺ جي مائٽن کي بہ تمام گهڻي عزت ڏيندي هئي، موٽ ۾ بہ ڪيس تمام گهڻو پيار مليس، ڳوٺ جون هڪ جيڏيون جڻ تہ هن جون سهيليون ٿي ويون، ڏسندي ڏسندي هن جي بہ نيڪ نامي ٿيڻ لڳي، هي بہ عورتن ۾ هر دلعزيز شخصت بنجي وئي.

محمد علي ٿوري وقت ۾ گهڻي ترقي ڪرڻ لڳو، پنهنجي جاءِ نهرائي ورتائين، وقت تيزي سان گذري رهيو هو، هن کي ٻار بہ ٿيڻ لڳا، محمد علي جا ماءُ پيءُ گذاري ويا، ٻہ ڀيڻون بہ پرڻجي چڪيون هيون ۽ پٽن جي اولاد ۾ هو اڪيلو پٽ هو.

هاڻ هن کي چار ٻار ٿي چڪا هئا، چار ئي جوان ٿي چڪا هئا، ٻہ ڌيئر ٻہ پٽ.

آهستي آهستي هنن ٻنهي جا قدم پيري ڏانهن وڌي رهيا هئا، هنن جي وڏي ڌيءَ رخسانہ سدا ملوڪ ماءُ جهڙي سهڻي هئي، هن جا رشتا اچڻ لڳا، ويهن سالن جي عمر ۾ بہ هن جي شادي هن جي سئوٽ سان ٿي وئي ۽ پوءِ جلدي هن جي وڏي پٽ جي بہ شادي ٿي.

جيئن تہ رخسانہ ماءُ جي دادلي هئي ۽ عمر جي بہ ننڍي هئي ۽ هن جو گهر سندس گهر جي سامهون ئي هو، پنهنجي گهر جو بہ ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي ۽ ڌيءَ کي ماني ڪرڻ بہ نہ ڏيندي هئي، ايئن هن جو گهڻو وقت ڌيءَ جي گهر گذرندو هو.

پيا بہ ڪجهہ سال وڌيڪ گذري چڪا هئا، هاڻ هن جي باقي ڌي ۽ پٽ جي بہ شادي ٿي چڪي هئي، هاڻ ٻي ڌيءُ کي بہ وقت ڏيندي هئي، جيئن تہ ٻي ڌيءُ کهہ پرپرو هئي، پهرين ڌيءَ جي گهر وقت گهڻو گذاريندي هئي، هاڻ تہ رخسانہ کي بہ ٻار ٿيڻ لڳا تہ جڻ باجي هنن جي خدمت ۾ لڳي وئي.

جيئن تہ هن جي گهر ۾ ٻہ پٽ پرڻجي چڪا هئا، ٻہ ننهرون اچي ويون هيون، هنن کي بہ اولاد ٿيڻ لڳو هو، هاڻ ماءُ تي پٽن زور وڌو تہ امان هاڻ تنهنجي گهر ۾ بہ ننهرون آهن، اسان کي بہ اولاد آهي، تون سڄو ڏينهن رخسانہ جي گهر پورهيت جيان زندگي گذاري رهي آهين، تنهنجون ننهرون اعتراض ٿيون ڪن تہ اسان جي اولاد کي ڪڏهن ڪڇ تي ڪو نہ ٿي کڻي ڪڏهن پيار بہ ڪو نہ ڪيو اٿئي هنن سان.

بس اتان ئي هن جي زندگي ۾ ڦيرو آيو، گهر ۾ جهيڙا شروع ٿي ويا، گهر ۾ تلخي ٿيڻ لڳي، جنهن گهر ۾ محبتن جا مانداڻ مچندا هئا، اتي باهہ پڙڪي رهي

هئي، ڏسندي ڏسندي گهر ۾ جهڳڙا وڌي ويا، انهن جهڳڙن ۾ محمد علي کي دل جو دورو پيو ۽ هو گذاري ويو، جڏهن باجي نڌڻڪي ٿي وئي.

هڪ ڏينهن پٽن ماءُ کي چيو، امان جيڪو تون رات جو سمهڻ ٿي اچين، اهو به نه ايندي ڪر ۽ وڃي پنهنجي ڌيءُ ۽ ناٽي جي گهر ۾ رهو، ۽ هاڻ سڄي پاڙي جي باجي ڌيءُ جي گهر رهڻ لڳي، باجي شگر جي مرض ۾ ويڙهجي چڪي هئي، ويتر جو فالج جو حملو ٿيس، ته ڪٽ پيڙي ٿي ويئي، زماني جي حالتن پلٽو کاڌو جنهن ڌيءُ ۽ هن جي ٻارڙن جي هن سڄي عمر خدمت ڪئي، هاڻ اها خدمت جي ذميداري ”رخسانه“ تي اچي پئي، رخسانه به پنهنجي بيمار ماءُ جي خدمت ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو، هن پنهنجي ماءُ جي هر طرح جي خدمت ڪرڻ لڳي، جڏهن پنهنجي عمر جي خدمتن جو حساب پنهنجي ماءُ کي ڏيئي ڇڏيو، پٽن ۽ ننهرن هن مان هٿ ڪڍي ڇڏيا هئا، ناٺي بيماري جي حالت ۾ نفرت ڪرڻ لڳو هو، هاڻ سڄي ڳوٺ جي باجي پنهنجي ڌي جي گهر ۾ هڪ پاسي هڪڙي ڪٽ جي حوالي ٿي چڪي هئي، هي سدا ملوڪ سهڻي بااخلاق ۽ باڪردار عورت بيمار هڏائون پڃرو ۽ سڪي ڪنڊا ٿي چڪي هئي، هي محتاج ٿي پئي هئي، زندگي ۽ دنيا هن لاءِ مذاق بڻجي ويئي هئي، پٽن ته هٿ ڪڍي ڇڏيا هئا پر پنهي ڌيئرن ماءُ مان هٿ نه ڪڍيا، رخسانه هر پل هر گهڙي ماءُ جو ساٿ پئي ڏنو، رخسانه وارا ايترا شاهوڪار نه هئا، جو هن جي بيماري جو علاج سولائي سان ڪرائي سگهن يا ماءُ جي خدمت لاءِ ڪو نوڪر چاڪر رکي سگهن، پٽن ته بيماري لاءِ به هٿ ڪڍي ڇڏيا هئا، ڌيءُ جي گهر ۾ پنهنجا آخري پساهه ڪٽي رهي هئي.

ايئن به ٿي ڏينهن اڳ سيني جي باجي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ داخل ٿي هئي، اڄ سيني جي باجي گذاري وئي.

هن جو وڏو پٽ گهٽي جي ڏڳ تي پنهنجن پٽن ۽ پاءُ سان گڏ بيهي رهيو، جيئن ايمبولينس پهتي، هو ماءُ جو جنازو ڪڍائي پنهنجي گهر ۾ آيو، هن جي ڌي رخسانه جي اها ضد هئي ته جنازو منهنجي گهر هلندو، جتي هن سڄي عمر گذاري آهي، پر اها جنگ رخسانه جو پاءُ کٽي ويو.

آخري منهن ڏسندي سيني جي وات ۾ اها ئي ڳالهه هئي ته ابا ماءُ سپاڳي هئي جو پنهنجي پٽن جي هٿن ۾ سرهي ٿي.

# تسبيح مٽيادار

بس اها منهنجي مجبوري هئي جو آفيس پهچندي ئي پنهنجي Boss جي سلامي لاءِ هن جي ڪمري ۾ وڃي، سلام ڪرڻو پوندو هو ..... ڏاڍي خار ايندي اٿم هر روز، جڏهن هو هٿ به سولو نه ٿو ڏي ۽ سلام جو جواب به نه ٿو ڏي، پر ڇا ڪريان دل نه چاهيندي به صبح جو سلام ڪرڻو ٿو پوي، جو اها منهنجي مجبوري هئي جو آءُ هن جو ڪلرڪ هيس.

اڇي ڏاڙهي مٿي تي ٽوپي اڇي ..... پنج وقت نماز .... ڏهه دفعا عمره ادا ڪيل، ٻه ڀيرا حج جي سعادت به ماڻي چڪو آهي، سدائين هٿ ۾ تسبيح ..... اکيون پوريل، وات ۾ پڙ پڙ جو انداز ....... تسبيح .... تي آڱرين جو ٽڪاءُ .... الله هو .... الله هو ۽ درود شريف جو ورد .... پيو جيڪو به ڏسيس، چڻ ته ديوانو ٿي پويس ته هي ڪيڏو الله لوڪ ماڻهو آهي، درويش نيڪ صفت ۽ مومن ماڻهو .... پر اها مون کي ۽ آفيس اسٽاف ۽ آفيس ۾ ايندڙ غريب ماڻهن کي خبر هئي ته هو اندر جو ڪيڏو ابليس ۽ نمرود ماڻهو آهي .... هر وقت هر ڪم ۾ رشوت طلب ڪندو هو ايتري قدر جو غريب بيواهن جو به خيال نه ڪندو هو جو هنن جا پنج، اٺ، ڏهه هزارن جا چيڪ پاس ڪندو هو ته خرچي طلب ڪندو هو، آفيس جو اسٽاف، هن جي ماتحت ڪم ڪندڙ ته هن آفيسر مان بيزار هئا ..... اوستائين ڪاغذ تي صحيح نه ڪندو هو، جيستائين هن کي خرچي نه ملندي هئي پوءِ هو ڪاغذ، ڪنهن بيوه جو هجي يا غريب پينشن وٺندڙ جو.....

آءُ هن جو ماتحت ڪلرڪ هوس، پر سينيئر هئڻ جي ناتي هن سان حجتي به هوس ۽ ويجهو به هوس، ڪڏهن ڪڏهن پوڳ ٽڪاءُ ڪندي چئي به ڏيندو هو سائين ..... ته سائين ........ هر ڪاغذ ۽ هر فائيل تي پئسا نه ملندا آهن ....... بيواهن ۽ غريب پينشنر جي فائلن تي صحيح ڪندا ڪريو ..... هنن کان خرچي اسان به نه وٺندا آهيون ته توهان ته کي خرچي ڪيئن ڏيندا سين، چوندو هو ..... بابا مون کي هر سال عمري جي لاءِ وڃڻو آهي ....... ۽ واقعي هو هر سال عمري تي ويندو هو ....... چوندو آهي، توهان خرچي وٺو نه وٺو ..... مون کي ڏيو...... جو عمري جو خرچ ڪٿان ڪڍندس.....

چوندو هو مانس ..... توهان تسبيح ۽ درود شريف جو ورد ائين ڪندا آهيو .... چڻ سچا مومن هجو، تسبيح سدائين توهان جي هٿ ۾ هوندي آهي ۽ ڇپن تي الله

پاڪ ۾ نبي پاڪ (صہ) جو نالو پلا .... اها تسبيح الله واري آهي ..... يا سياستدانن واري آهي .... تہ چڙي پوندو هو ..... چوندو آهي، ابا .... پلا .... منهنجا ٻچا ماڻهن جو اولاد آهن، اهي نانگ تہ ڪونهي جو متي ڪائيندا ..... اهي ماني ڪائيندا ۾ ماني ڪائڻ لاءِ خرچي وٺڻي پوندي.......

هڪ ڏينهن چيومانس تہ سائين توهان جي خرچي وٺڻ تي ڪنهن کي بہ اعتراض ڪونهي پر غريبن جو خيال ڪندا ڪريو، غريب ..... پٽون ۾ پاراتا ٿا ڏين توهان کي ..... توهان هنن جي فائلن تي صحيح نہ ٿا ڪريو تہ اهي بد دعائون ٿا ڏين بس ڪجھہ خيال ڪريو .... سچو ڏينهن تسبيح ذريعي الله الله تہ ڪريو ٿا، پر الله جي غريب مخلوق جو خيال نہ ٿا ڪريو .... اها ڳالهہ ڏٽي کي بہ پسند نہ آهي ..... پر منهنجي ڳالهہ تي ويتر هو وڙهي پوندو هو.

هڪ ڏينهن چيومانس تہ سائين، الله پاڪ کي تنهنجي اها عبادت ڪڏهن بہ قبول نہ پوندي مون کي چيائين .... هل هل تون آيو آهين نصيحت ڪرڻ وارو ... جزا ۾ سزا الله ڄاڻي .... آئون ماٺ ئي ڪري ڇڏيندو هوس ... جو هو منهنجو بوس هو، اٺندي اٺندي چيو مانس تہ سائين الله پاڪ جو شڪر ڪريو..... جو وري .... پنج اٺ هزار روز ڪمائي ٿا وجو .... ڪجھہ غريبن جو دعائون بہ حاصل ڪندا ڪريو .... پر هو ..... پنهنجي ڪنهن بہ حال مان خوش نہ هو .....

هڪڙي هٿ ۾ تسبيح، چپن ۾ درود شريف آڱرين جو ٽڪاءُ .... انهي تسبيح واري هٿ سان ڪاغذ تي صحيح ڪندو ۾ ٻي هٿ سان خرچي وٺندو هو، ڏوڪڙ ڪيسي ۾ وجهي وري ورد شروع ....

ائين وري هڪ ڏينهن اوچتو اهو سائين ڏهہ هزارن جي رشوت ۾ ڪنهن سڱ سوڏو جهلرائي وڏس ..... گرفتار ٿي ويو ۾ جيل جي هوا ڪائڻ لڳو، آفيس وارن ۾ غريبن اپوجهہ ماڻهن تہ خوشي منجهان مٺايون ورهايون ..... ڪنهن کي بہ پنهنجي آفيسر جي گرفتار ٿيڻ جو ڪو بہ ڏک ڪو نہ هو.

آئون هڪ ڏينهن جيل ۾ ملڻ ويو مانس ..... پري ڪان ڏٺم .... سائين روئي رهيو هو .... تسبيح کي چمي چمي اکين مان ڳوڙها وهائي رهيو هو .... اها ئي تسبيح تي آڱرين جو هلڻ .... چپن ۾ درود شريف جو ورد .... مون سمجهيو تہ هن کي غريب ۾ اپوجهہ ماڻهن کي ستائڻ جو غم ٿيو هوندو، پنهنجي گرفتاري ۾ عزت نفس روئاريو هوندس، پشيمان ٿيو هوندو پر چيائين، ادا ..... منهنجا ٻچا .... نانگ تہ نہ آهن جو متي ڪائيندا.....

# پهريون پيار

جيئن مشاعرو ختم ٿيو، هال مان نڪتس، پن دوستن سان گھر وڃڻ لاءِ اجان ٻاهر ئي بيٺو هئس منهنجي ويجھو اچي نازيہ سلام ڪيو، جنهن ڪجھہ دير ئي اڳ ۾ بهترين شاعري پڙهي خوب داد حاصل ڪيو هو، مشاعري ۾ نازيہ جي نالي سان سڏ ڪيو ويو هو، پر هوءَ اصل ۾ نزهت هئي، مون بہ ڪيترن ئي سالن بعد ڏٺو هيومانس، رسالن اخبارن ۾ نازيہ جي نالي سان لکيل شاعري مون ڪيترا ڀيرا پڙهي هئي، پر مشاعري ۾ ايترو ويجھو ٻڌڻ جو اتفاق هي پهريون دفعو ٿيو هو، مون کي چيائين، سانول تون ڪيئن آهين، توهان مون کي سڃاتو ڇا .... مون پڇو مانس .... مون کي چيائين ..... ها جيڏي مهل تون اسٽيج تي اچي شاعري پڙهي هئي، مون توکي سڃاڻي ورتو هو، هونئن آئون پنهنجي اصل نالي سان لکندو رهيو آهيان .... مون کي بہ شڪ ٿي ويو تہ هي نزهت آهي پر چهرو تمام گھڻو بدليل هو، سانول ڪجھہ مهينا اڳ تنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو "سانول جا سور" آيو آهي، اهو بہ مون پڙهيو آهي، سانول، ڪهڙا سور اٿئي، طنز ڪندي ڪتاب جون مبارڪون ڏنائين....... چيائين سانول لڳي ٿو تہ توهان مون کي سڃاتو ڪونهي، ائين چئي موبائل ڪڍيائين ..... سانول پنهنجو نمبر تي ڏي، مون کي مس ڪال ڏيندي چيائين آئون تنهنجي نزهت آهيان، جڏهن هن تنهنجي نزهت چيو تہ مون ڪيس سڃاڻي ورتو هو، سانول مون توکي ڪڏهن بہ نہ وساريو آهي.

منهنجو ذهن پنجويهہ سال پوئتي هليو ويو، نزهت سان گھاريل پل پل ياد اچي ويو، سانول وڏيڪ ڪڇهري سڀاڻي فون تي ڪنديس، ائين چئي هوءَ اڳتي وڌي، ڊرائيور شايد سندس انتظار ۾ هو، نزهت، ادبي دنيا ۾ نازيہ هئي، انهيءَ نالي سان ئي لکندي هئي، ڇپجندي آهي ۽ سڃاتي بہ ويندي آهي، هوءَ سنڌ جي ڀلوڙ شاعره آهي، آئون بہ هن جيان، هر رسالي ۾ ڇپجندو آهيان، پر مشاعرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويندو آهيان، سنڌي اردو فسادن ۾ آئون لطيف آباد ڇڏي، جڏهن سنڌي وسندين ڏانهن رخ ڪيو هئم تہ منهنجي هڪ دوست پنهنجي بند جاءِ ڪولي مون کي ڏنائين، چيائين سانول جيسترو عرصو چاهين اوترو وقت رهي پئو، ڀلي مسواڙ بہ نہ ڏجانءِ،

انهيءَ ڪري جو اڄڪلهه ڪامريڊ جاين تي قبضا پيا ڪن، سو تون آرام سان رهو، پوءِ آئون ڪيترائي سال رهيس هڪ جاءِ بنا مسواڙ جي ۽ پيو پر ۾ رهندڙ هڪ سٺي فيملي جو ساٿ مليو تہ جڻ زندگي پرسڪون ٿي وئي، آئون پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان گڏ اچي رهيس.

اسان جي پر ۾ گهر ۾ رهندڙ منور پنهنجي زال ۽ بيواهہ ڀيڻ سڪينہ ۽ سڪينہ جي ڌيءَ نزهت سان رهندو هو پنجن ڀاتين تي مشتمل هي گهراڻو انتهائي قربائتو هو، اسان هڪٻئي جي گهر، گهر ڀاتين وانگر ايندا ويندا هئاسين، منهنجي گهر واري ۽ منهنجن ٻن ٻارن کي هو تمام گهڻو ڀائيندا هئا. منهنجا ٻار تہ سڄو ڏينهن نزهت جي چيلهہ ۾ ڀاڪرن ۾ هوندا هئا ۽ سڪينہ تہ سڄو ڏينهن منهنجي زال وٽ ويٺي هوندي هئي جو هن ڪي ڪڏهن بہ اڪيلائپ جو احساس ٿيڻ ئي نہ ڏنو.

آئون آفيس مان شام جو گهر ايندو هئس پنهنجي هڪ ڪليگ جو اڪائونٽ جو ڪم گهر کڻي ايندو هئس جيڪو رات جو ڪندو هئس ۽ رات جو ادبي ڪم لکڻ پڙهڻ جو بہ ڪندو هئس ۽ رات دير تائين جاڳڻو پوندو هو، سڪينہ سڄو ڏينهن اسان جي گهر ويٺي هوندي هئي، منهنجي زال جي هم عمر هئي ۽ پاڻ ۾ سنگت بہ گهڻي ٿي وئي هين.سڪينہ بيواهہ ۽ واندي عورت هئي، هن جو ٽائيم سٺو پئي گذريو، مون سان بہ حال احوال اوريندي هئي ۽ ڪچهريون بہ ڪندي هئي، ڪچهرين ۾ هڪٻئي سان ڪو بہ حجاب نہ هو، مون محسوس ڪيو، هوءَ دل ئي دل ۾ مون کي چاهيندي ضرور هئي، آئون هن سان واسطا ۽ لڳ لاڳاپا رکان پر دل جي ڳالهہ ٻاهر ڪڏهن بہ نہ ڪيڌي ۽ نہ ئي ڪيس اهڙو موقعو مليو هو، جو اسان کي اڪيلائي جو وقت مليو هو، منهنجي زال جي بہ نظر هن ۾ هوندي هئي ۽ شڪ بہ ڪندي هئي تہ متان هنن جا ڪي واسطا نہ ٿي وڃن پر هن بہ منهنجي زال کي اهڙو موقعو نہ ڏنو هو تہ هوءَ مون کي چاهي ٿي، اهو تہ نظرن ئي نظرن ۾ محسوس ڪيو هو تہ مون سان تعلقات رکڻ ٿي چاهي ۽ انهيءَ شڪ ۾ منهنجي زال ڪڏهن بہ گهر اڪيلو نہ ڇڏيو هو ۽ نہ ئي ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي هئي جو هو سڪينہ سان واسطا توڙي يا مون کي ڪجهہ چوي ..... بس هن اهڙي ڪا ڳالهہ ظاهر ڪرڻ بہ نہ ڏني هئي نزهت جي ڌيءَ، عمر ۾ مون کان تمام گهڻي ننڍي هئي، هوءَ پنهنجو هوم ورڪ مون وٽ ڪندي هئي ۽ مون کان Help وٺندي هئي، آئون نزهت کي اهي رسالا

ڏيڪاريندو هئس، جن ۾ منهنجون ڪهاڻيون ۽ شاعري شايع ٿيندي هئي، هوءَ چوندي هئي، الا ...... منهنجو نالو ڪڏهن ايندو رسالن ۽ اخبارن ۾ .... هن جي شوق کي ڏسندي آئون هن کي رسالا ڏيندو هئس ته ڪهاڻيون ۽ شاعري پڙهندي ڪر..... پوءِ تون جلد لکڻ به شروع ڪندين ته تنهنجو مواد آئون رسالن کي موڪليندس۽ تنهنجو به ايئن نالو ايندو ۽ پوءِ جلدي هن لکڻ به شروع ڪيو ۽ پنهنجي پهرين نظم ڏيکاريائين، مون ڪجهه غلطيون ڪڍي نظم ٺاهي Ok ڪيم ۽ هوءَ ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ مون کي ڀاڪر پائي چنبڙي پئي هئي ۽ مون هن کي پهريون دفعو چُمي ڏني هئي ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ پوءِ هن آهستي آهستي شاعري رواني سان لکڻ شروع ڪئي ۽ آئون هن جي شاعري کي Ok ڪندو هئس ته هوءَ مون کان شاباش جي چمي وٺندي هئي، منهنجي شاباش جي ڏنل چُمين کي هن پيار ۾ بدلائي ڇڏيو هو.

آئون پنهنجي ڪليگ جي آفيس جي اڪائونٽ جو ڪم رات جو ڪندو هئس هو مون کي ٽي هزار رپيا معاوضي جا ڏيندو هو ۽ پاڻ هر مهيني پگهار وٺي هليو ويندو هو، آئون آفيس جو ڪم ڪري پوءِ ادبي ڪم ڪندو هئس، ويتر جي نزهت جو ساٿ هوندو هو ته دير تائين ويهي ڊائري ۾ شاعري لکندي هئي ۽ مختلف رسالا به پڙهندي هئي، منهنجي زال سوير ٻارنهن لڳي کان اڳ سمهي رهندي هئي، منهنجي زال جو نزهت تي ڪڏهن به شڪ نه ٿيو هو، پر اهو به پسند نه هئس ته هوءَ دير تائين رات جو ويهي ٿي، چوندي هئي نيڪ آهي نزهت توکي پيءُ وانگر سمجهي ٿي، پر هڪ نوجوان ڇوڪري به آهي، ڪڏهن ڪڏهن چوندي هئي ”ڪپهه ۽ باهه“ گڏ نٿا رهي سگهن، آئون هن کي تسلي ڏيندو هئس ته ماٺ ٿي ويندي هئي، جيئن ته منهنجي ۽ نزهت جي عمر ۾ وڏو فرق هو ته ڪنهن کي به انهيءَ ڳالهه جو گمان نه هو ۽ اعتراض به ڪو خاص ڪنهن کي نه هو، هڪ رات مون کي چيائين سانول اڄ مون کي ٻنهي پاسي چُمي ڏجانءِ جو مون به نظمون لکيون آهن، هن دفعي ڪپهه ۽ باهه واري ڳالهه ٿي وئي هئي، چنبڙيل جسم کي هٽايم ته چيائين سانول تون مون سان شادي ڪري سگهين ٿو، هن جو اهو جملو ٻڌي آئون حيران ٿي ويو هئس، چيم نزهت ڇا پئي چوين، چيائين سانول تون منهنجو محسن آهين، تون منهنجو استاد آهين، تون هڪ پيارو انسان آهين ۽ پيار ڪندڙ عظيم انسان به

آهين، اسان هڪٻئي جي ويجهو ﺑﻪ ٿي چڪا هئاسين، تمام گهڻو ويجهو، هڪٻئي سان پيار ﺑﻪ ڪرڻ لڳا هئاسين، ايئن اسان جو پيار پڪڙجي پيو هو ..... هڪ رات دير تائين نزهت گهر ﻧﻪ وئي....... ﺗﻪ هن جي ماءُ اچي ويئي هئي ..... اسان ڊرائنگ روم ۾ ادبي ڪم ڪندا هئاسين ۽ اتي ئي ويهندا هئاسين، نزهت جي ماءُ سڀ ڪجهہ ڏسي ورتو هو، نزهت جي ماءُ تمام گهڻي فراخدلي ڏيکاري، ڪنهن سان ﺑﻪ ڳالهہ ﻧﻪ ڪيائين، تمام گهڻي بهادري کان ڪم وٺندي ڪا ڳالهہ ﻧﻪ پڇي، آهستي آهستي ڏيءَ کي رات جو دير تائين ويهڻ کان روڪي ڇڏيائين ۽ جلدي ٻن ٽن مهينن اندر هن جي شادي پنهنجي ڳوٺ، نزهت جي سئوٽ سان ڪرائي ڇڏي، نزهت تمام گهڻو پري هلي وئي، هيڏانهن هتي اسان کي رهندي ست، اٺ سال ٿي ويا هئا، منهنجي دوست اچي هڪ ڏينهن چيو، ادا آئون هاڻ هيءَ جاءِ وڪڻان پيو، توهان پنهنجو بندوبست ڪريو، ائين آئون اهو پاڙو ۽ اهو گهر ڇڏي ويس، وچ ۾ ويهہ سال گذري ويا، هر ڪو پنهنجي پنهنجي حساب سان ڪو ڪٿي، ڪو ڪٿي زندگي گذارڻ لڳا هئا، ماشاءَ الله منهنجا ٻار ﺑﻪ جوان ٿي چڪا هئا، ايئن ٻي ڏينهن نزهت جو فون آيو ۽ پوءِ هر روز مون سان ڪچهري ڪرڻ لڳي هئي ۽ چوندي هئي سانول پاڻ وري ملي سگهون ٿا، ڪنهن پل لاءِ، گهڙي ڪن لاءِ، ڪنهن سٺي موسم ۾ ..... ڪنهن سٺي ماحول ۾ ..... آئون هن کي سمجهائيندي چوندو هئس، نزهت ..... پنهنجي ملڻ جي موسم، پنهنجي عمر سان گڏ .... گذري چڪي آهي، پنهنجو اولاد جوان ٿي چڪو آهي، پنهنجي اها ئي محبت قائم رهي ﺗﻪ سٺي ڳالهہ چئبي. ايئن نزهت منهنجي ڳالهہ سمجهي ويندي هئي، هر روز ڪچهري ۾ پنهنجي مڙس جا سور، هن جي بيوفائي ۽ پنهنجي مڙس جي ٻي شادي بابت ڳالهيون ڪندي روئي پوندي هئي، هن کي سٺو پيار ﻧﻪ مليو هو، هن جي زندگي غير مطمئن ۽ بي سڪون واري گذري رهي هئي، سدائين روئندي چوندي هئي .... سانول مون کي منهنجو پهريون پيار جيڪو تو سان ٿيو ڪڏهن ﺑﻪ وساري ﻧﻪ سگهي آهيان ۽ ﻧﻪ وساريندس.

# سون سستو ماني مهانگي

ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ ويندو آهيان تہ رات جو منهنجا ڪجهہ عزيز اچي مڙندا آهن، ڪچهري ڪندي آڌي رات ٿي ويندي آهي، حالانڪہ اهي ڪچهريون، اهي ميڙ ۽ ميڙاڪا، محبتون ۽ قربتون ختم ٿي ويون آهن، پر اسان جي ڳوٺ، عيد برات تي، جڏهن شهرن ۾ رهندڙ ڳوٺائي اچن ٿا تہ ڳوٺ جا چار چڱا اچي مڙندا آهن، اسان بہ هاڻ بزرگن واري لسٽ ۾ اچي ويا آهيون جو بہ ٽي جڻا اچي مون سان ملندا آهن ۽ هڪ بہ رات ڪچهريون ٿينديون آهن.

اڄ رات بہ عيد رات هئي چڱا خاصا ماڻهو اچي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيا ڳوٺ واري اوطاق ۾ ڄڻ ميڙاڪو مچي ويو، ٿڪن جا ٿڪ لڳي ويا، ڪچهري ۾ هڪڙي پڇيو ..... ابا .... اها تہ ڏي خبر عرب بادشاهہ واري خبر مون ٻڌي آهي تہ هن پنهنجي پيءَ ڪي شادي جي ڏاج ۾ سون جو ڪمرو ٺهرائي ڏنو آهي، جيسيتائين آئون ڳالهايان جيسيتائين ٻي بہ سُر پرائيندي چيو ..... اي ادا سون جو ڪمرو ڇا، هن تہ باٿ روم بہ سون جو ٺهرائي ڏنو آهي.

هاڻ ..... هڪ ٻئي بزرگ رڙ ڪندي چيو ڇا ڪاڪوس بہ سون جو .... پر هن سون جي ڪاڪوس ۾ هوءَ بادشاهہ زادي ڪندي ڇا ..... اجان ڪو پيو ڳالهائي ها ....... مون وچ ۾ ڳالهايو .... سائين بس وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون، مون سڄي ڳالهہ انهن کي تفصيل سان سمجهائي..... بس يار ..... ڪٿي چور سڃا تہ ڪٿي ڍور سڃا ..... ڀلا هوءَ سون جي ڪاڪوس ۾ بہ اهو ئي ڪندي جيڪو اسان مٽيءَ جي ڪاڪوسن ۾ ڪندا آهيون، مون وري بہ ڳالهہ ڪٽيندي اڳتي ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏنو .... مون چيو .... ٻي ڪا ڳالهہ ڪريو ..... ڇو اچي ..... سون جي باٿ روم پويان اچي پيا آهيو..... مون پنهنجي ننڍي ڀاءُ کان پڇيو، ڏي خبر ڀاڻ چندو ڪري، ڳوٺ جي غريبن لاءِ راشن ۽ ڪپڙن لاءِ پئسا گڏ ڪيا هئا اهو راشن ۽ عيد جا ڪپڙا غريبن تائين پهتا، منهنجي ڀاءُ تفصيل ڏيندي چيو تہ چندي وارن پئسن مان ايترو ٿيو جو پنجاهہ غريبن جي گهرن ۾ عيد کان اڳ راشن ۽ ڪپڙا پهچي ويا، وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي چيائين، هڪ ٿيلهي ۾ ڏهہ ڪلو اٽو، پنج ڪلو چانور، کنڊ، چانهہ، سيويون، کير جا ڏٻا، گرم مصالحو ۽ روڪڙا پنج سئو رپيا انهن غريبن

جي گهر تائين پهچاياسين، چيائين ادا پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏاڍي غربت آهي، غريب تمام گهڻا آهن پر اسان ڪوشش ڪري ڪجهه غريب ۽ بيواهن تائين راشن پهچايو آهي، مون کي جڏهن سڀ تفصيل ٻڌائي ويو، اتي هڪ غريب روئي رهيو هو، مون هن کان پڇو مانس ڇا ٿيو ادا .... ڇو ٿو روئين، روئيندي چيائين..... ادا توهان جو موڪليل راشن ۽ ڪپڙا مليا، توهان جي مهرباني ڇا اسان جي زندگي سدائين ائين گذرندي.... مون دلاسو ڏيندي چيومانس، بس ادا روئڻ بند ڪر، دل هلڪي نه ڪر، الله پاڪ وڏو آهي ڪنهن نه ڪنهن وسيلي ڏاڍي رزق پهچائيندو آهي، هڪ ٻئي همراهه به روئيندي چيو ..... ته ادا انهن جا سمهڻ جا ڪمرا ۽ ڪاڪوس به سون جا، اسان آهيون جو آهيون جو ٿي ويلا ماني به نٽا ڪائي سگهون.

عيد ڏينهن نماز، ختم ٿي بيواهن جا يتيم يتيم ٻار جهوليون جهليو بيٺا هئا، ڏهه رپيا، ويهه رپيا، ماڻهن پئي ڏنا، هوئن ڳوٺ وارن کي اها خبر هوندي آهي ته انهن مان ڪير حقدار آهي يا نه .... سڀ حقدار هئا، سيني کي خبر هئي ته اهي ٻار ڪنهن جا ڪنهن جا هئا، سڀ يتيم ۽ غريب هئا، اسان جهڙا چند ماڻهو ڪجهه مڇي مانيءَ وارا آهن، جيڪي شهرن ۾ رهندا آهن، ڪجهه دڪان وارا، ڪجهه هوٽلون هلائيندڙ آهن، ڳوٺ جا اڪثر غريب غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا آهن، اسان جي هر سال عيد وارن ڏينهن ۾ ميٽنگ ٿيندي آهي ته غريبن ۽ بيواهن کي ڪهڙي نموني سنڀالجي انهن کي پنڻ تي مجبور نه ڪجي، انهن جي نوجوان ٻارڙن کي روزگار سان ڪيئن لڳائجي اسان هڪڙي ٽرسٽ به قائم ڪئي آهي ٽرسٽ جو ڪم ئي اهو آهي ته ٻارن کي پڙهائي، اڳتي هلڪي ڦلڪي نوڪري ۾ لڳائجي، غريب بيواهه عورتن کي سلائي مشينون ڏيندا آهيون، انهن جي ڇوڪرين کي پڙهائي سان گڏ سلائي ڪڙهائي سينٽر کولي ڏنا آهن، پڙهنديون به آهن ۽ سلائي ڪڙهائي به سکن ٿيون، جن مان ڪجهه ماستريائڻيون به ٿي ويون آهن، ايئن غربت جي خاتمي ۾ اسان چند ماڻهو لڳا پيا آهيون، جو اهي ڳوٺ وارا سڀ اسان جا پنهنجا مائٽ آهن، اسان غربت کي ختم ته نه ڪري سگهيا آهيون پر چڱي خاصي غربت گهٽ ڪري سگهيا آهيون.

هڪڙو مائٽ ..... مون ڏانهن هٿ ٻڌي بيهه رهيو ۽ مون ڏانهن مخاطب ٿيو .... چيائين ابا ....... الله توکي سکيو رکي ...... هڪڙي مدد ڪرين ته چوانءِ .....

مون ڇيو ها ابا ڇئو، ڇيائين...... منهنجي گهرجي ڇت ٽمي ٿي گهر پراڻو ٿي ويو آهي، هيل جي زور واري برسات ٿي تہ منهنجو گهر ڪِري پوندو ..... ابا .... مون کي گهر جي مرمت ڪرائي ڏيو..... مون هن سان واعدو ڪيو تہ ٽرسٽ تنهنجي گهر جي مرمت ۾ مدد ڪندي پر مون کي ڳوٺ جي مائٽن جا اڪثر گهر ذهن ۾ ڦري آيا جن جا گهر قابل مرمت هئا.

عيد جا ٻہ ڏينهن گذاري واپس شهر اچي ٿو وجان ٻہ ڏينهن بعد آفيسون بہ کلي ٿيون وجن، آئون آفيس ۾ ويهان ٿو، آفيس جي سپني پٽيوالن کي گهرائي، سپني کي سئو سئو رپيا خرچي ڏيان ٿو، آفيس کان شام جو گهر ايندي گاڏي ۾ ويهان ٿو، آفيس جي ارد گرد گهمندڙ پينو فقيرن جو ٽولو اچي ٿو وڃي، جيڪي روز هوندا آهن پر عيدن جي موقعي تي وڌيڪ بہ هوندا آهن ۽ ضرور ايندا بہ آهن آئون هڪ سئو جو نوٽ ڪڍي هڪڙي ڇوڪري کي ڏيان ٿو چوانس ٿو تہ سپني کي ڏهہ ڏهہ رپيا ورهائي ڏجان سڀ دعائون ٿا ڏين، ٻئي ڏينهن گهران نڪران ٿو نيشنل بينڪ جي سامهون ماڻهن جي قطار لڳي پئي آهي، ڪاڙهي ۾ اس ۾ هيءَ قطار انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي بجلي ۽ گئس جا بل پياري رهيا هئا، ايئن ڪيترائي تصور ذهن ۾ اچن ٿا ۽ بس اسٽاپن جا سول اسپتالن جا، اسٽيشن جا ..... دوائن وٺڻ وارن جا، غربت ۾ پلجندڙ ڪکائن جهوپڙين ۾ رهندڙ غريبن جا، غربت سبب پنهنجا جسم وڪڻندڙ عورتن جا، غربت سبب پنهنجون عزتون پنهنجن هٿن سان لٽائڻ جا عصمت دري جا واقعا..... اخبارن ۾ پڙهندڙ هزارين بيروزگاري سبب خودڪشين جا واقعا، معصوم ٻارڙن کي وڪرو ڪرڻ جا واقعا، اهي سڀ ذهن ۾ ڦري اچن ٿا تہ اتي سعودي بادشاهہ جي پنهنجي ڌيءَ کي ڏاج ۾ ڏنل سون سان ٺهيل باٿ روم جو تصور ذهن ۾ اچي ٿو تہ دنيا جي اڌ آبادي ماني جي ڳيي بدران مٽي کائين ٿا، مانيءَ جي ڳيي لاءِ در در پٽڪن ٿا، ڪچرن جي ڍيرن مان هزارين ٻارڙا ماڻهن جو اڇلايل کاڌو کائين ٿا، تڏهن هن نظام تي اکين مان ڳوڙها نڪري ٿا پون، تشو سان اکين مان نڪتل ڳوڙها اگهان ٿو.

(نوٽ: سعودي عرب جي بادشاهہ پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ جي موقعي تي ڏاج ۾ سون سان ٺهيل ڪمرو ۽ سون سان ٺهيل باٿ روم بہ ڏنو آهي، انهيءَ خبر مان متاثر ٿي هي ڪهاڻي لکي اٿم.)

# دفن ٿيل راز

هوءَ جڏهن بہ حيدرآباد ايندي آهي خريداري يا ڪنهن ڊاڪٽر ڪي ڏيکارڻ لاءِ، هن جو اچڻ مهيني ۾ هڪ يا ٻہ دفعا ضروري ٿيندو آهي، گهڻو ڪري هوءَ پنهنجي سهيلين سان ايندي آهي، هن جي سهيلين جو هڪ مخصوص ٽولو آهي، انهي ڪري بہ سهيلين سان ايندي آهي جو آزادي سان گهمي سگهن هيءَ ۽ هن جون سهيليون آزاد ۽ ڪڙپيل قسم جون عورتون آهن، هونئن تہ هن جو پورو نالو گلشن آرا آهي، پر ڳوٺ ۾ هر ڪو ڪيس گلان ڪري سڏيندو آهي، جيئن حيدرآباد ايندي آهي تہ مون ڪي ميسيج يا فون ڪندي آهي تہ اڄ آئون اچان پئي ۽ مٿان وري نادر شاهي حڪم بہ ڪندي آهي تہ مٿان ٻنپهرن جي ماني ڪاڏي اٿئي، آئون بہ ذهني طرح تيار ۽ دلي طرح خوش ٿي ويندو آهيان تہ لنچ گڏ ڪنداسين، هوءَ جيئن پهچندي آهي، آئون بہ گاڏي ڪڍي، گلان ڪي ساڻ ڪري ڪنهن سٺي هوٽل ۾ اچي ماني ڪائيندا آهيون، هاڻ گلان اچي پنجاهہ سالن جي لڳ لڳ ٿي هوندي، پر نازن نخرن، انداز ۽ چال چلت، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي انداز ۾ هوءَ پاڻ ڪي جوانڙي سمجهندي آهي، زبان جا چشڪا وٺڻ ۾ هو لطف اندوز ٿيندي آهي، هوءَ سدائين پاڻ ڪي ڪٽ مست ٿي سمجهي، پاڻ ڪي لالي ۽ پائوڊر سان ٺڦيو، نئين ۽ فيشن ايبل ڪپڙن سان سجايو، سينگاريو، پاڻ ڪي عمر کان ننڍو سمجهڻ جي هام پئي هڻندي آهي ۽ سدائين پاڻ ڪي جوان ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندي آهي ۽ انهي ڪوشش ۾ ڪامياب بہ ٿي ويندي آهي، توڙي جو ڏوهٽن پوٽن واري ٿي وئي آهي پر جواني واري مستي اجان سر تي سوار اٿس، هن سان گڏ سندس ٻہ ٽي سهيليون جيڪي اڪثر گڏ هونديون اٿس، اهي بہ هن جو جوڙ آهن، اهي بہ وات ڳاڙهيون ۽ ڪٽ مست لڳيون پيون آهن، حيدرآباد شهر ۾ پهچي ٽڙ پکڙ ٿي وينديون آهن شام سج لٿي طئي ٿيل پروگرام موجب حيدر چوڪ تي اچي گڏ ٿينديون آهن ۽ گڏجي ڳوٺ روانيون ٿينديون آهن، اچڻ شرط پڇندي آهي تہ تنهنجو گهر خالي آهي.....؟ جي خالي هوندو آهي تہ گهر هلڻ جو چوندي آهي، گهر ايندا آهيون ملڻ ۽ ماني کائڻ ڪانپوءِ چوندي آهي، يار توسان ملندي آهيان تہ

سالن جا ٿڪ لهي ويندا آهن، توسان ملي باغ و بهار ٿيو وڃان، انهي جي عيوض هوءَ مون کان هڪ پيو ڪم بہ ضرور ڪرائيندي آهي تہ آئون هن کي المنظر هوٽل تي ضرور وٺي وڃان ۽ ڪيس ڄامشورو المنظر هوٽل تي وٺي ويندو آهيان پنهنجي پهرين پيار سان ڪچهري ڪرڻ المنظر هوٽل تي ضرور ايندي آهي.

گلان ننڍي هوندي کان ئي شرارتي، چلولي ۽ ڇوڪرن سان راند روند ڪرڻ واري ڇوڪري هئي، جيتوڻيڪ هن جا مائٽ ڪيس منع ڪندا هئا تہ ڇوڪرن سان راند روند يا مذاق ۾ لهہ وچڙ ۾ نہ اچ، پر هوءَ نہ مُڙندي هئي، هوءَ اڃان مس وڏي ٿي هئي، نوجواني جي نوخيز عمر ۾ انهن راند ڪندڙ ڇوڪرن مان هڪ پاڙي جي ڇوڪري فريد سان، دوستي ٿي ويس ۽ هن سان ڪري پئي، مائٽن اهو ئي پلو سمجهيو تہ ڇوڪريءَ جي وڏيڪ بدنامي ٿي پوي تہ ننڍي عمر ۾ ئي شادي ڪري ڇڏيائون، هن جي شادي بہ اتفاق سان اهڙي گهر ۾ ٿي، جتي هن سان گڏ صرف هن جي سس رهندي هئي، هن جو مڙس نوڪري سانگي شهر ۾ رهندو هو جيڪو هفتي هفتي ايندو هو، گلان چوري چوري پنهنجي دوست فريد کي پنهنجي گهرائيندي هئي، تنهن زماني ۾ ڳوٺ ۾ بجلي ڪو نہ هوندي هئي، رات جو ڏهين، يارهين وڳي ڪانپوءِ چڻ تہ خاموشي جو راڪاس گهمي ويندو هو، هوءَ آڌي رات کان، صبح واري ٻانگ تائين، پنهنجي دوست فريد سان رات گذاريندي هئي، شايد هن کي هن جو پهريون پيار مڙس کان وڏيڪ هو، اهڙي هوشياري ۽ خبرداري سان گلان پنهنجي دوست فريد کي گهرائي، هن سان سڄي رات گذاريندي هئي جو ڪنهن کي بہ ايتري قدر جو ٻي ڪمري ۾ ستل سندس سس کي بہ خبر پوڻ نہ ڏيندي هئي، ايئن هڪ ڀيرو مون آڌي رات جو هنن کي ڏسي ورتو، اسان جو ويڙهو هڪڙو هو، انهي ويڙهي ۾ اٺ ڏهہ گهر هئا، آئون دير تائين پڙهندو هئس، باٿ روم ويندي مون هن کي ڏسي ورتو ۽ هن بہ مون کي ڏسي ورتو هو، پنهنجي دوست کي روانو ڪيائين ۽ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي ۽ روئي روئي منٿون ڪرڻ لڳي تہ آئون اهو راز ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايان ۽ انهي راز کي لڪائڻ لاءِ هن مون سان دوستي رکڻ جو چيو ۽ پهرين رات تي پنهنجو جسم منهنجي حوالي ڪري ڇڏيائين، منهنجي بہ ڀرپور جواني هئي ۽ ملڻ ڪانپوءِ مون هن سان واعدو ڪيو تہ آئون اهو راز ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس، هن بہ مون سان دوستي رکڻ ۽ سڄي عمر نڀائڻ جو واعدو ڪيو،

جيتوڻيڪ آئون ڳالهين جو مائٽ هئس، مون کيس سمجهايو هو تہ فريد هڪ ڏاريو ڇوڪرو آهي، پاڙيسري ضرور آهي، هن روئي ٻاڏايو تہ هن سان مون کي بيحد گهڻو پيار آهي، هفتي ۾ هڪ ڀيرو دفعا هن سان ملنديس ۽ توسان هر روز ملنديس، هن کانسواءِ آئون رهي نہ سگهنديس، پر هاڻ تہ هو مون کانسواءِ بہ رهي نہ پئي سگهي ۽ آئون بہ هن کانسواءِ رهي نہ پئي سگهيس، مون سان هر روز ملندي هئي، اهو سلسلو اسان جو ڪيترائي سال هليو، تان جو فريد حيدرآباد شفٽ ٿي ويو ۽ منهنجي بہ شادي ٿي وئي، ڳالهين بہ پنهنجي ڪچڙي جواني مان ٻاهر نڪري آئي هئي هن کي ٽي ٻار ٿي چڪا هئا.

مون کي بہ نوڪري حيدرآباد ۾ ملي پنهنجي زال سان گڏ آئون بہ حيدرآباد لڏي آيس، هاڻ بس اسان جي ملاقات جو هي سلسلو ائين هلندڙ آهي جو ڳالهين حيدرآباد ايندي آهي تہ ٻنپهرن جي ماني ضرور گڏ کائيندا آهيون ۽ المنظر تي ضرور ويندا آهيون، جتي هوءَ فريد سان ٻانهن ٻانهن ۾ ڏيئي المنظر هوٽل جي ڀرسان سنڌو درياهہ جي ڪپ تي ويهي ڪلاڪ ٻہ ڪچهري ڪندا آهن ۽ پوءِ ڀاڪر پائي موڪلائيندا آهن، هن جو اهو راز لڪائيندي لڪائيندي ڪيترائي ورهيہ گذري ويا آهن، انهي راز جي لڪائڻ عيوض سندس دوستي مون سان اڄ بہ قائم آهي، توڙي جو اسان ٽئي هاڻ عمر ۾ وڏا ٿي ويا آهيون، اهو سلسلو ڳالهين جو اسان ٻنهي سان اڃان تائين هلندو اچي، فريد هن جو پهريون پيار ۽ آئون هن جو ٻيو پيار هئس، منهنجي دل ۾ دفن ٿيل هي راز اڃان تائين دفن ٿيل آهي ۽ شايد دفن ئي رهجي وڃي.

# ان باڪس ڪچهري

منهنجي فيس بڪ جي پروفائيل ۾ هڪ فرينڊ رڪيسٽ (Friend Request) آيو، گل جي نالي سان هن جو پروفائيل کولي ڏٺم، ڪنهن به قسم جو فوٽو لڳل نه هيو، اهو سمجهي نه سگهيس ته گل مرد آهي يا عورت..... بهرحال (Accept) ڪيومانس.... يڪدم ميسيج آيو توهان مون کي پنهنجو دوست بنايو.... ان لاءِ مهرباني .... مون جواب ۾ ويلڪم لکيو مانس.....

ٻئي ڏينهن انباڪس (In Box) ۾ گل نمودارر ٿيو، هن لکيو .... اسلام عليڪم .... ۽ پيو ڪجهه هن طرح لکيل هو .... توهان جي هڪ ڀيرو وري مهرباني جو توهان مون کي دوست بنايو.

مون به وعليڪم سلام، لکي پڇيو مانس، ڇا توهان مون کي سڃاڻو ٿا، جو بار بار مهرباني پيا مڃو .... چيائين .... نه ... سڃاڻو ته ڪو نه اٿم، پر توهان جي فوٽوز مان اندازو ڪيو اٿم ته توهان گريٽ پرسنلٽي جا ماڻهو آهيو، توهان ڪيئن آهيو؟ آخر ۾ لکيل هو.

آئون ٺيڪ آهيان، مون جواب ڏنو، هن لکيو. توهان ڏاڍا سٺا آهيو... مون لکيو ته توهان کي ڪيئن خبر پئي ته آئون سٺو آهيان، گل لکيو .... توهان جي پروفائيل جي تصويرن ۽ مواد مان لڳي ٿو ته توهان نوجوان آهيو ۽ سٺا لکندڙ به آهيو ته يقينن سٺا انسان به هوندا.

مون پڇيو مانس..... پهرين ته اهو ٻڌايو ته گل مرد آهي يا عورت........؟

هن لکيو ته مان عورت آهيان منهنجو نالو غلام فاطمه آهي، پيار وارو نالو گل اٿم.... ۽ آئون ڪراچي ۾ رهان ٿي.... مون چيو... ٺيڪ آهي .... توهان منهنجي تعريف ڪئي .... توهان جي مهرباني ... پر آئون نوجوان نه پر سٺ سالن جو پوڙهو آهيان.

هن لکيو... ته اوهان سٺ سالن جا لڳو ته ڪو نه ٿا، توهان جون تصويرون ته سٺيون آهن جنهن ۾ توهان جوان ٿا لڳو.....

مون پڇيومانس ..... توهان ڇا ڪندا آهيو.

هن چيو، مان فل ٽائيم، گهر جي جاب ڪندي آهيان جيڪا توهان جي نوڪرين کان وڏيڪ ڏکي ۽ فل ٽائيم نوڪري آهي.

بلڪل توهان صحيح پيا چئو، توهان جي گهر ۾ پيو ڪير آهي .... مون پڇيو مانس.

هڪ پٽ ويهہ سالن جو اٿم ۽ ڌيءُ پندرهن سالن جي آهي ... هن جواب ڏنو، مون سان گڏ آهن.

توهان جو مڙس؟ مون پڇيو.

هن چيو، طلاق ٿي وئي....

ڇو؟

چيائين.... شڪي مزاج هو، ظلم ڪندو هو ..... ڳوٺ ۾ ئي طلاق ٿي وئي. آئون پنهنجي ٻارن کي وٺي ڪراچي آيس.... ۽ اتي ئي رهان ٿي.

مون هن جي عمر پڇي تہ هن ٻڌايو تہ چاليهہ سالن جي آهيان.

مون صلاح ڏيندي چيو مانس.... اڃا جوان آهيو.... ٻي شادي بہ ڪري سگهو ٿا.

چيائين .... هاڻ ٻار جوان آهن، شادي نٿي ڪري سگهان، پر جي توهان چاهيو تہ توهان سان دوستي ڪري سگهان ٿي، مون کي هڪ سچي دوست ۽ سچي سهاري جي ضرورت آهي.

هن جو اهو جملو پڙهي، مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو، ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويس ۽ ڪجهہ بہ جواب نہ ڏنم...

چيائين ..... توهان ڪو جواب نہ ڏنو.

جواب ڏنو مانس تہ توهان ڪراچي ۾ ٿا رهو ۽ آئون حيدرآباد ۾ ٿو رهان. پيو تہ تنهنجي ۽ منهنجي عمر ۾ وڏو فرق آهي، پنهنجي دوستي نہ ٿي هلي سگهي.

چيائين، توکي تہ خوش ٿيڻ کپي، مان توکان ويهہ سال ننڍي آهيان، هڪ ننڍي نيٽي دوست پئي ملي ۽ ها ..... پيار ڪرڻ وارا عمر نہ ڏسندا آهن، آئون توسان پيار ڪريان ٿي....

مون چيو مانس .... محترمہ هڪ ڏينهن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ توکي مون سان پيار بہ ٿي ويو....؟ پيار ڪا ايڏي سستي شئي ٿي پئي آهي ڇا .... جو وڃي بازار مان وٺي اچجي.... تو نہ مون کي ڏنو آهي ۽ نہ ئي مون توکي ڏنو آهي.....

ٿوري دير جي چيٽنگ (Chatting) ڪرڻ جو بہ اڄ ٻهريون ڏينهن آهي، مون تہ تنهنجو فوٽو بہ نہ ڏنو آهي ۽ توکي پيار بہ ٿي ويو، چيائين .... فوٽو هاڻ ئي موڪليان ٿي.... ان باڪس ۾ فوٽو موڪليائين.

پڇيائين.... آئون پسند آيس...

چيم...ها .... پر پنهنجي دوستي نئي ٿي سگهي ٿي پاڻ هڪ ٻئي کان پري آهيون....

چيائين.... اهو ٺيڪ آهي تہ تون مون سان ڪڏهن ملڻ ٿو اچين.... تون چاهين تہ مون سان هر روز ملڻ اچين سگهين ٿو.... تو مون سان ملڻ لاءِ سچائي ٻڌائي اچ... آئون ۽ منهنجو ملڻ توکي پسند نہ اچي تہ چئجان...... توکي هر صورت ۾ خوش ڪنديس..... اڻون ۽ منهنجو گهر تولاءِ حاضر آهن، منهنجا ٻار صبح جو هليا ويندا آهن، صبح کان شام تائين آئون پنهنجي گهر ۾ اڪيلي هوندي آهيان، پاڻ ٻئي پنج ڇهہ ڪلاڪ، منهنجي گهر آرام سان گذاري سگهون ٿا..

پهرين ئي ڪچهري ۾ ايتري حجت ۽ ايتري محبت ڏسي، منهنجي مردانہ طبيعت ۾ هورا ڪورا ٿيڻ لڳي، پر دل کي قابو ۾ ڪيم، چيومانس، تون ڪهڙي قسم جي عورت آهين، اڃا پنهنجي ملاقات بہ نہ ٿي آهي، ايتري آفر ڪري ڇڏيئي، مون کي پنهنجو جسم ڏيڻ لاءِ آماده ٿي وئي آهين، ڇا توکي ائين لڳي ٿو تہ آئون توسان وفا ڪندس؟ تنهنجو سهارو ٿيندس؟ تنهنجو سچو دوست ثابت ٿي سگهندس؟

چيائين، ها مون لڳي ٿو، تون منهنجو سهارو ثابت ٿيندين، تون سچائي اچ.... منهنجو فون نمبر هي اٿئي..

هن پنهنجو فون نمبر ڏنو ۽ مون کان بہ ورتائين، تو جڏهن مون کي پرکي ئي ورتو آهي تہ ٺيڪ آهي، آئون جلد توسان ملڻ لاءِ ايندس، پر تنهنجي گهر ۾ نہ.... ڪنهن هوٽل ۾ (Lunch) ڪنداسين ۽ هڪٻئي کي ڏسي بہ وٺنداسين ۽ پرکي بہ وٺنداسين.

چيائين..... تون تہ مون کي پسند آهين، آئون دوستي لاءِ تيار آهيان، پر الله ڪري آئون توکي پسند اچان، فوٽو ۾ آئون توکي پسند آيس؟..

چيم.... فوٽو ۾ تہ سٺي آهين، پر دل جي الائجي ڪيئن آهين...

چيائين ... ڪنهن بہ قسم جي مون ۾ لالچ نہ آهي، آئون توسان سچو پيار ڪنديس. منهنجو سچو جسم تنهنجي حوالي هوندو.

مون کان وري ڇرڪ نڪري ويو دل ۾ آيو تہ هينئر ئي اڏامي وڃانس.

مون چيو مانس.. ايتري وڏي ڳالهہ تو ڪري ڇڏي آهي، ڇا تون ايتري شريف آهين.... مون کان اڳ تو اها ڳالهہ ڪيترن سان ڪئي آهي، ڪيترا دوست بنايا اٿئي؟

چيائين .... خدا جو قسم آئون شريف آهيان.... اها منهنجي مجبوري آهي، مجبوري جي اڳيان... مجبور آهيان، مڙس جي طلاق بعد سڄو بار منهنجي ڪلهن تي اچي ويو آهي، ڳوٺ جي جاءِ مسواڙ تي ڏنل آهي، اتان آيل مسواڙ جا پئسا هتي ڏيندي آهيان، منهنجو پٽ ويھ هزار آڏيندو آهي، بس وقت ڏاڍو ڏکيو ٿو گذري، بس .... تون منهنجو سهارو ٿي وڃ، آئون تو سان سچو پيار ڪنديس. مون کي صرف ويھ هزار مهيني ۾ ڏجان انهي جي عيوض جيترو چاهين... اوترو تون مون وٽ اچي سگهين ٿو..

مون چيو مانس.... تنهنجو جسم .... تنهنجي زبان... ايترو سستو ٿي پيو آهي، جنهن جو سودو تون فيس بڪ جي ذريعي ڪري رهي آهين.... تون تہ پنهنجي جسم جي سوداگر آهين، تنهنجي جسم جا تہ ڪيترائي خريدار هوندا....

مون چيومانس .... سوري (Sorry) آئون تنهنجو دوست نٿو ٿي سگهان ۽ نہ ئي مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ماهوار ايتري رقم آهي، آئون تہ پنهنجن ٻچن ۽ گهر ۾ پورو آهيان.

چيائين.... مون تنهنجو پروفائيل ڏٺو آهي، تنهنجي نوڪري سٺي آهي، تون خوشحال ماڻهو آهين.. تون هڪ سٺي آفيس ۾ آفيسر آهين.... يقينن تو وٽ پئسو بہ سٺو آهي. تون منهنجي پورائي ڪري سگهين ٿو.

مون چيو مانس.... مون کي ڪنهن بہ ويڪائو جسم ۽ تو جهڙي بازاري قسم جي عورت جي دوستي جي ڪا بہ ضرورت ناهي.

هن چيو، تون منهنجي بي عزتي پيو ڪرين.

مون چيومانس.... تو جهڙين بازاري عورتن جي ڪا بہ عزت نہ هوندي آهي.

ڏنم رات جا ٽي ٿي ويا هئا، ڪمپيوٽر بند ڪري، سڄي رات جاڳي گذاريم.....

ٻي ڏينهن هن مون کي Unfriend ڪري ڇڏيو....

ٻي رات منهنجي موبائيل تي ميسيج لکيائين تہ مون توهان جو نمبر ڊليٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ توهان بہ منهنجو نمبر ڊليٽ ڪري ڇڏيو ۽ مهرباني ڪري ڪنهن سان بہ ڳالھ نہ ڪجو .... ۽ مون هن جو نمبر پنهنجي موبائيل تان ڊليٽ ڪري ڇڏيو....

# مري جيئاري ويو

امِيد علي کي اسان جي پاڙي ۾ رهندي ڪيترا سال گذري چڪا هئا، هاڻ تہ هن سان هن جي خاندان سان، اسان جي دعا سلام ڪان وڌيڪ مائٽن جهڙو سلوڪ ٿي ويو هو، هن جو پورو خاندان انتهائي قربائتو هو، وڏي فيملي هئي اٺ ڏهہ ڀاتين تي مشتمل هي گهراڻو، غربت واري زندگي گذاري رهيو هو.

امِيد علي پاڻ پوليس کاتي ۾ سپاهي هو، هونئن پوليس کاتي وارا سپاهي ڏاڍا بي رخا ٿيندا آهن پر امِيد علي هڪ تہ بهادر ڏاڍو هو ۽ پيو تمام گهڻو رلڻو ملڻو ۽ بااخلاق هو، پنهنجي غربت ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪندو هو، سدائين پيو مسڪرائيندو هو.

هڪ ڏينهن ٽوڪ ڪندي چيومانس تہ امِيد علي پوليس جا سپاهي ايترا خلوص، محبت وارا تہ نہ هوندا آهن، پر تون تہ انهن جي ابتڙ آهين، چيائين انهي ڪري جو آئون ايماندار آهيان.

ها! امِيد علي انتهائي ايماندار ۽ بهادر سپاهي هو، خرچي يا رشوت جي حساب سان ڪنهن ڪان هڪ رپيو بہ نہ وٺندو هو، ايتري قدر جو ٿاڻي تي رشوت جي خرچي مان هو پنهنجو حصو ڪڏهن بہ نہ وٺندو هو، پر ڪم ٻين سپاهين ڪان بہ ڀيڻو ڪندو هو ۽ ايمانداري سان ڪندو هو.

جيڪا ٽيم، ڀتاخورن، ڌاڙيلن ۽ مافيا جي خلاف وڙهندي هئي، انهي ٽيم ۾ هن جي بهادري سبب هن کي ضرور شامل ڪيو ويندو هو، هاڻ تہ هو ٿاڻي جو صوبيدار بہ ٿي ويو هو، ڪنهن کي منٿلي نہ پهچائڻ تي سدائين بدلين جا آرڊر هٿ ۾ ڪٽيو پيو رُلندو هو، ڪڏهن هڪ ٿاڻي تي تہ ڪڏهن ٻئي ٿاڻي تي هوندو هو، ايماندار آفيسر هئڻ سبب هن جي هاڪ تہ ڊپارٽمينٽ ۾ گهٽي هوندي هئي.

ننڍڙن چورن، لوفرن ۽ ڀاتاريدارن لاءِ تہ هو اڪيلو ئي ڪافي هو، جنهن ٿاڻي تي رهندو هو انهي شهر ۾ چورن ۽ لوفرن کي مجال جو ڪا چوري يا دهشتگردي ڪري سگهن، ڪنهن ڪان ڊڄندو نہ هو، ڀلي خان، خان جو پٽ هجي، جي ڪنهن ڏوهہ ۾ پڪڙجي پيو تہ في الحال ٿاڻي تي پهچائي بند ڪري ڇڏيندو هئس.

آئون ڪڏهن ڪڏهن حيران ٿي ويندو هئس تہ هو صرف پنهنجي پڳهار مان، ايڏي وڏي خاندان جي سنڀال ڪيئن ٿو ڪري، ٻچن کي ڪيئن ٿو نپائي ۽ ڪيئن ٿو پڙهائي.

سچي ڳالهہ تہ اها هئي هو صرف ڪاڏي ۾ ئي پورا هئا، باقي گهر ۾ ڪجهہ ڪو نہ هئڻ هن جا ماءُ ۽ پيءُ سدائين بيمار رهندا هئا، هن سان گڏ هن جو هڪ ننڍو ڀاءُ، ننڍي ڀيڻ بہ رهندا هئا، هن جي زال هن کي ڇهہ ٻار ڄڻي ڏنا هئا تہ ويتر سورن ۾ پئجي ويا هئا، هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي علاج لاءِ سدائين پريشان رهندو هو، جو هو ٻنهي جو علاج، پنهنجي ٿلهي پڳهار مان نہ ڪرائي سگهندو هو.

منهنجي هن سان گهڻي گهرائپ ٿي وئي هئي گهڻو ڪري دل جا حال مون سان ئي اوريندو هو، آئون هن جي ماءُ پيءُ جي علاج ۽ دوائن ۾ سندس مدد ڪندو هئس، مون ڪان انهي مدد تي هٻڪائيندو هو، شرمسار بہ ٿيندو هو، انڪار نہ ڪندو هو ڇو تہ هو مجبور هو.

هن جي زال، منهنجي ماءُ، منهنجي زال سان ڏک سور اوريندي هئي ۽ پنهنجي مڙس جي ايمانداري تي سدائين پريشان بہ رهندي هئي ...... ۽ سدائين ٻنهي اکين مان ڳوڙها پيا ڳڙهندا هئس، ماني پيٽ لاءِ پريشان، ٻارن جي سولي پڙهائي بہ نہ ٿيڻ تي زنجيده هوندي هئي، ويتر جو بيمار ماءُ ۽ پيءُ، ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو بار بہ هن تي هو سدائين روئڻ لاءِ مجبور هئي، گهڻو ڪري هن جي زال مهيني جي ويهن ٻاويهن ڏينهن ۾ اسان جي گهران اٽو، چانور ۽ ڪنڌ پتي پئي اوڌر تي وٺندي هئي، ان واعدي تي تہ اڳئين مهيني واپس موٽائي ڏيندي پر هو ان پوزيشن ۾ ئي نہ هئي ۽ منهنجي زال بہ ڪڏهن هن کي اوڌر واپس ڪرڻ لاءِ نہ چيو.

ائين هن غريب گهراڻي جو وقت گذري رهيو هو، عيدن براتن تي مان سندن مدد ڪندو هئس.

هن جي گهر ۾ بک هئي، بيماريون هيون، هن جا ٻار تعليم لاءِ سورن ۾ هئا، اوچتو هڪ ڏينهن ٻڌوسين تہ اميد علي ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ وڙهندي شهيد ٿي ويو آهي، کيس پوليس جي سلامي ۾ دفنايو ويو، گهر ۾ هڪ ئي ڪمائڻ وارو هو اهو بہ الله کي پيارو ٿي ويو.

ڪجهه مهينا مس گذريا تہ هنن جي زندگي ۾ ڦيرو اچي ويو، ڪيترن ئي سالن کان رهندڙ مسواڙ واري جاءِ مالڪ کان خريد ڪري ورتي هئائون.
امید علي جي وفات کان اڳ سندس ماءُ پيءُ گذاري ويا هئا، هاڻ هن جي گهر ۾ آسودگي ڏسڻ ۾ پئي آئي، امید علي کي شهادت جو رتبو ملڻ تي، ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ مارجي وڃڻ تي پوليس کاتي کان ٽيهہ لک رپيا مليا هئا، اهڙا پيا پينشن وغيره جا ويهہ لک رپيا مليا هئا، هن جي وڏي پٽ کي پوليس ۾ نوڪري ڏني وئي هئي، هن جي وڏي ڌيءَ کي هيلٿ ورڪر جي نوڪري ملي وئي هئي، هن جي پيڻ جي بہ شادي ٿي وئي.
امید علي جو اولاد، سندس جيئري سٺي زندگي جا صرف خواب ڏسندو رهيو، پر انهن جي خوابن جي تعبير هن جي مرڻ کانپوءِ ئي هنن کي ملي ۽ سڀ سولا ٿي پيا هئا.
پاڙي ۾ هر ڪنهن جي وات ۾ اها ئي ڳالهہ هئي تہ امید علي جنهن پنهنجي حياتي ۾ سک جو ساهہ نہ کنيو ۽ نہ ئي هن جي خاندان ٿي ويلا سولي ماني بہ کاڌي هن جي مرڻ بعد هن جو گهر ۽ هن جو اولاد تہ سکي ٿي پيو.
پاڻ، شهيد ٿي ويو پر پنهنجي گهروارن کي سولو ڪري ويو.

# پياري تنهنجي پريت

ڪيترن سالن بعد هو حيدرآباد آئي هئي، مون کي فون ڪيائين تہ ڪيئن بہ ڪري اڄ آءُ هن سان ملان، پڇيومانس تون ڪٿي آهين، چيائين مولا علي جي قدم گاهہ وٽ ويٺي آهيان، آئون پهتس تہ هن سان گڏ هن جو ننڍو پٽ ۽ ڌي بہ گڏ هئا.

روزينہ جو چهرو سامهون اچي ويم، جڏهن هو ويهہ سالن جي هئي تہ مڙس چاليهہ سالن جو هو، هو پنهنجي مڙس جي ٻي زال هئي، پرڻجي آئي هئي، اسان جي گهر جي سامهون هن جو گهر هو، هن جو مڙس هڪ ريزڪي دڪان هلائيندو هو، هن جي گهر ۾ ٻہ ڪمرا هئا، هڪ ۾ هڪڙي زال پنهنجن چار ٻارڙن سان رهندي هئي ۽ ٻي ڪمري ۾ روزينہ رهندي هئي، هڪ ٻئي جي سامهون گهر هجڻ سبب، اسان جا هڪٻئي سان مائٽن جهڙا تعلقات هئا، ايتري قدر جو هن جي گهر جا ٻار سڄو ڏينهن اسان جي گهر تي وي ويٺا ڏسندا هئا جو هن وٽ ٽي وي نہ هوندي هئي، ڪجهہ ٽائيم تہ روزينہ بہ اچي ٽي وي ڏسندي هئي، آهستي آهستي هن مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، مون کي پاڻي پيارڻ ۽ چانهہ ڏيڻ جو ڪم، پنهنجي سر تي ڪنيائين، اهو هڪ ٻهانو هو، انهي ٻهاني اک ٻيچي وٺندي هئي، پنهنجن هٿن جون آڱريون منهنجي هٿ سان زور سان لڳائي ويندي هئي، چانهہ جي ٽائيم تي تہ هو ضرور اسان جي گهر اچي ويندي هئي ۽ منهنجي چانهہ جو ڪوپ پاڻ کڻي مون کي ڏيندي اٽڪ مٽڪ ڪري ڪڏهن ڳلن تي ڇهنڊڙي بہ پائي ويندي هئي، ائين آهستي آهستي پياري انداز سان ڳالهائڻ، حجت ڪرڻ ۽ مذاق بہ ڪرڻ شروع ڪيو هئائين، آءُ هن جو هم عمر هوس، عمر بہ هن کان ٻہ ٽي سال وڏو هوس.

آءُ انٽر پاس ڪري چڪو هوس، شوگر مل ۾ ڪلرڪي جي نوڪري ملي وئي هيم ۽ بي اي ۾ داخلا وٺي ڇڏي هيم، ڏينهن جو نوڪري ڪندو هوس ۽ رات جو پڙهندو هوس، اسان جي گهر ڪان ٿورو پريرو هڪ هڪ اوطاق هوندي هئي، جنهن جو هڪ دروازو اسان جي گهرن جي اڱڻ مان هوندو هو ۽ ٻيو دروازو ٻاهر گهٽي ۾ هو، گهٽي وارو دروازو بلڪل روزينہ جي گهر جي سامهون هوندو هو، مون پنهنجي لاءِ انهي اوطاق واري ڪمري ۾ قبضو ڪيو.

جيئن تہ روزينہ سچو ڏينهن اسان جي گهر ۾ ئي هوندي هئي، ڪم ڪار ۾ منهنجي ماءُ جو بہ هٿ ونڊائيندي هئي ۽ منهنجي هڪ ڀيڻ ڪي تہ هن ساهيڙي بنائي ڇڏيو هو، جيڪا هن جيڏي ئي هئي، هوئن بہ ٽي وي جي بهاني فرمان علي جا ٻار ۽ هن جون ٻئي زالون اسان جي گهر ۾ ئي هونديون هيون، منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻون بہ قربائتيون هيون، هوئن بہ روزينہ منهنجي ڪري پنهنجو پيار هنن سان وڌائي ڇڏيو هو، ائين روزينہ جي شادي کي بہ ٽي سال گذري چڪا هئا، هن کي اجان ڪو بہ ٻار نہ ٿيو هو، هڪ دفعو مون کي چيائين رات جو پڙهڻ مهل گهر وارو دروازو بند ڪري گهٽي وارو دروازو کولي ڇڏجان، آءُ رات جو دير سان تو وٽ ايندي‌س، توسان اڪيلي ۾ ڪچهري ڪندي‌س، موقعو ملندي ئي تو وٽ اچي ويندي‌س، آءُ هن جي انهي ڳالهہ کي سمجهي چڪو هوس تہ هو اڪيلائي ۾ مون سان ڪهڙي ڪچهري ڪندي، حالانڪہ اها ڳالهہ مون کي بہ دل ۾ هئي تہ ڪڏهن چوانس ..... پر دل جهلي اجان نہ سگهيو هوس، تہ هن دل جهلي ورتي هئي ۽ هڪ ڏينهن حڪم ڪندي چيائين، در کي ڪڙو نہ ڏجان، ڀيڪڙي ڇڏجان، آءُ پاڇيهي ئي اچي ويندي‌س، چيومانس سنڀال ڪجان ڪٿي مري نہ پوين، مڙس ڪٿي تنهنجو بہ خون نہ ڪري ۽ مون کي بہ مارائي نہ وجهين چيائين، تون ڪتڪو نہ ڪر، منهنجو مڙس روز رات جو دڪان تان ايندو آهي، ماني کائي شراب پي، مون سان مليو نہ مليو، جيئن سمهندو آهي تہ دنيا جهان کان موڪلائي ويندو آهي، باقي آءُ پنهنجي سهيلي (مڙس جي ٻي زال) جي خبر لهي پوءِ ايندي‌س، هو بہ سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪري ٻارن سان سمهندي آهي تہ جڻ بيهوش ٿي ويندي آهي.

ائين هڪ رات روزينہ مون وٽ اچي وئي، اچڻ شرط دروازو بند ڪري مون سان گڏ سمهي رهي .... ها ....اها هن جي پهرين رات مون سان گڏ هئي .... هن مون کي بي انتها پيار ڪيو هو ..... تمام گهڻو پيار ..... هو تہ شادي شده عورت هئي، زماني جي سڀ خبر هيس، پر آءُ ڪنوارو هوس ..... ۽ ڪنهن بہ عورت سان پهريون دفعو ملي رهيو هوس ..... مون کي پيار ڪرڻ سيڪاريو ۽ آئون ڏڪي رهيو هوس ۽ پوءِ ٻي رات، ٽي رات ۽ پوءِ تقريبن هر روز آئون سڀ ڪجهہ سمجهي ويو هوس، هن مون کي صرف ڊپ هو تہ اسان کي ڪير ڏسي نہ وٺي، باقي اسان ٻئي خوش هئاسين ..... آهستي آهستي منهنجو ڊپ بہ ختم ٿي چڪو هو .... هن جي

روز اچي ملڻ سان خوش بہ رهڻ لڳو هوس هڪ پياري زندگي ۽ پيار ڪندڙ ڇوڪري بنا شادي جي ملي وئي هيم.

روزينہ تمام گهڻي سهڻي هئي عمر جي ننڍي هئي، پر بي انتها پيار ڪندڙ عورت بہ هئي، هن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي هئي، ڏينهن ڪٽندو ئي نہ هيو، دل چوندي هئي، جلدي آڌي رات ٿئي، روزينہ مون وٽ اچي.

ائين تقريبن هر روز روزينہ مون وٽ آڌي رات ۽ پوءِ صبح جو آذان تائين مون وٽ هوندي هئي، هن جو مڙس ايترو تہ شراب پيئندو هو جو اها بہ خبر نہ پوندي هيس تہ هن جي پير ۾ زال بہ ستل آهي يا نہ، هو مون مان خوش هئي، مون مان مطمئن هئي هن پنهنجو سڀ ڪجهہ مون کي ارپي ڇڏيو هو.

ائين اسان مسلسل پيار جا ٽي چار سال مس گذاريا هئا تہ منهنجي شادي ٿي وئي ۽ منهنجي شادي بعد اسان جي ملڻ جو سلسلو بند ٿي ويو، مون کي هڪ پيار ڪندڙ زال ملي وئي هئي، پر هو بي مزا زندگي گذاري رهي هئي .... مون ڏانهن نياپا موڪليندي هئي تہ منهنجي گهر ۾ اچي مون سان ملندو ڪر..... هڪ دفعو گهٽي ۾ هٽ ۾ ٻڌي بيهي رهي ۽ ٻاڏائيندي چيائين خدا جو واسطو اٿئي مون کي نہ ڇڏجان مون سان ڪڏهن ڪڏهن ملجان منهنجي گهر اچجان ..... آئون پاڻيهي بندوبست ڪنديس ..... پر پوءِ اهو ملڻ وارو سلسلو ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهيو.

ايسيتائين آئون ايم اي ڪري چڪو هوس ڪميشن بہ پاس ڪيم تہ ليڪچرار جي نوڪري حيدرآباد ۾ ملي وئي ..... آئون پنهنجي زال سان حيدرآباد شفٽ ٿي ويو هوس، هر ڪو پنهنجي حال ۾ پنهنجي نموني زندگي گذاري رهيو هو.

مهيني ۾ هڪ بہ دفعا آئون پنهنجي ماءُ سان يا پيڻن سان ملڻ لاءِ ڳوٺ ايندو هوس تہ هن کي بہ ڏسي ونندو هوس، هن بہ سڀ آسرا پلي ڇڏيا هئا.

ائين اسان هڪ ٻي کان گهڻو پري ٿي ويا هئاسين، وچ ۾ ڪيترن ئي سالن جي وٿي ٿي چڪي هئي هاڻ منهنجا ٻار بہ نوجواني جي ڏاڪڻين تي چڙهي رهيا هئا ۽ هن جا بہ ٻہ ٻار اچي وڏا ٿيا هئا.

منهنجو پيڻون پرڻجي چڪيون هيون ۽ منهنجا والدين گذاري چڪا هئا ..... منهنجا ٻہ ڀائر نوڪرين سانگي ڪو ڪٿي تہ ڪو ڪٿي وڃي وسيو هو .... ڳوٺ اچڻ هاڻ تہ عيد برات، يا مرڻي پرڻي ٿيندو هو .... هو هڪ ڏينهن حيدرآباد آئي

......۽ مون کي فون ڪيائين آئون ٻه ٻنا دير هن وٽ قدم گاهه وٽ پهتس، مون اهو ٻڌايو ويو ته روزينه تمام گهڻو بيمار ٿي پئي آهي جو هن کي هيپاٽائيٽس جي بيماري لڳل هيس، پر اڄ هن کي هتي روبرو ڏسي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا، زمين پيرن هيٺان نڪري وئي..... ڇا ته هن جو حسن هو، ڇا ته هن جي نوجواني هئي ۽ اڄ ڇا ته هو هڏائون پڃرو پئي نظر آئي، هن جي بدن جو ذرو ذرو ڪمزور، ساڙهو ۽ سائو نظر پئي آيو.

بلڪل ختم ٿي وئي هئي، منهنجي وات مان صرف ٻه لفظ نڪتا ..... روزينه..... توکي هي ڇا ٿي ويو آهي ۽ هن جي وات مان صرف هڪ لفظ نڪتو ته تون بي وفا آهين ...... منهنجي سيني تي پنهنجو منهن رکي روئي رهي هئي ۽ جڏهن روئي بس ڪيائين ته چيائين منهنجي خبر ٻه نه ورتئي، منهنجي مڙس جي مرڻ بعد ته خبر وٺين هان ته مئيس يا بچيس، واقعي مون هن سان پيار ڀريا لمحا ڪيترن سالن تائين گذاريا هئا پر هن جي ڏکن وارن لمحن ۾ مون هن جي ڪا خبر نه ورتي هئي، مون کي چيائين منهنجي نظر ختم ٿيندي پئي وڃي، مون کي ڪنهن سٺي اکين جي ڊاڪٽر کي ڏيکار ...... پنهنجي پٽ ۽ ڌيءُ کي شهر روانو ڪيائين ته توهان پنهنجون شيون وٺي اچو ۽ آئون ڊاڪٽر کي اکيون ڏيکاري اچان، آئون هن کي اکين جي اسپتال وٺي ويس......

ڊاڪٽر کان واندا ٿياسين ته چيائين قدم گاهه جي ڀرسان مسافر خاني ۾ هڪ ڪمرو وٺي آئي آهيان، مون کي اتي ڇڏ ..... آئون هن کي اتي وٺي آيس. جيئن ڪمري ۾ آياسين ته هوءَ مون کي چنبڙي پئي هئي، چمين ۽ ڀاڪرن ۾ ڀريندي چيائين آئون توسان آخري دفعو ملڻ ٿي چاهيان، انڪار نه ڪجان، منهنجي ڳوڙهن کي ڏس، منهنجي اندر کي ڏس.

۽ آئون هن سان مليس شايد هن جي خواهش موجب، هن سان آخري دفعو ملي رهيو هوس.... هو منهنجي ٻانهن ۾ سمهي رهي هئي...... ڇڻ آخري پساهه سڪون سان ڪٽي رهي هئي، چيائين منهنجي ڌي جي ڀارت هجي هفتي بعد ئي ٻڌم ته روزينه گذاري وئي ..... شايد مون سان آخري دفعو ملڻ لاءِ جيئري هئي.... پنهنجي نڪتل اکين مان ڳوڙهن کي روڪي نه سگهيس......

## سرائيڪي ڪهاڻي

# نينهن نڀايا جوين تون

ميڏي پڦي ڳوٺ مٺل چانڊيو وچ پرڻيل هئي...... اهو ڳوٺ اسان ڏي ننڍڙي شهر ڪنون اٺ ڪوه پري ها: ميڏا تہ اُهين ڳوٺ وچ قضا ڪاڻ وڃڻ ٿيندا ها. پر بابا ۽ امان گهڻا ڪر آندي ويندي رهندي هن ميڏي پڦي دا مڙس اساڏا هم ذات ضرورها پر ڪو ويجها مائيت نہ ها. اهين ڳوٺ وچ سواءِ پڦي دي ڪو ٻہ مائٽ نہ ها... ها ذات ساڳئي هئي . اوين چاآ ڪيجي تہ ميڏي پڦي داريان وچ پرڻيل هئي. هُڻ تہ اوندي اولاد ٻہ آڻ جوان ٿي هئي. هڪ پٽ سوڍا ۽ هڪ ڌي سورٺ نالي، انهان دي اولاد هئي. او سب اسان ڪن، شادي مرادي، مرڻي پرڻي تہ آندي ئي رهندي هن.... پر اوين ٻہ مهني وچ هڪ ڏون دفعہ چڪر ٻہ ڏيندي هن . ميڏا بابا آپڻي ڀيڻ ڪون تمام گهڻا ڀائيندا ها... ميڏي امان ٻہ اُنهان تي ساه پئي چوڙيندي هئي. جڏهن اسان ڏي گهرآندي هن تہ سوڍا ۽ سورٺ تہ مين نال ئي هوندي هن. سورٺ نال تہ ڏاڍيان ڪچهريان ٻہ ٿينديان هن. سورٺ مين نال ٺهندي ٻہ گهڻا هئي، اسان ڏا پيار ڏيک تي اسان ڏهين دي ماوان ولهور پئي ٿينديان آهن.. سوڍا مين جيڏا ها ۽ سورٺ ميڪنون پنج سال ننڍي هئي.. اُنهان دي ڳوٺ وچ اڄان تائين ٻہ بجلي نہ هئي ۽ نہ ئي ڪي بنيادي سهولتان هن.... مڊل اسڪول مس ها.. ويہ ٿيہ گهران نال آباد اهو ڳوٺ ٻني ٻاري تي آباد ها.. ڳوٺ دي سب ماڻهو، ٻني ٻاري ۽ مال وٿاڻ تي گذران ڪريندي آهن... تعليم صفا نہ هئڻ دي برابر هئي..

سورٺ تہ اٺ ڪلاس پڙه گهر وچ ٻاه رهي پر سوڍا وڌيڪ پڙهڻ ڪيتي اسان ڏي شهر آ ڳيا ها. اسان ڏا شهر ٻہ ڪو خاص وڏا شهر نہ ها.... هڪ ننڍا شهر ها پر هاءِ اسڪول ، ڪاليج، دي تعليم دي سهولت موجود هئي بجلي، پاڻي ، روڊ رستا، اوين چا اکيجي تہ هڪ وڏا ۽ سڌريل ڳوٺ ۽ ننڍا شهر ها. سوڍا اٺ ڪلاس پاس ڪر تي وڌيڪ پڙهڻ خاطر اسان ڏي ڳوٺ آ ڳيا ها..... اسان نائين ڪلاس ڪُنون گڏ پڙهڻ لڳوسي. سوڍا اسان دي گهر رهندا ها. تنهنڪري سوٽ ڪنون وڌيڪ اسان دوست ٻہ ٿي ڳئُي هسي. سدائين گڏ گهمندي ڦرندي هسي، ڪڏهن ڪڏهن سوڍا ڳوٺ ويندا ها تہ ميڪون ٻہ گڏ گهن ويندا ها.. هڪ رات ترس تي

واپس آويندي هسي. مين تہ سورٺ ڪيتي ويندا هم جو اونڌي سڪ لڳندي هم. ميڪون سورٺ آهدي هئي تہ علي نواز تون هر هفتي سوڍي نال آويندا ڪر... هڪ رات، ڏون راتان تہ رهنداهي سوڍا... سورٺ آکيا ؛ علي نواز تين نال ڪچهري ڪريندي ميڪون مذا بہ آندا هي ۽ ميڪون تيڏي سڪ بہ لڳدي هي، پر هر هفتي مين نہ ويندا‌هم . پڦي بہ ميڪون گهڻا پائيندي هئي. شايد دل وچ اها نيت ڪيتي ويٺي هئي تہ علي نواز ڪون مين آپڻي ڌي سورٺ، نال شادي ڪرويسان ۽ علي نواز ڌي پيڙ آپڻي سوڍي ڪيتي گن آسان. انتر پاس ڪر ڳيوسي سورٺ بہ اٺان ڪلاس پاس ڪر ڇوڙيا ها. مين پڦي ڪون منٿان ڪيتيان هن نہ سورٺ پڙهائي وچ ڈاڍي هوشيارهي، ايڪون وڌيڪ، پڙهاوڻ ڪيتي، اسان ڪن ڇوڙ... گهر تہ آپڻاهي. سورٺ بہ پڑه پوسي... سورٺ دي ماءِ ڪون تہ ڪو اعتراض نہ ها، پر سورٺ دي بابا اجازت نہ ڏيتي تہ ڌي ذات ، جوان ٿي ڳئي هي وڌيڪ ، پڙهاوڻ مناسب ڪونهي.

ٻارهين ڪلاس پاس ڪرڻ ڪنون بعد موڪلان ٿي ڳيان هن سوڍي مين نال اهو طح ڪيتا، تہ ڏون مهني گرميان واليان موڪلان، آپ ميڏي ڳوٺ گزاريسون مين تہ دل وچ باغ بهار ٿي ڳيم تہ سورٺ نال ڪچهريان ٿيسن ۽ ميڪون اجازت بہ مل ڳئي.. امانءِ بابا آکيا تہ پلي وچ.

پڦي دا مڙس ها تہ ڈاريا پر اسان ڪون پائيندا بہ ها.. ويتر جو سوڍا ميڈا دوست ها تہ وڌيڪ پاوڻ لڳاها. سورٺ بہ دل وچ جهمريان پاوڻ لڳي هئي.. ميڏي تہ خدمت او دل نال ڪرڻ لڳي هئي... ڪا بہ ڪسر نہ ڇوڙيندي هئي تہ ميڏي خدمت وچ ڪا گهتتائي ٿي وڃي. صبح دا جوين اٿڏاهم چانهہ آڻ ڏيندي هئي ۽ يڪدم مکڻ نال ماني بہ چا آندي هئي ۽ اپڻي هٿان نال کويندي هئي. آهدي هئي علي نواز، شال سدائين مين تيڪون اوين ئي آپڻي هٿان نال ماني کواوان.

علي نواز امان آهدي هي تہ مين تيڏي شادي علي نواز نال ڪرويسان. ها علي نواز ڪيا اهو سچ هي، تون مين ڳوناٹي نال شادي ڪريسين.. هاسورٺ تون صرف ميڏي هوين.. مين تين نال ئي شادي ڪريسان. سورٺ جتنا ميڪون پيار ڪريندي هوين. ميڏي دل وچ بہ تيڏي ڪاڻ تمام گهڻا پيار هي مين تين نال ئي پيار ڪريندا‌هم.

سورٺ هُڻ تہ سدا ملوڪ چوڪري ٿي پئي هئي. اوندا نوجواني والا بدن اُڀر آيا ها.. جواني نال تہ اصل مارپئي گتيس... وال وڏي ... رنگ دي پوري

سهڻيان اکيان وچ سُرما پائيندي هئي تہ جن پري لڳدي هئي... سچي ڳوٺ دانڪ ٿي پئي هئي.. ڳوٺ دي هر نوجوان دي اها مرضي آهي تہ سورٺ ميڏي ڪنوار ٿيوي . پر سورٺ تہ ڪنهن ڪون گاه ئي ڪونہ گتيندي هئي.

ڳوٺ دي سبھ مرد صبح نال ڪوڏر ڪلهي تي رکي، ڪهاڑي هٿ وچ چاتي، ٻنيان وچ هلي ويندي هن.. مين ۽ سوڍا بس گهر وچ هوندي هسي. سوڍي دا تہ آپڻا ڳوٺ ها، اهو آپڻي سوٺ نال ملڻ ڪيتي . انهان دي گهر هليا ويندااها ميڪون بہ ڪڏهن ڪڏهن ڳِن ويندااها... پر ميڏي دل هميشہ اهو آهدي هئي تہ مين سورٺ ڪن بيٺاهووان ، ٻڦي نال ڪچهري ڪران.

سورٺ ميڏي ڪيتي، چانهہ پاڻي، ٻوڙ ماني آپڻي هٿان نال ٺاهيندي هئي، ۽ آپڻي هٿان نال کويندي هئي.... جڻ تہ ميڏي خدمت وچ ئي لڳي پئي هوندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن هئو ، مئو ٺليل هوندا ها تہ مين سورٺ دي ٻانهن ڇڪ تي پاڪر وچ پريندا همس ۽ چميان بہ ڏي گنداهمس.

او بہ زور نال چنبڙ پوندي هئي هڪ منٽ وچ پاڪر وچون نڪل تي آهدي هئي.. الا ڪير ڏيک نہ گهني، مين تہ مرويسان، ميڪون بابا. مار ڇوڙيسي.

ترس تہ مين ڏيکان ، ڪير آندا تہ ڪونهي پيا... لوڙهي ڪنون، پري پري تائين نظر ڦيريندي هئي.. ول آڻ ميڪون پاڪر وچ پريندي هئي... اسان چميان ۽ پاڪر والي حد تائين گهڻا ويجهي ٿي ڳئي هسي . سورٺ دي بہ دل آهدي هئي.. مين هر روز اوين علي نواز نال پاڪران ۽ چميان وچ هووان ۽ ڪچهري ڪران...

علي نواز جلد ڪر آپڻيان مائٽان ڪون موڪل ميڪون پرڻا تي گن هل. مين وڏيڪ تين ڪنون سوا اڪيلي نہ پئي ره سگهدي هان.

اوين نہ ٿيوي تہ بابا ميڏي شادي آپڻي ڪنهن پائتي ، پاڻيجي نال ڪروا ڇوڙي تيڪنون مين سواءِ ڪو نہ ره سگهسان علي نواز... اٿان سبھ اڻ پڙهيل .. مال وٿاڻ والي ڪنهن جاهل نال ميڪون پرڻايو ني تہ، ميڏي زندگي زهر ٿي ويسي. علي نواز .. مين تيڪون هٿ پئي ٻڌيندي ها.... جلد ميڪون گن وچ ..

مين اونڌي سبھ ڳالهہ سمجهہ ڳياهم.. مين اکيومس.. تون دل نہ لاه.. تون ميڏي هوين تين ڏي ماءِ بہ آک ڇوڙيا هي تون ڪيون پئي ڪتڪا ڪريندي هوين. سورٺ بہ آپڻي ماءِ دي ڳالهہ پڇون. آپڻي اميد دي ڏيئي پال ڇوڙي هن. اکيان دي

ڳوڙهي چا اگهدي هئي.. بس سورٺ ڪجهہ وڏيڪ پڙهہ گنان ، جو نوڪري ڪرڻ جهڙا ٿي پووان تہ تيڪون شادي ڪر گن ويسان.

رات دا هرڪو سويل سمهہ رهنداها. اڱڻ وڏا هُوندا ها .. هر ڪنهن دي گهر الڳ الڳ لوڙهيان وچ هوندي هن.. گهڻا ڪر ڪڪاوين گهر ، پر ڪهندي ڪهندي ڪچي متي نال نهيل گهر بہ هوندي هن.

سورٺ واليان دا گهر بہ ڪچي متي نال . نهيل گهر ها.... ڏون ڪمري، اڳون وراندا.. ۽ هڪ وڏا اڱڻ ۽ ٻاهرون لوڙها ڏنل هوندا ها.. مين ۽ علي نواز ورانڊي وچ سمهدي هسي باقي ٻڪي .. والي ۽ سورٺ ٻاهر اڱڻ وچ سمهدي هن. رات دي نائين ڏهين بجي جڻ تہ خاموشي دا راڪاس ڦرويندا ها ڳوٺ وچ هرڪو ٻنيان ٻاري ۽ ڊور وٿاڻ داڪم. ڪرتي سمهدي هن تہ جڻ ڪرفيو لڳ ويندا ها..... سويل سمهدي هن جو صبح سويل اٿڻان بہ هونداهنين.

سمهڻ مهل ٻڦي سورٺ کون آکيندي هئي .. امان سورٺ جيستاءِ سوڍا ۽ علي نواز جاڳدي پئي هن تيساء تون سمهندي نہ ڪر... متان ڪو چانهہ پاڻي دي ضرورت پووين.. ۽ ها سمهڻ مهل انهان ڪون ڪير ضرور پليندي ڪرين... انهان دي سمهڻ ڪنون پڇي تون سمهندي ڪرين... سورٺ تہ اهو چاهيندي هئي... ويتر جو ماءِ نين اوين آکيس تہ اونڏي دل دي گل ٿڙ پئ هن.. اونڏا من موج ٻريا ٿي پيا ها. اوندي دل دا باغ سورج مکي وانگي کُل پيا ها...

سوڍا هرروز آپڻي سوٽ نال ملڻ ڪيتي رات دا ماءِ پيو دي سمهڻ بعد... پيڻ ڪون ٻڌا ويندا ها تہ مين سوٽ دي گهر پيا ويندا هم ...

سمهڻ مهل ميڪون آهدا ها علي نواز هڻ تون سمهہ راه.... مين سوٽ دي گهرون ٿي.... آپڻي آڻ سمهہ رهسان... اوين سوڍا هرروز هليا ويندا ها.. سورٺ ڪون خبر هئي .. تہ سوڍا ڪڏي پيا ويندا.. هي ۽ ڪنهن مهل واپس آسي.... سورٺ آپڻي ڀرادي ڳالهہ ڪنهن نال بہ ڪونہ ڪريندي هئي...

هڪ رات سورٺ ڪنون پڇيا مانس سورٺ سوڍا ڪيڏي ويندا هي .. اون اکيا آپڻي مگيندي سوٽ ڪن ويندا آهي.

مين موقعا پائي اکيومس .. تون بہ مين نال سمهدي ڪر....

ڳالهہ ڪون سمجهہ ڳئي.

اڪيس.. سچا ڏينهن تہ تين نال گڏ هان .. مين اڪيومس تہ رات دي ڪجھہ پل مين نال گزار...

چڱا چڱا .. دل رک هندوري وچ .... هڪ رات ڪير ڏيندي ، ميڏي هٿ ڪون زور ڏتا تہ مين او ڪون ڇڪ تي ڀاڪر وچ چاپريا...

ڀاڪر وچون چڙواتي شرماوڻ لڳي، اڪيس علي نواز سمهين نا..... مين آندي پئي هان ... ماءِ پيو دي خبر گدس... اهي اگهور ننڊ وچ ستل هن.... سوڍا .. آپڻي سوٽ دي گهر هليا ڳيا ها... اوڪون اها پڪ هئي تہ سوڍا صبح دي ٻانگ مهل واپس آسي، ميڏيان اکيان ڇت وچ هن ... مين چمڪندڙ ستاران ڪون پيا ڳڻان، تنهن مهل ننڍي ننڍي قدم چائي ميڏي ڪٽ وچ ٻڌل مهاري مٿي ڪرتي، سورٹ ميڪن اڳئي. مين جا ڀاڪر وچ قابو ڪيتو مانس. اوڪون چمڻ لڳم، ميڏا هٿ حرڪت ڪرڻ لڳا. سورٹ نين بہ مين نال پيار ڪرڻ شروع ڪيتا. اسان ڏي جسم هڪ تي ڳئي هن.... سورٹ نين اکيان بند ڪر چوڙيان هن . چپان وچ چپ رکيل هن...ميڏي بدن وچون سيڪڙات نڪلڻ لڳي هن... اسان پيار دي پالوٹ وچ لڙھ ڳئي هسي حياتي دي سدا مهڪندڙ پل اسان هڪ ٻئي دي جسم وچ قيد ڪر چوڙي هن...

اوين سورٹ ۽ ميڏي پيار دي پالوٹ... هر روز رات ٿيوڻ لڳي. جنهن رات سوڍا نہ ويندا ها ... اها رات اسان نہ ملدي هسي. ڪن پل وچ مهنا گذر ڳيا.

هڪ ڏينهن سوڍي پڇيا .. جي اسان ڏي ڳوٹ بور ڪيتا هووي تہ واپس هلون.. مين آکيا نہ اهڙي ڪا ڳالھہ ڪونهي... نيڪ هي هڪ ڏون ڏينهان وچ واپس هلسون .. مين ڪجھہ سوڍي دي ڳالھہ دا ڀرم رکيم ...

ٻي ڏينهن صبح دا، مڪڻ ۽ ماني دا گره ميڪون ڪويندي سورٹ آپڻي هٿ ٻڌڻ لڳي.

ڏيک .. علي نواز خدا دا سونهن هوئي. اجا نہ وڃ. پلا کهڙي تڪڙ هوئي، اجا تہ مين تيڪون پيار ئي ڪونهي ڪيتا. ميڪون اجا تيڏي پيار دي ضرورت هي. تون نہ وڃ ماءِ ڪون آکيس.. امان ڏيک تہ علي نواز ڳوٹ وڃڻ ڪيتي پر چا ڪولي هنس.

پڦي بہ اکيا... ڪيون پٽ ڪا گهتتائي تي پئي هي ڪيا اساڏي مهمان نوازي وچ . سورٹ رو پئي. مين اڪيومس پلا روءِ نہ مين ڪونهي پيا ويندا هان. پوتي

ڏي پلاند نال سورٺ آپڻي ڳوڙهي اڳهي ڏنڊ ڪڍ تي ڪل پئي. اوين سوڊي ڪون تہ هلڻ دي نڪڙ ڪونہ هئي جو او آپڻي سوٽ نال هر روز ملڻ ويندا ها.

اوين مهني دار ٽيل پروگرام ڏون مهني وچ بدل گيا.

ڏون مهني گذار واپس آپڻي ڳوٺ پئي آيم تہ سورٺ تي اکيان وچ ڳوڙهي هن. ٻاهر تائين آئي هئي.. پچاڙي وچ هٿ ٻڌي اتلا اکياهس. علي نواز... ميکون جلد شادي ڪر گن وچين. تيکون خدا دا واسطا هي.. مين اونڏي ڳوڙهي اگهہ تي پڦي ڪون آکيا هم ...پڦي سورٺ ميڏي هي، متان ٻي هنڏ پرٹان چوڙينس ايڏا ظلم نہ ڪرين.... پڦي ميکون اکيا ها ... علي نواز الکا نہ ڪر سورٺ تيڏي هي... تون شادي ڪر ايکون گن وڃين.

سوڊي تہ وچ ٻني سنياڻي ۽ مين يونيورسٽي وچ داخلا گن تي. اتان ئي هاسٽل وچ رهڻ لڳم.

هڪ فعي ڳوٺ آيم. تہ امان ٻڌايا .. ابا تيڏي سورٺ دي شادي پئي ٿيندي هي... دعوت آئي هي..

ميڏي پيران هيٺون زمين نڪل ڳئي ڏينهن وچ تاري نظر آوڻ لڳي.

امان سورٺ ميڏي هي .. تسان ڪيا. ڪجهہ ڪونہ ڪيتا... هڻ وڃو شادي دي تاريخ طع ڪرائو.

امان سورٺ ميکنون سوا مرويسي... مين اوکنون سواء مر ويسان .

ماءِ اکيا... پٽ مين گهڻي حيلي ڪيتي... پوتيان پيران وچ گتيومس... پر سورٺ دا پيو پڙ ٻڌ تي ٻيهہ رهيا تہ سورٺ مين آپڻي ڀرا دي پٽ ڪون ڏيسان .. جو ڀرا نال وعدا ڪيتا هم ميڻ گهڻي وسس ڪيتم .. پر ميڏا هڪ ٻہ وس نہ هل سگهيا..

امان ۽ بابا والي سورٺ دي شادي وچ شريڪ ٿيون ڪيني گهرون نڪل پئي هن..

ميڏي اڳيان تي ڳوڙهي ختم تي نہ پئي ٿيون... رب جاڻي سورٺ دا ڪيال حال هوسي...

# جھوري جنھن جندڙي

رات جا ٽي ٿيا هئا. آءُ اجا پوري طرح ننڊ ۾ بہ نہ هوس، جو رات جو دير تائين جاڳندي ڏيڍ بجہ کان پوءِ تہ ستوهوس، جو اجا ننڊ بہ نہ آئي هئي، منھنجي هڪ دوست جي فون آئي.... هن ٻڌائيندي چيو تہ ادا... خبر اها آهي .. جو پنھنجي دوست حسن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي، آءُ بستري تي سڌو ٿي ويھندي رڙ واري انداز ۾ پڇانس ٿو.. حسن جو ايڪسيڊنٽ ....؟ ڪٿي ۽ ڪيئن؟

هن چيو مونکي بہ خبر پئي آهي تہ پونم پيٽرول پمپ وٽ، فلاءِ اوور واري ٿنڀي سان هن جي پنھنجي ڪار وڃي لڳي آهي... چڱو وڏو حادثو ٿيو آهي.

الله پاڪ شل حياتي ڏيس... پوءِ اچ تہ هلي اتي پھچون. هن چيو .. توهان پھچو آءُ پھچان ٿو.

آڌي رات جو وقت هو. مون پنھنجي پٽ کي چيو جيڪو LAP TOP ۾ ڪو ڪم ڪري رهيو هو ۽ جاڳيو پئي... هن کي صورتحال ٻڌائيندي چيم تہ گڏجي هلون.

اسان ٻئي جڏا پونم پيٽرول پمپ وٽ پھتا سين. تيستاءِ منھنجو دوست بہ پھچي ويو. اتي پھچي ڏٺم تہ ڪار ٿنڀي سان ٽڪرايل هئي. پر ماڻھن ڪار جي سيٽ ۽ اسٽيئرنگ وچ ۾، ڦاٿل حسن کي ڪڍي ورتو هو. جيڪو هيٺ روڊ تي بيھوش پيل هو. خبر پئي تہ انهي حادثي کي ڪلاڪ کان مٿي جو وقت ٿي ويو آهي.... پر هتي پھتل ٻن حدن جي پوليس وارن ۾ اهو اتڪاءُ ۽ بحث مباحثو هلي رهيو هو تہ حسن کي اسپتال کھڙي حد جي پوليس کڻائي وڃي.....

ٻن پوليس گاڏين ۾ پھتل بي شمار پوليس وارن کان اهو فيصلو نہ پئي ٿي سگھيو تہ اها جاءِ جتي اهو حادثو ٿيو آهي، اها حد کھڙي ٿاڻي جي آهي.

حسن کي مغز وارو ڏڪ لڳل هو.... ڪار جي اندر بي انتها رت وهيل هو ۽ ٻاهر بہ روڊ تي ليٽيل حسن جي مغز ۽ منهن مان رت وهي رهيو هو..

اسان ٻنهي دوستن اتي پهچي... انهن پوليس وارن کي سمجهائيندي چيو ..تہ اسان پنهنجي گاڏي ۾ پنهنجي ذميواري تي ، زخمي کي اسپتال ڏنا پهچايون ۽ اتي هلي توهان بہ فيصلو ڪري ونجو تہ اهو ڪيس ڪهڙي ٿاڻي جو آهي.

مون چيو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ توهان جي فضول جي تڪرار ۾ اسانجو دوست اسان کان جدا نہ ٿي وڃي.. پر پوليس نابري واري بيٺي هئي. تہ هي پوليس ڪيس آهي. توهان ويجها بہ نہ ٿيو ۽ اجايو بحث بہ نہ ڪريو.

عين انهي ٽائيم تي اتان لنگهندڙ هڪ چاچين جي بس اچي بيٺي، جنهن ۾ گهوٽ ڪنوار کان سواءِ، مرد ۽ عورتون بس ۾ سوار هيون. اهي سڀ مرد توڙي عورتون بس مان لهي پيون ۽ حسن کي ڪٽي، بس ۾ وڌائون. پوليس وارن کي انهن چيو ... تہ لال بتي ۾ اچي اهو فيصلو ڪري ونجو تہ هي ڪيس ڪهڙي ٿاڻي جو آهي.

اسان بہ انهن جي پويان پنهنجي گاڏين ۾ روانہ ٿيا سين.

اها بس وارن جي پنهنجي مڙسي هئي، جيڪا انسان جي همدردي طور هڪ نوجوان کي بچائڻ لاءِ ڪئي هئي.... . ها حسن اڃا تہ نوجوان هو. چاليهہ سالن جو مس هو .... شايد نشي ۾ خبر نہ پيس... جو ڪار تيز رفتاري سبب وڃي فلاءِ اوور جي ٿنڀي سان وڃي ٽڪرجي پئي هئي....

بس ٻن ميلن جي مفاصلي تي لال بتي تہ هئي. پنج منٽن ۾ لال بتي پهچي وياسين.

بيهوش حسن کي اسٽريچر تي سمهاري سول اسپتال جي عملي I.C.U ۾ آندو. موجود ڊاڪٽرن حسن جو علاج شروع ڪيو. وڏن ڊاڪٽرن کي طلب ڪيو ويو... اهي ڊاڪٽر اڃا پهتائي ڪو نہ هئا تہ حسن پنهنجو روح پرواز ڪري ڇڏيو هو.... موجود ڊاڪٽرن تصديق ڪئي... تہ هي نوجوان هاڻ هي فاني دنيا ڇڏي چڪو آهي. تيستائين حسن جا وارث بہ پهچي چڪا هئا.

اسان پوليس جي حدن وارن جهڳڙن تي خون جا ڳوڙها وهائي رهيا هئا سين ۽ هن جي لاش سان گڏ روانہ ٿيا سين.

# جي ترسي پوين ھا

گھڻي عرصي بعد بدين ويو ھوس. ھوئن تہ بدين ۾ وڏو عرصو گذاريو اٿم . ھيڪاندا اٺ سال ھتي نوڪري ڪئي ھيم . دوستن جو ھڪ وڏو ھلڪو ھتي ھيو.

شام سج لٿي بس اسٽاپ تي واپس حيدرآباد اچڻ لاءِ ويگن جي پرچڻ جو انتظار پئي ڪيم، اتي ھڪ پراڻو دوست مليو . وڏا پاڪر پائي ملياسين. ڪنھن زماني ۾ تہ سٺو دوست ھيو. پر اڄ ڪيترن سالن بعد مليا ھئاسين. وڏي پاپوہ ۾ سڪ منجھان ملي رھيو ھو. پوءِ وڏيون ميارون بہ ڏنائين تہ اچين ڪونہ ٿو. وساري ڇڏيو اٿئي، ھنجو پيار وارو لھجو ڏسي دل ۾ ٿيو تہ واقعي ھن جي ميار پنھجي جڳھہ تي جائز آھي. بس ويگن پرچڻ ۾ پن ماڻھن جي ڪوٽ ھئي تہ آءُ ھن ڪان موڪلائڻ لڳس تہ پنھنجي سيٽ تي ويھان عين موڪلائڻ واري ٽائيم تي ترسي پوڻ جي صلاح ڪندي چيائين ادا رھين پوين ھا تہ ڏاڍيون ڪچھريون ڪريون ھا. گھر ھل پر تنھنجي پاپي گھر ۾ ڪونھي، پر چانھہ آءُ ئي ناھي وٺندس پر الله ڪري ڪير وارو موٽي نہ ويو ھجي. منھنجي زال مائٽن ويئي آھي، رات جو اچي نہ اچي، پر خير، ماني ڪٿي نہ ڪٿي ڪائي وٺنداسين. ھا اسان وٽ سڄي رات لوڊ شيڊنگ جي ڪري بجلي بہ نہ ھوندي آھي، مڇرن جو تہ آزار آھي سڄي رات ويھي گذاريندا آھيون. ھا ادا شام بہ ٿي ويئي آھي. ستين بجہ ھتان آخري ويگن ويندي آھي. ھن ويگن ڪان پوءِ ھڪ ويگن، جي سواري نہ مليس تہ ھي آخري ويگن آھي.. صبح جو توھانکي آفيس بہ پھچڻو ھوندو، آءُ ھن جي ترسڻ واري صلاح ڪي سمجھي ويو ھوس، موڪلائيندو چيو مانس حيدرآباد مون وٽ اچجان، پاڻ رات جو ڪچھري بہ ڪنداسين، توکي ماني تڪي منھنجي زال پچائي کارائيندي. چانھہ بہ ملندي.

رات جو بجلي جي لوڊ شيڊنگ بہ نہ ٿيندي آھي. مڇرن جو آزار بہ ڪونھي . رات جو توکي ڇڏيندس ئي ڪونہ جو آخري ويگن جو ڪٽڪو ڪجي. رات جون خوب ڪچھري ڪنداسين صبح جو نيرن ڪري آءُ آفيس ويندس تون بدين ھليو وڃجان.

ھن ڪان پاڪر پائي موڪلائي ويگن ۾ وٺيس... ويگن بدين جون حدون اورانھگي حيدرآباد ڏانھن رواني ٿي چڪي ھئي ۽ آءُ ويگن ۾، دل تي دل ۾ ھن جي صلاح واري لفظن کي دھرائيندي، دل ئي دل ۾ مسڪرائي رھيو ھوس.......

# مـــاڻـهـو جـو ٻـچـو

پندرهن سالن جو ڇوڪر..... سڄي گھر جو ڪم ڪار .... ٿانو ٻھاري، ٻھارو پوچو، صفائي ستائي، چنڊ ڦوڪ ۽ گاڏين جي صفائي بعد ٻنپھرن جي ماني، پچائي، گھر جي مالڪياڻي اڳيان رکي ٿو.

انھن تازين پچيل مانين مان ٻہ تازيون مانيون ڪڍي، نوڪر کي ڏيندي، مالڪياڻي چوي ٿي .... ھي مانيون وجي، ڊاگي کي ڏيئي آ.....

ڇوڪرو، مالڪياڻي جي پاليل ڪتي ڊاگي کي مانيون ڏيئي اچي ٿو. اھو ڊاگي... مالڪياڻي جي ايئرڪنڊيشنڊ روم ۾ ھزارين روپين جي صوفہ سيٽ تي ويٺو ھو. پر ۾ ويٺل عاليشان پلنگ تي مالڪياڻي پاليل ٻلي سان پيار ڪندي کير پياري رھي ھئي...

ھڪ ماني ڇوڪر کي ڏيندي چڙپ سان چيائين ھي وٺ ڪاءِ ماني.....

سڄي ڏينھن جو ٿڪل ۽ ساٿو ٿيل ھي ڇوڪرو رات جو گيرج ۾ سمھي رھندو آھي.

# دعائون

جيئن مون گاڏي بيهاري، مٿان اچي، هڪ سهڻي ڇوڪري، جيڪا عمر ۾ نوجوان ننڍي نيٽي هئي. هٿ وڌائيندي، ناز ۽ نخري واري انداز ۾ چيائين، پنجاه روپيہ ڏي .... دعا ڪندي سانءُ... مون چيو مانس ڪهڙي دعا ڪندين. چيائين، لال ڪنوار ملندئي.

چيومانس .... آءُ پوڙهو هينئر سٺ سال جي ڄمار ۾ ڪهڙي لال ڪنوار ملندي، چيائين ، مون جهڙي تہ ملي ويندي....

هو بيشڪ سهڻي هئي، نوجوان هئي، ناز ۽ نخرن جو انداز هيس. . .

منهنجي نظر هن جي وڌيل پيٽ تي پئي.. تقريبا اٺ مهنن جو ٻار پيٽ ۾ هيس...

پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو مانس اهو ٻار ڪنهنجو اٿئي.....

چيائين منهنجي مڙس جو پيو ڪنهنجو...... !

چيومانس . رڳو ٻار ٿو تنهنجي پيٽ ۾ وجهي، پر توکي گهر ۾ ويهاري کارائي نہ ٿو سگهي....

چيائين هو پاڻ پني ٿو، مونکي ڇا کارائيندو.

چيومانس..... اهي دعائون تون پنهنجي مڙس لاءِ ڪر تہ هن حالت ۾ توکي گهر ۾ ويهاري کارائي سگهي.

# آئون بيوه آئون غريب

آءُ هڪ پرائيوٽ اسڪول جي پرنسپال جي آفيس ۾ ويٺو هوس. تہ هڪ مائي اندر آئي ۽ پرنسپال جيڪو اسڪول جو مالڪ هو...... هنڪي هٿ ٻڌي مخاطب ٿيندي چيائين... سائين آءُ غريب بيوه آهيان . منهنجي ننڍڙي توهان جي اسڪول ۾ پڙهي ٿي. هن جي في آءُ نہ ٿي ڀري سگهان. مهرباني ڪري، خدا ترسي ڪريو. في معاف ڪريو.

پرنسپال عورت ڏانهن ڏسندي چيو امان منهنجي اسڪول جي في هوندن تہ پنج سو روپيہ آهي پر توڪان آءُ اڳئي اڍائي سو روپيا وٺان ٿو جو تون غريب آهين. آ.ءُ سڀني غريب پڙهندڙن سان گڏ تنهنجي ننڍڙي کي يونيفارم ۽ ڪتاب مفت ڏيندو آهيان ۽ غريب کان آءُ في بہ اڌ وٺندو آهيان.

اسڪول جو پرنسپال واقعي خدا ترس هو..... هو غريبن جي ٻارڙن کي مفت يا اڌ في ۾ پڙهائيندو هو...... يونيفارم ۽ ڪتاب بہ مفت ڏيندو هو.....

پر اها مائي هٿ ٻڌي ٻاڏائي رهي هئي تہ مون غريب کان في صفا نہ وٺو..

پرنسپال... مائي ڏانهن ڏسندي چيو..... امان تنهنجي وات ۾ ڇا آهي... ڇا پئي کائين.

آءُ اها ٻنهي جي ڳالهہ ٻولهہ خاموشي سان ٻڌي رهيو هوس...

مائي چيو... ابا وات ۾ مين پوري ۽ گٽڪو پيل اٿم..

۽ هٿ ۾ مٺيون سوپاريون هيس..

ادي... هر روز ڪيترن پئسن جو اهو نشو ٿي ڪرين ...

بس ابا، انهن گٽڪن ۽ سوپارين ۾ سو روپيا خرچ اچيو وڃي، مٿان وري چانهہ بہ ٻہ ٽي دفعہ پيان ٿي بس آءُ سڄو ڏينهن پورهيو ڪريان ٿي.... پئسا ٻچن جي ڪاڏي ۽ منهنجن گٽڪن ۾ ئي پورا آهن.

پرنسپال چيو.. هر روز سو روپين جو نشو ڪري مهيني ۾ ٽي هزار نشي ۾ وڃائين ٿي. پر ٻچن جي ننڍڙي جي في جا اڍائي سو روپيا نہ ٿي ڏيئي سگهين.

پرنسپال .. مائي کي ڏاڍو شرمائي رهيو هو پر اها مائي هٿ ٻڌڻ ۽ منٿون ڪرڻ ۾ پوري هئي.. وات ۾ گٽڪو ڪائيندي. روئي ٻاڏائي رهي هئي تہ منهنجي ننڍڙي جي في معاف ڪريو ... آءُ غريب .. آءُ بيوه.

آءُ ماني جي وات ۾ پيل گٽڪي ۽ هٿ ۾ پيل سوپارين جي پڙين کي ڏسي رهيو هوس.

# DEATH CASE

اهو مسلسل پنجون ڇهون دفعو هو جو منهنجي سيڪشن ۾ هڪ اڌ ڄوڻ عمر جي عورت جي روئڻ ، رڙين جي آواز سان ڏاڍيان ڳالهائي رهي هئي. آءُ پنهنجي ڪمري مان اٿي اتي اچان ٿو، پنهنجي آفيس جي Concerned ڪلرڪ کان پڇان ٿو. ته هي ادي ڇو روئي ٿي. هن جو ڇا مسئلو آهي.... آءُ هن مائي کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريان ٿو. پنهنجي ڪلرڪ کي به سڏ ٿو ڪريان.

عورت روئي روئي چئي رهي هئي ته ادا منهنجي مڙس کي گذاري اٺ مهينا ٿيا آهن.... آءُ بيوه. منهنجا يتيم ٻار..... منهنجي مڙس جا پئسا مونکي اڃا نه مليا آهن ... مون پڇيو مانس توهانجوڪيس ڪنهن وٽ آهي ۽ ڪڏهن جمع ٿيو آهي. چيائين توهان جي آفيس ۾ اٺ مهنن کان جمع ٿيل آهي.

اها ڳالهه ممڪن ٿي ڪونهي جو اٺن مهنن کان ڪو ڪيس. اسان جي آفيس ۾ التوا ۾ پيل هجي، يا ته ڪيس پاس ٿي ويندو آهي يا Objection سان واپس ڪيو ويندو آهي. ڪنهن خرچي پاڻي جي حساب سان به نه رڪيل هوندو جو اهو ڪيس Death Case هو...

منهنجو Concerned ڪلرڪ باربار اهو چئي رهيو هو ته سائين اسان امان يعني هن جي مرحوم مڙس جو ڪيس ڳولهيو آهي. اسان In Word ڪتابن کان وٺي ، اڄ جي Diary تائين چيڪ ڪيو، پر ڪٿي به مرحوم جو ڪيس جمع نه ٿيل هو. آءُ سمجهي ويس ته هن جي مرحوم مڙس جيڪو Teacher هو پڪ سان هن جي هيڊ آفيس ۾ ڪيس ڦاٿل هوندو. ٻئي ڏينهن مون انهي آفيس جي هيڊ ڪلرڪ کي سڏايو. اها بيوه عورت به آئي. خبر پئي ته اهو ڪيس اسان جي آفيس ۾ جمع ئي نه ڪيو ويو آهي. شايد خرچي پاڻي جي حساب سان انهن جي آفيس ۾ ڪيس ڦاٿل هو ..... ٻي ڏينهن وري اها بيوه آئي ۽ انهي آفيس جو هيڊ ڪلرڪ به ڪيس کڻي آيو...

مون بيوه عورت کي سمجهائيندي چيو امان توهان هروڀرو اسان جي آفيس وارن کي پٽ پاراتا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا هئا..... توهان جو ڪيس ته توهان جي

آفيس ۾ ئي التوا ۾ پيل هو .... بيوه عورت، پنهنجي آفيس جي هيڊ ڪلرڪ کي پٽ پاراتا ڏيڻ لڳي.

هيڊ ڪلرڪ مونکي ٻہ ڪيس ڏنا جيڪي مون In Word ڪرائڻ لاءِ موڪليا.

هڪڙو ڪيس هن بيوه جي مرحوم مڙس جو جيڪو اٺ مهنہ اڳ گذاري ويو هو.

ٻيو ڪيس رٽائرڊ هڪ زنده ماڻهو جو، جيڪو صرف اٺ ڏينهن اڳ رٽائرڊ ٿيو هو.

مون هيڊ ڪلرڪ کي چيو ..... يار ڪجھہ تہ خيال ڪريو، پيو نہ تہ ڊيٿ ڪيس جو خيال ڪريو...

اٺ مهنا اڳ گزاري ويندڙ ۽ اٺ ڏينهن اڳ رٽائر ٿيندڙ ماڻهن جا ڪيس اڄ گڏ ڪٺي آيا آهيو. ڪجھہ يتيمن جو خيال ڪندا ڪريو.... پر هن جون اکيون صاف صاف ٻڌائي رهيون هيون تہ هن ائين ڇو ڪيو هو...

# ٽريفڪ چالان

ٽريفڪ سگنل تي پهتس، انهي کان اڳ لال بتي ٻري چڪي هئي، پر مون سوچيو، آخري لمحن ۾ آءٌ گاڏي ڪڍي ويندس ۽ گاڏي ڪڍي ٻه ويس ته ٽريفڪ سپاهي فرشتن وانگر سيٽيون وڄائيندي، منهنجي ڪار اڳيان اچي بيهه رهيا، توهان ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪري ڪئي آهي، ٽريفڪ سپاهي مون کي قانون ٻڌايو...

مون چيو مانس، اجا ڳاڙهي بتي مس ٻري هئي، آءٌ نڪري آيو هوس، مون دليل، پنهنجي بچاءَ ۾ ڏيندي چيو.

توهان ڇا ڪندا آهيو؟ هن مون کان پڇيو، مون پنهنجي آفيس جو ڪارڊ ڏيکاريندي چيو مانس، خزانه آفيس ۾ اڪائونٽ آفيسر آهيان، پوءِ ته سائين، توهان جو چالان پڪو آهي، مون چيو مانس، ڀلي چالان ڪريو، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي غلطي جا پئسا گورنمينٽ جي اڪائونٽ ۾ ته ويندا.....

ٻي ٽريفڪ سپاهي سر ڀر ائيندي چيو.

صاحب جو چالان نه ڪر، صاحب خرچي ڏيندو، ٻهرين سپاهي چيو سائين، توهان جي گاڏي ڪمپيوٽر واري ڪئميرا ۾ اچي چڪي آهي، تنهن ڪري توهان کي چالان ڀرڻو پوندو.

مون چيو. بسم الله منهنجي غلطي آهي، تون چالان جي پرچي ڪڍ ته پئسا ڏيانءَ.

سپاهي چيو ڇڏيو سائين چالان کي ٻه سئو رپيا خرچي ڏيو....

مون چيو ٻه سئو رپيا نه سئو رپيا ڏيندس.

ٻنهي سپاهين راضپو ڏيکاريو.

مون چيو مانس اها خرچي ونڊين ته تو واري ڪمپيوٽر واري ڪئميرا توکي خرچي ونڊندي ڏسندي ڪو نه .... ٻئي سپاهي هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. بس سائين سمجهي ويجو... مون ٻه سمجهي ورتو هن منهنجي هٿ مان سئو رپين جو نوٽ ونئي مٺي ۾ بند ڪري ڇڏيو.

تاثراتي ڪهاڻي

# هڪ حقيقت هڪ فسانو

# ”شهر جي هڪ ڇوڪري“

هي انهي زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن تلهار پرسان سعيدپور ڪاليج ۾ سائين محمد هاشم چنه پرنسپال ٿي آيو هو ۽ آءُ بدين جي ٽريزري آفيس ۾ ڪم ڪندو هوس. (Gazitted Audit)جي ٽيبل مليل هئي، يعني بدين ضلع جا جيڪي گزيٽيڊ 17 گريڊ ۽ هن کان مٿي) آفيسرن جي پگهارن جا بل آءُ پاس ڪندو هوس، اهڙي طرح منهنجو واسطو ڊائريڪٽ آفيسرن سان هو، سائين محمد هاشم چنه نئون نئون پرنسپال ٿي آيو هو، هُو انتهائي قابل ۽ بهترين علمي ادبي شخصيت جو مالڪ هو، انهي زماني ۾ منهنجو لکڻ پڙهڻ به عروج تي هو، هر نڪرندڙ سنڌ جي رسالي يا اخبار ۾ منهنجو ڪو نه ڪو مواد شايع ٿيندو رهندو هو، ڪنهن ۾ ڪا ڪهاڻي ته ڪنهن ۾ ڪا شاعري يا ڪنهن ۾ ڪو مضمون به شايع ٿيندو رهندو هو، هلال پاڪستان اخبار جي ايڊيٽوريل صفحي ۾ منهنجو هڪ مضمون نمايان حيثيت سان شايع ٿيو هو. جنهن جو عنوان هو ”شاهه لطيف جي انسانيت سان محبت“ انهن ڏينهن ۾ شاهه ڀٽائي جو عرس مبارڪ ملهائجي رهيو هو، انهي مناسبت سان منهنجو هي مضمون شايع ٿيو هو، جيئن ته سائين محمد هاشم چنه ادب شناس ماڻهو هو ۽ پاڻ ٽريزري آفيس جي حساب سان منهنجو سٺن دوستن ۾ هڪ هو، جيتوڻيڪ پاڻ پرنسپال ۽ گزيٽيڊ آفيسر هو، جو آءُ انهن ادب دوستن ماڻهن ۽ آفيسرن جو گهڻو خيال رکندو هوس. سائين قابل استاد، بهترين منتظم سان گڏ هڪ Active استاد به هو، هو ڪوشش ڪندو رهندو هو ته ڪاليج ۾ غير نصابي سرگرميون به هجن ۽ هر مهيني ٻي مهيني هن ڪاليج ۾ ڪو نه ڪو Function ٿيندو رهندو هو، آفيس جي ڪم جي حساب سان هو سائين منهنجي ويجهو ته هو پر ويتر جو منهنجو مضمون هلال پاڪستان جهڙي مشهور اخبار ۾ پڙهيائين ته مون کي شاباس ڏنائين، سائين مون کان عمر ۾ وڏو هو ۽ حيثيت ۾ به تمام گهڻو مٿي هو، آءُ ته ٽريزري آفيس ۾ 8 گريڊ جو اڪائونٽس ڪلرڪ هوس، پر هن اديب هئڻ تي

مون کي هميشہ شاباسون ڏيئي همتون وڌائيندو هو ۽ چوندو هو، پٽ اڳتي وڌندو رهجان..... ۽ مون کي چيائين تہ آئنده مهيني اسان ڪاليج ۾ ”لطيف ڏي“ پيا ملهايون، منهنجي خواهش آهي تہ اهو مضمون تون انهي فنڪشن ۾ پڙهجان .... تہ مون چيو مانس تہ سائين آءٌ اديب ۽ لکندڙ ضرور آهيان پر اسٽيج تي اچي پڙهڻ سان منهنجون ٽنگون ڏڪنديون آهن ۽ مون کي Tacking power نہ آهي، اسٽيج تي نہ پڙهي سگهندو آهيان، پر هن منهنجي تمام گهڻي حوصلہ افزائي ڪئي ۽ منهنجو حوصلو وڌايائين ۽ مون کي هرحال ۾ دل ٻڌي مقالو پڙهڻ جو زور پريائين، پوءِ هن جي چوڻ تي دل ٻڌم ۽ تياري ڪيم.

انهي زماني ۾ منهنجي پاڙي ۾ هڪ ڇوڪري رهندي هئي ”امينہ بلوچ“ منهنجي عمر هن وقت 22، 23 سال هئي ۽ امينہ بلوچ مون کان ٽي چار سال ننڍي هئي، هونئن تہ هو بلوچ هئا، پر اسان جا مائٽ نہ هئا، پر مائٽن جهڙا لڳ لاڳاپا ضرور هئا، اسان هڪٻئي جي گهر بنا حجاب ايندا ويندا هئاسين، جيئن تہ امينہ اسان جي گهر ايندي هئي ۽ منهنجي ماءُ هن کي قرآن شريف پڙهائيندي هئي ۽ مون سان هو ڇوڪري مڙئي گهڻو ٺهندي هئي، مون سان ڪچهريون ڪندي هئي، اجا وڏيڪ ويجهو ٿيڻ لاءِ مون کي چيائين تہ مون کي ٽيوشن پڙهايو. مون هڪدم ها ڪئي، اسان اجا بہ ويجها ٿي ويا هئاسين، هو انهي ڳالهين کان هٽي ڪري انهي ڳالهہ تي وڏيڪ خوش ٿيندي هئي تہ آءٌ اديب ۽ لکندڙ آهيان هڪ ڏينهن چيائين جنهن بہ رسالي يا اخبار ۾ تنهنجو ڪو بہ مواد شايع ٿئي، اهو مون کي ضرور ڏيندو ڪر ...... ۽ پوءِ چيائين آءُ ڪجهہ لکان تہ منهنجي رهنمائي ڪندين .... مون خوشي سان ها ڪئي ۽ پوءِ هن ننڍڙا ننڍڙا آزاد نظم لکڻ شروع ڪيا ۽ آءُ هن کي غلطيون ڪڍي درست ڪري ڏيندو هوس ۽ پوءِ هن جا نظم بہ ڇپجڻ لڳا، هو منهنجي تمام گهڻن خيالن ۾ بہ ويجهو ٿي چڪي هئي، اسان هڪٻئي جا سهانا سپنا ڏسڻ لڳا هئاسين، جيئن تہ انهي زماني ۾ ڪنهن بہ برائي جو ڪو تصور بہ نہ هو، ۽ نہ ئي فون ۽ موبائل جو ڪو رواج هو، بس اسان هڪٻئي سان ادبي ڪچهريون ۽ ٽيوشن ۽ امان وٽ قرآن شريف پڙهڻ جي بهاني سان اسان هڪٻئي جي قريب تر ٿي ويا هئاسين. جيئن تہ انهي وقت ”امينہ بلوچ“ سعيدپور ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، شايد فرسٽ ايئر پاس ڪري انٽر ۾ آئي هئي.

مون هن سان اها ڳالھ ڪئي تہ سائين محمد هاشم چنہ مون کي ”لطيف ڏي“ جي دعوت بہ ڏني آهي ۽ چيو اٿائين .... تہ مقالو بہ پڙهان تہ هو تمام گهڻو خوش ٿي ۽ مون کي چيائين تہ تون ضرور اچجان ۽ منهنجي سامهون ٿي ويهجان ۽ آءُ توکي اسٽيج تي ڏسڻ چاهيان ٿي ۽ تنهنجي شهرت ڏسڻ چاهيان ٿي.

بس پوءِ مون بہ تياري ڪئي تہ اسٽيج تي مقالو ڪئين پڙهبو آهي ۽ پنهنجي دل جهلڻ ۽ ٽنگون نہ ڏڪڻ جي (Practice) گهر ۾ ڪرڻ لڳس. ڪڏهن ڪڏهن امينہ کي سامهون ويهاري بہ Practice ڪندو هوس. جيئن تہ امينہ مون تي گهڻو زور ڀريو تہ پوءِ چيومانس.... ها تنهنجي چوڻ تي ضرور پڙهندس. اهو ڏينهن اچي ويو. فنڪشن کان ڪجھ ڏينهن اڳ سائين محمد هاشم چنہ مون کي ڪارڊ ڏنو ۽ ايندڙ آچر تي فنڪشن ۾ اچڻ ۽ مقالي پڙهڻ جو چيائين.

آئون پنهنجي بدين ٽريزري جي ٻن دوستن اميد علي لاشاري ۽ محمد بخش ڀرڳڙي سان گڏ سعيدپور ڪاليج پهتاسين، فنڪشن شروع ٿي چڪو هو، اسٽيج جي ڀرسان شاگردياڻيون ويٺل هيون، تمام گهڻيون ڇوڪريون ويٺل هيون، اسٽيج جي سامهون گهڻا ڇوڪرا ويٺل هئا ۽ پهرين صف ۾ بدين ضلع جا خاص چند مهمان ۽ ڪاليج جا استاد ويٺل هئا.

فنڪشن جون ٻہ نشستون رکيل هيون، پهرين نشست ۾ ”شاھ لطيف ڀٽائي“ تي مقالہ پڙهڻ ۽ ٻي نشست محفل موسيقي جي هئي، انهي فنڪشن جي صدارت سنڌ جو عظيم شاعر استاد بخاري ڪري رهيو هو ۽ صدارت تاجل بيوس ڪري رهيو هو ۽ خاص مهمانن ۾ سنڌ جا ٻہ چار نالي وارا اديب بہ هيا.

پهرين نشست شروع ٿي ”امينہ بلوچ“ بلڪل منهنجي سامهون سامهون ۽ ويجهو ويٺي هئي جو مون کي چڱي طرح ڏسي پئي سگهي، ٻن ٽن شاگردن جي مقالي پڙهڻ بعد، مون کي سڏ ڪيو ويو، اسٽيج سيڪريٽري منهنجو تعارف تمام سٺي نموني ڪرايو، مقالو شروع ڪيم، اهو ساڳيو مقالو جيڪو هلال پاڪستان اخبار ۾ ڇپيو هو..... ”شاھ لطيف جي انسانيت سان محبت “ايڏي وڏي اسٽيج ۽ سون جي تعداد ۾ ويٺل سامعين جي اڳيان پڙهڻ جو هي منهنجو پهريون موقعو هو، اسٽيج تي ڊائس اڳيان بيٺم تہ ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، پر ڪجھ منٽن ۾ سنڀالي ورتم، ڊائس اڳيان رکيل هو، پٽ رهجي آئي، مقالو تمام وڏو لکيل هو، جيئن پڙهندو ويس، داد ملندو رهيو تمام گهڻو داد مليو، شايد سڀني کان وڌيڪ تاڙيون بہ

وچنديون رهيون، جيئن هيٺ لٿس مون کي سيني ڀاڪر پائي مبارڪون ڏنيون ۽ سائين محمد هاشم چنه مون کي اڇي ڀاڪر پاتو ۽ داد ڏنو ۽ مبارڪ به ڏني، تمام گهڻي همت افزائي محسوس ڪيم ۽ امينه جون شاباسون ۽ خوشيون مون کي اکين ئي اکين ۾ ملي رهيون هيون، مون کي سعيد پور ڪاليج جو اهو مليل مان ۽ شان اڄ به ياد آهي.

هاڻ محفل موسيقي جي نشست شروع ٿي چڪي هئي، صدارت استاد بخاري ۽ خاص مهمان احمد خان مدهوش هئا، ٻين مڪامي فنڪارن سان گڏ سنڌ جا به عظيم فنڪار، استاد منظور علي سخيراڻي ۽ استاد قمر سومرو خاص فنڪار هئا، انهي محفل جا ....... اسٽيج تي اعلان ڪيو ويو ته ڪير به هن محفل ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ته پنهنجو نالو لکرائي سگهي ٿو، جيئن ته امينه بلوچ منهنجو سٺي مقالي پڙهڻ تي خوش هئي ۽ اسان گڏجي Refreshment به ڪئي هئي، هن پنهنجن سهيلين سان منهنجو تعارف به ڪرايو هو.

مون وڏيڪ هن کي Impress ڪرڻ لاءِ ۽ خاص هن جي لاءِ هڪ ڪلام هن کي ٻڌائڻ پئي چاهيم ته اسٽيج تي وڃي ڪلام ذريعي پنهنجي دل جو حال ٻڌايانس، حالانڪه ضرورت نه هيم، اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي جي دل جي جذبن جي چڱي طرح پروڙ هئي، سو اسٽيج سيڪريٽري وٽ وڃي هڪ ڪلام ڳائڻ لاءِ پنهنجو نالو لکرايم، ڪجهه دير بعد مون کي به سڏ ڪيو ويو، اسٽيج سيڪريٽري مون کي سڏ ڪندي ڪجهه هن طرح چيو ته "اقبال بلوچ" اسان جي تر جو هڪ نالي وارو ادبي نالو آهي، جنهن شاهه لطيف تي اڄ جي محفل ۾ مقالو پڙهي تمام گهڻو داد حاصل ڪيو، اسان جي خوش قسمتي آهي جو هن ڪلام ڳائڻ لاءِ پنهنجو نالو لکرايو آهي، اهڙي طرح هن مون کي سڏ ڪيو، امينه بلوچ ۽ هن جون ساهيڙيون تاڙيون وڄائي رهيون هيون، جيئن ته آءٌ ڪو به فنڪار نه هيس ۽ نه ئي موسيقي بابت ڪا ڄاڻ هئي..... هي به منهنجو پهريون تجربو هو، مون ته صرف امينه کي ٻڌائڻ پئي چاهيو ... حالانڪه فرمائش به ڪري پئي سگهيس.

مون استاد بخاري جو ڪلام جيڪو قمر سومري ڳايو هو ۽ سنڌ ۾ لازوال حيثيت سان مشهور ٿيو هو.

**چڱو دل لڳي جو تو بدلو ڏنو آ**
**جيڪي پڇڻ آيا، تن به رنو آ**

وفادار آهيان وفا ڪم آ منهنجو
پلي ڪر جفا سائين، جفا ڪم آ تنهنجو
ساري رات روئندي روئندي بستر ڀنو آ
جيڪي پڇڻ آيا تن ٻه رنو آ......

جيئن مون ڪلام شروع ڪيو، منهنجو سُر ..... ٻي سرو ٿي ويو، منهنجو آواز هڪ پاسي، موسيقي ٻي پاسي..... آواز ويهڻ لڳو..... دل جي ڌڪ تيز ٿيڻ لڳي..... منهنجو سُر ۽ آواز موسيقار ۽ سازندن سان ملي نہ رهيو هو ۽ منهنجي ڳايل ڪلام تي زبردست قسم جي هوٽنگ شروع ٿي وئي، هڪ مصرع مس ڳائي سگهيس، هوٽنگ ۽ سيٽين جي آوازن مون کي ڪنفيوز ڪري ڇڏيو ۽ آءُ روئڻ هارڪو ٿي ويس ۽ اسٽيج تان لهي آيس.

مون کي هر ڪنهن اهو پئي چيو تہ تو اهو ڇا ڪيو ۽ ڇو ڪيو ..... مون کي ڪا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهي هئي، دل ۾ پريشان ۽ پشيمان ٿي رهيو هوس. جيئن منهنجو ڪلام ختم ٿيو تہ استاد بخاري مون تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ اسان جي سهڻي ۽ سٺي اديب اقبال بلوچ کي آخر ڪهڙي ضرورت هئي جو منهنجي شاعري جي پيڙي پوڙڻ جي ڳائڻ نہ اچي تہ خواري نہ ڪرائجي مٿان قمر سومري کي سڏ ڪيو ويو، هن اچڻ شرط اهو چيو تہ آءُ اهو ئي پهرين ڪلام پڙهايان ٿو جنهن جي اقبال بلوچ پيڙي پوڙي ڇڏي هئي، استاد قمر سومري اهو ئي ڪلام پڙهايو تہ پنڊال ۾ واه واه ٿي وئي هئي.

آءُ پنهنجي شرم ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو هوس جيئن ڪنڌ مٿي ڪيم تہ امينہ ۽ هن جي سهيلن جو گروپ غائب هو ..... آءُ بہ پنڊال مان نڪري دوستن سان گڏ تلهار اچي ويس. مون کي مقالي پڙهڻ ۾ جيڪا شهرت ۽ عزت نصيب ٿي .... اها عزت مون ڪلام ڳائڻ تي وڃائي ڇڏي.

مون کي مليل اها عزت ۽ مليل اها خواري اڄ بہ ياد آهن ۽ سدائين ياد رهندا.

# ويـــران حـويـلي

اهو پهريون دفعو هو جو مون خير محمد جي واتان خود ڪشي ڪرڻ جو لفظ ٻڌو هو. ڪجهہ عرصي کان مايوس ڪندڙ ، زندگي کان بيزار ٿيندڙ، بي چيني ۽ بي قراري جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو هو . پر آءُ هن کي همت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هوس هونئن تہ هو پاڻ بہ انتهائي بهادر همت واريو خو ش لباس ۽ خوش گفتار ماڻهو آهي. هن پنهنجي زندگي بہ هميشہ حوصلي ۽ بهادري سان گذاري آهي. پر اڄ هن جي اکين مان نڪتل ڳوڙها مون پهريون دفعو ڏٺا هئا. هميشہ کلندڙ ، مسڪرائيندڙ ۽ ادب سان شوق رکندڙ ماڻهو، ڪيس لکڻ پڙهڻ جو بہ ڏاڍو شوق اٿس. هو بي شمار ادب پڙهي ۽ لکي چڪو آهي. هاڻ تہ هنجا چار پنج ڪتاب بہ مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن .ڪچهرين جو ڪوڏيو، با اخلاق ، سنجيده طبعيت وارو هي خير محمد هميشہ خوشگوار طبعيت ۾ پنهنجي زندگي گذاري ٿو . انهي ڪري آءُ هنکي هميشہ خوش خيرمحمد جي نالي مان سڏيندو آهيان .

خير محمد منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي. جڏهن هن ٻارهين ڪلاس پاس ڪئي هئي تہ سندس پيءُ گذاري ويو هو . آءُ هنجو اهو واحد دوست هوس جو هن جي پي جي وفات بعد ، تيجهي جي رسمن تائين ، هن سان گڏ ئي ويٺو هوس. تڏي تي هنجا پيا ننڍا ڀائر ۽ مٽ مائٽ تہ موجود هئا، پر مون هنکي ڪڏهن بہ اڪيلو نہ ڇڏيو هو. هر ڏک ۽ سک وارين ڳالهين ۾ مون هنجو ساٿ نہ ڇڏيو هو . انهن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هن جو هڪ ٻئي جيان ساٿ ڏيندو پيو اچان. اسان جي دوستي، ان گهاٽي وڻ جيان آهي، جنهن ۾ ٿڌي ڇانو بہ هوندي آهي تہ ميوو بہ حاصل ٿيندو آهي.

خير محمد جو پيءُ گذاري ويو تہ گهر جو سڄو بار وڏي پٽ هئڻ جي حيثيت ۾ هن جي ننڍڙن ڪلهن تي اچي پيو، توڙي جو هو عمر جو ننڍو هو . پر هن جي ماءُ پنهنجي پٽ کي پڙهائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ خاطر اهو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻي ورتو

هو جو هن گهر ۾ هڪ ننڍڙو دڪان کولي ورتو هو . پاڙي جون سڀ عورتون هن کان شيون ۽ سيڌو سامان خريد ڪري وٺنديون هيون. خير محمد جي گهر ۾ هنجا چار پائر ۽ پيٽون ۽ هڪ ماءُ هيس. پيءُ جي وفات بعد هميشه اهو محسوس پيو ڪندو هو تہ هو ئي هاڻ گهر جو وڏو آهي. هنکي ئي سڀ ڪجهہ سنڀالڻو آهي. هنکي ئي گهر هلائڻو آهي. دل جي هر ڳالهہ مون سان ڪندو هو .. آءُ بہ هنکي همت ڏياريندو رهندو هوس تہ ٿورو اڳتي پڙهي پئو تہ ڪا سٺي نوڪري ملي پئي. ڪلرڪ يا ماستري مان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. مونکي خبر هئي هنکي چار پائرن، ٻن پيٽن گڏي پالڻو آهي. پڙهائڻو آهي، شاديون ڪرڻيون آهن، ماءُ هنکي پڙهايو تہ هن B.A پاس ڪري ورتي تہ هنکي بينڪ جي نوڪري ملي وئي. نوڪري دوران M.A بہ ڪري ورتائين. هن جي ماءُ جا سڀ ڏک ختم ٿي رهيا هئا. آهستي آهستي خير محمد گهر جو وڏو ثابت ٿي ويو هو ۽ گهر کي سنڀالي ورتائين. جيئن تہ بينڪ جي نوڪري سٺي هئي ۽ پگهار بہ سٺو ملندو هوس. هن پنهنجي پاڻ کان ننڍن پائرن ۽ پيٽن کي سنڀالي ورتو هو . سڀني کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ لڳو. آهستي آهستي سڀ پائر ۽ پيٽون اڳتي پڙهي قدم قدم وڌائي رهيا هئا. هاڻ تہ هن بہ شادي ڪري ورتي هئي. ماءُ جي ساٿ ۽ دعائن سان، خير محمد جو گهر هڪ خوشحال ۽ خوشين وارو گهر ٿي پيو هو. نهايت ئي آسودا ٿي پيا هئا. هن جي ماءُ گذاري وئي پر پنهنجي پُٽ کي دعائن سان اُڏي ويئي. هميشہ مونکي چوندو هو تہ الله جو شڪر آهي مونکي ماءُ جون دعائون آهن. مون هن جي ٻچن کي پاليو، ۽ هن مونکي دعائن جا ڍڳ ڏيئي ڇڏيا ۽ منهنجي دنيا آباد ڪري ويئي.

آهستي آهستي زماني جو گاڏو هلندو رهيو. هنجا پائر ۽ پيٽون پڙهي رهيون هيون ۽ هنکي پنهنجا ٻار بہ ٿيڻ لڳا هئا.

خير محمد جيئن آسودگي واري زندگي گذارڻ لڳو. تيئن پنهنجن مائٽن جي غريب ٻارڙن تي بہ هٿ رکڻ لڳو هو . جيڪي ٻار پڙهي نہ سگهندا هئا . يا تعليم جو خرچ نہ پيري سگهندا هئا. انهنکي هو پڙهائڻ لڳو. اسڪول جو خرچ . فيون.

يونيفارم ، ٽيوشن ۽ سيڊو سامان بيواهن ۽ غريبن کي ڏيڻ لڳو. اڄ به ڪيترائي نوجوان، اعلي نوڪري تي پهتل آهن، انهن مان گهڻا، خير محمد جي ڏنل مدد جي ڪري پهتا آهن. ڪيس ڪوڙ سارين بيواهن ۽ يتيمن جون دعائون به رسيل اٿس. هن اڳتي هلي ڪجهه ساٿين ۽ دوستن جي ساٿ ۽ سهڪار سان ٽرسٽ به قائم ڪيو. جنهن ۾ بيواهن جي سار سنڀال لهڻ يتيم ٻارڙن کي پڙهائڻ ، سلائي مشينون وٺي ڏيڻ. تعليم ۽ شادين جي خرچ پڙهائي ڪان وٺي نوڪري وٺي ڏيڻ، هن ڪار خير جا ڪيترا ئي ڪم شروع ڪيا. هنجا ٻه پائر به پڙهي نوڪرين وارا ٿي پيا هئا. اهي به هن سان گڏ هئا. ڀن پيڻن جي شادي ڪرائي ڇڏي هئي. هو به پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ خوشحال زندگي گذاري رهيو هيون. ائين حياتي جا ڪيترا ئي ڏهاڪا گذري چڪا هئا. هو سٺ سالن جو ٿي بينڪ مان رٽائرڊ ٿي چڪو هو . هن بينڪ مان ملندڙ پئسن مان ٽرسٽ کي وڏايو هو ۽ باقائده ميموريل سوسائٽي جو قيام عمل ۾ اچي چڪو هو.

هنجا پنهجا ٻار به نوجوان ٿي چڪا هئا. ٻه وڏا پٽ شادي به ڪري چڪا هئا. ڀن ڌيئرن کي پرڻائي به چڪو هو. هن پنهنجن سڀني پائرن ۽ پٽن کي هڪ ويڙهي ۾ ويهاريو هو. سڀ هڪ هنڌ هئا. هڪ ويڙهي ۾ هڪ وڏي حويلي ۾ ... هنجو گهر حويلي جي نالي سان مشهور هو، اها حويلي سدا مهڪندڙ ۽ سدا آباد هئي. آهستي آهستي وقت ڦري رهيو هو . هنجا پائر نوڪرين وارا ٿي پيا هئا. شاديون ڪري الڳ الڳ ٿي رهيا هئا. نوڪرين ۽ شادين جي بهاني ڪو ڪراچي ته ڪو حيدرآباد لڏي ويو هو . هنکي پائرن جي جدائي جو به وڏو صدمو هو . پر عورتن جي جهڳڙن سبب هو صرف ماٺ ٿي ويندو هو . ائين هن جي شاداب ۽ ڀريل ڀريل حويلي آهستي آهستي خالي ٿي رهي هئي. هنجو اولاد به هاڻ هن سان وڙهڻ لڳو هو ته سڀ ملڪيت ٽرسٽ جي حوالي ڪري چڪو آهي. پنهنجن پائرن ۽ پيڻين تي لٽائي چڪو آهي. هاڻ جيڪو بچيو آهي، اها يتيم ٻارڙن ۽ بيواهن تي لٽائي رهيو آهي. هن جي زال پنهنجن پٽن سان گڏ هئي. هن پنهنجي اولاد کي لکايو پڙهايو...

هڪ پٽ ڊاڪٽر ته هڪ پٽ انجنيئر ٿي چڪا هئا . اهي به اعليٰ مقام تي پهتل هئا.... پئسي لتي ۾ اهي به خوشحال هئا... پر تڏهن به انهن جي نظرن ۾ اهو ته هن پنهنجي فرض نڀايو آهي، سڄي ملڪيت پائرن، پيڻن ۽ ٽرسٽ تي لٽائي ڇڏي آهي. هن هڪ دفعو پنهنجي خوشحال ۽ شاهوڪار ڊاڪٽر پٽ کان ڪجهه پئسا گهريا هئا... هن ڏيڻ کان انڪار ڪندر چيو ته پنهنجا پئسا ميموريل سوسائٽي ۾ لٽائي چڪو آهين. هاڻ اسان کا ٿو گهرين.. اها ڳالهه ياد ڪندي، هو هميشه غمگين ٿي ويندو هو. شايد پنهنجي پٽ جو اهو غم هن ڪڏهن نه وساريو نه آهي. هن پنهنجي اولاد ۽ زال جو ڏنل اهو طعنو به نه وساري سگهيو آهي، جنهن ۾ هنن چيو ته اهو هن سڀ ڪجهه فرض طور ڪيو آهي.... هن پنهنجي پٽن جو اهو جهڳڙو به ڪڏهن نه وساريو آهي، جنهن ۾ هنن ملڪيت ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي.
هن جي گهر ۾ هاڻ هر روز ڀڙڪ متل هوندو هو ... انهي جهڳڙي سبب هنجا سڀ پائر الڳ ٿي ويا هئا.....
پر هنجا پٽ به هاڻ هن سان گڏ رهندي به هنکي اڪيلو ڪري چڪا هئا.... هن جو سوشل بائيڪاٽ ٿيل هو .. هر ڪو پنهنجي پنهنجي زال سان پنهنجي ڪمرن ۾ بند هوندا هئا.... هو محسوس ڪندو هو ته آءُ اڪيلو ٿي ويو آهيان... ڪو به پٽ مون سان ڪچهري نه ٿو ڪري ... سپني جو اهو ئي خيال هو ته هن پنهنجي ملڪيت اسان کي ڏيڻ بجاءِ لٽائي آهي... پائرن کي ڏني آهي.
خوش خير محمد پنهنجي اولاد جي روش سبب اڪيلو ٿي پيو هو. بيمار رهڻ لڳو هو.
خوش خير محمد هاڻ صرف خير محمد وڃي رهيو هو ... هڪ بزرگ پيو اولاد جو روش جو غم ڪيس جهوري رهيو هو. هاڻ جو هنجو گهڻو وقت ٽرسٽ جي آفيس ۾ مون سان گڏ گذرندو هو.
هڪ ڏينهن حسب دستور مون سان حال اوريندي غمگين نظر آيو. هونئن ته هر حال جي هر ڳالهه جي مونکي خبر هئي... جو گهر جو ۽ دل جو سڄو حال مون سان ئي

اوريندو هو .. اڄ مون هن جي اکين ۾ ڳوڙها پهريون دفعو ڏٺا هئا. آهستي آهستي هنجا پٽ حويلي ڇڏي . شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. هو منهنجي اڳيان روئي پيو هو تہ مون کيس ڀاڪر ۾ ڪٽي ڀريو هو . هنکي هن جي بهادري سان گزاريل قدم قدم ياد پئي ڏياريو. هنکي ياد ڏياريم تہ تون ڪيترو نہ بهادر آهين، تنهنجي زندگي ڪيڏي نہ جرئتن سان ۽ بهادري سان گذاري آهي... تہ هن اکين جا ڳوڙها اکين ۾ ئي روڪيندي چيو.. ها ادا اولاد جي روبي مون کي رئاڙي ڇڏيو آهي.. هنن جي تبديل ٿيل روش مونکي جهوري ڇڏيو آهي. منهنجي چوڻ تي هن وعدو ڪيو تہ آئنده خود ڪشي جو لفظ زبان تي نہ آئيندس.

مون هنجا ڳوڙها پنهنجن هٿن سان اگهي ورتا هئا.. اکين مان نڪرڻ کو نہ ڏنا هيم. پر مون بہ سوچيو تہ هن جي پنهنجي اولاد هن جي بهادري کي جهوري رهي هئي، هن جي اولاد هنکي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو . هو سڀ ڪجهہ هوندي اڪيلو ٿي پيو هو. پاڻ کي ويڳاڻو ويڳاڻو محسوس ڪرڻ لڳو هو . هن جي سدا مهڪندڙ ۽ وسندڙ حويلي ، ويران حويلي جو روپ ڏيئي رهي هئي...

منهنجي ساٿ ۽ ٽرسٽ جي ڪمن سبب هو همت وارو تہ ٿي پوندو هو. پر هو هاڻ بيمار رهڻ لڳو هو. اڪيلو ٿي پيو هو . دل چويم ٿي تہ هن جي پٽن کي وڃي سمجهايان تہ توهانجو بابا، توهان کان سواءِ پاڻ کي اڪيلو اڪيلو محسوس ٿو ڪري توهانکي ساري ٿو پر آءُ اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪري سگهيس . ويران حويلي ۾ آءُ هن سان گڏ آهيان، هڪ روشن ستاري جيان، هڪ جرڪندڙ زندگي جيان... اسان ويران حويلي کي آباد ڪريو وينا آهيون. هنکي سڀ ڇڏي ويا آهن ، پر آءُ هن سان گڏ آهيان، هڪ آسري جيان، هڪ اميد جيان ۽ هڪ اعتبار جيان.

# سمبارا پبليڪيشن جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. هاءِ هٽيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي |
| 5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي |
| 7. اوجاڳيل آڱريون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | ”شاد“ جلباڻي |
| 9. رڻ رڙيون ٿوڪري | (شاعري) | نسرين الطاف |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو |
| 11. شاهه لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ |
| 12. ڪنيس ڪويجن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين”فدا“ |
| 14. سويرن جا اُلڪا | (شاعري) | ملزم سومرو |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريډيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اچڻ |
| 19. اکين ۾ مند ميهنوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو |
| 20. سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي |
| 21. بڇهڙي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو |
| 22. ٻانڊي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن ”پياسي“ گبول |
| 24. هينئڙي منجھ هڳاءُ | (شاعري) | مخمور رضا |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي |
| 27. ڀھ ڀھ ڪنڌڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو |
| 28. جاڳ ازل جي | (شاعري) | جاويد سوز هالائي |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساڻي |
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو |
| 31. گيڙوءَ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح |
| 32. من گھريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو |
| 33. مُنهنجي مُئي ڪانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ |

